

2
ليبر پارٽي سنڌ ۾ مارڪسزم جو پرچارڪ
ماهوار
سماجواد
سيپٽمبر 2011
2 سيپٽمبر، ڪامريڊ عاصم آخوند جي ٽين ورسي
ناظمي نظام جي اصليت
مٿو تيل ـ ڪڙو قذافي
اشتراڪي روس جي ٽوڙ ڦوڙ جا ڪارڻ
HUSSAIN
21/8/11

ليبر پارٽي سنڌ ۾ مارڪسزم جو پرچارڪ

ماهوار

سماجواد

حيدرآباد

(2 ڪڙي) سيپٽيمبر 2011ع

قيمت: =/40

لکپڙهه لاءِ ايڊريس
گهر نمبر A/56 نزد گرين ويلي اسڪول
عبدالله ٽائون قاسم آباد حيدرآباد.
Cell # 03443333888
Email:samajwad@gmail.com

فهرست

ايڊيٽوريل

هِن ئي سيپٽمبر مهيني جي 2 تاريخ تي، ٺي سال اڳ، هڪ اهڙي شخص اسان کان موڪلايو هو، جيڪو مارڪسزم جي سمجهه جي نقطئه نگاهه کان، سنڌ ۽ پاڪستان جي هيل تائين جي عرصي جو، سڀ کان قدآور شخص هو. اسانجيءَ هي دعويٰ اڪثر اُهي سياسي دوست رد ڪندا آهن يا انهيءَ دعويٰ تي شڪ ڪندا آهن، جن جون ڪامريڊ عاصم آخوند سان يا ته ايڪڙ ٻيڪڙ، تعارفي ملاقاتون هيون يا وري بنهه نه هيون. اهڙن اعتراضي دوستن، ڪامريڊ عاصم آخوند جي لکڻين کي به ڪڏهن سنجيدگيءَ سان پڙهيو ڪونه هوندو آهي. سندن اعتراضن تي اسان کي ڪو تعجب ڪونهي ڇاڪاڻ ته سنڌ اندر اهڙا دانشور ۽ سياسي حضرت به موجود آهن جيڪي مارڪس جي ڪابه اصلوڪي تصنيف پڙهڻ کانسواءِ مارڪسزم ۽ مارڪس کي وڏي ويٺي ائين رد ڪندا آهن، جيئن ڊارون، مينڊل ۽ بائيولاجي جي تحقيق ۽ ڪم کي سمجهڻ کانسواءِ ئي حياتياتي ارتقائي نظريو رد ڪيو ويندو آهي. سائنس ۽ سائنسدانن سان اِهي جنيون پراڻيون آهن. ڪامريڊ عاصم آخوند به هڪ اهڙو سائنسدان هو جيڪو هڪ اهڙي سائنس دشمن سماج ۽ دور ۾ پيدا ٿيو جتي لفظ ڪامريڊ معنيٰ غنڊو ۽ سياست معنيٰ گار آهي. دراصل سماج اندر رجعتي لهر ۾ تيزي اشتراڪي روس جي اُن ٽوڙ ڦوڙ سان به پيدا ٿي، جنهن مارڪسي فڪر تي سوال پيدا ڪري ڇڏيا يا پراڻي تنقيد کي نئين زندگي بخشي ڇڏي. اهڙن سوالن جا جواب سنڌ ۽ پاڪستان اندر ٽراٽسڪائي ۽ چوپڙي مارڪسزم نه پئي ڏئي سگهيو.

اهڙين حالتن ۾ ڪامريڊ عاصم آخوند منهن مونن ۾ ڪرڻ بجاءِ اڏ اڪري مارڪسزم خلاف نظرياتي جُهد جي سرواٽي شروع ڪئي. ڪامريڊ عاصم آخوند سنڌ جو اُهو سسيفس هو جنهن کي حاوي سياست ۽ نظرين طنز ۽ تنهائي جي پاتال ۾ اڇليو، جتي هو سرمائيداري ۽ انهن جي نظرين کي ”نهه“ ڪندو، پنهنجي ڄاڻ جي پٿر کي ڪٽي هلندو رهيو. ائين ڪونهي ته ڪو ڪامريڊ عاصم اهڙو اڪيلو ڪردار هو. پوري دنيا اندر اهڙن لاتعداد سسيفسن جي مزاحمت ۽ قرباني جو نتيجو آهي جو يورپ، لاطيني آمريڪا ۽ وچ اوڀر سميت پوري دنيا اندر پورهيت تحريڪ وري ڪر کڻي رهي آهي.

خود سنڌ جي ترقي پسند تحريڪ ۾ به اُهي حياتي جا جزا هيا جن عاصم آخوند کي پيدا ڪيو. ڪامريڊ عاصم آخوند عظيم ۽ اعليٰ ان معنيٰ ۾ آهي ته هُن مارڪسزم جو دفاع روايتي، يوٽوپيائي ۽ احساساتي انداز ۾ نه پر عقلي بنيادن تي ڪيو. هُن سنڌ اندر مارڪسزم کي صرف عملي بحثن ۽ دانشوري جي تمغي واري حيثيت کان ٻاهر ڪڍي، ان کي عملي، عوامي سياست جو ڳر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، هڪ اهڙي سياست جيڪا سماج جي مظلوم طبقن، پرتن، قومن ۽ عورتن جي پرجهلو ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ اهڙن مارڪسسٽن جي اٿاٿ ڪونه هئي ۽ نه آهي جيڪي فيورباخ وانگي سماج جي هڪ دائري تي سوچيندي جڙواد (۽ ترقي پسند) هئا ته ٻي پاسي تي وري مايا واد (رجعت پسند) ٿي ويا ٿي، جيڪي

رند کے رند بھی رہے، ہاتھ سے جنت بھی نہ گئی

جي مصداق مارڪسزم جي نالي ۾ ترميم پسندي، تنگ نظر قومپرستي ۽ NGO جي ايجنڊا کي اڳيان ڪندا رهيا. سوال ٿو پيدا ٿئي ته صرف عاصم آخوند ئي ڇو سنڌ جي نئين ايرنڊڙ سياسي شعور کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو؟ جواب آهي ته هُن پنهنجي سامهون مارڪسزم خلاف سنڌ ۽ پاڪستان ۾ موجود ڇِسي تنقيد ۽ سوال نه رکيا. پر هُن انهن بحثن ۽ سوالن تي محنت ڪئي، جيڪي اشتراڪي روس جي زوال کانپوءِ عالمي اشتراڪي فڪر ۽ سياست جي مختلف محاذن تي پيدا ٿي رهيا هيا. ڪامريڊ عاصم سنڌ ۽ پاڪستان اندر قومي، جمهوري ۽ طبقاتي تحريڪ کي نوان بنياد بخشڻ لاءِ ڪنهن موضوعي نظريي جي جوڙجڪ ڪرڻ ۽ نرگسيت ۾ ڦاسڻ بجاءِ پوري تاريخي عملي ۽ علمي حاصلات کي هاڻ سان هنڊايو. هُن مارڪس، اينگلز لينن سميت اهم عالمي انقلابي مفڪرن ۽ رد انقلابين جي سمورين اصلوڪي لکڻين کي پڙهيو. انهيءَ لاءِ ڪيس انگريزي، جرمن ۽ روسي زبانن تي دسترس حاصل ڪرڻي پئي. فلسفي ۾ ڊگري حاصل ڪرڻ سان گڏ هن هيگل، التيوزر، مارڪوزي ۽ گرامچي کي سمجهيو. سندس چوڻ هو ته ”اصلوڪيون لکڻيون پڙهڻ کانپوءِ ئي هڪ شاگرد تفسيرن جو محتاج ٿيڻ بجاءِ خود نئين سري سان معاملن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي اهل بڻجي ٿو. نه صرف ايترو پر ٻي دور جون امڪاني تفسيرون ۽ تشريحون سندس محتاج بڻجي وڃن ٿيون.“ سنڌ

اندر عاصم کان اڳ مارڪسزم جي سمجهه سان اِهو ئي بنيادي مسئلو رهيو آهي. تنهنڪري ڪامريڊ عاصم سنڌ اندر پورهيت تحريڪ جي پستيءَ جو بنيادي ڪارڻ نظرياتي مورچيءَ جي ڪمزوري کي ئي سمجهندو هو. هڪ دفعي، ڪنهن نجي گڏجاڻي ۾ جڏهن ڪامريڊ عاصم، رسول بخش پليجي کان اِهو سوال ڪيو ته ”سنڌ جي مارڪسي (عوامي) تاريخ نه لکي سگهڻ جا ڪهڙا سبب آهن ته پليجي وراڻيو ته ”چاڪاڻ جو مون سميت سنڌ اجان ڪو حقيقي مارڪسسٽ ڄڻيو ئي ڪونهي.“ ڪامريڊ عاصم آخوند جيڪڏهن 33 سالن جي ننڍي ڄمار ۾ وفات نه ڪري ها ته سياڻ جو ترقي پسند اِها شڪايت به نه ڪري ها. بهرحال ڪامريڊ عاصم ڪانپوءِ سندس ساٿين، شاگردن ۽ هم خيالن جو هي سفر اڃان جاري آهي. تاريخ پنهنجا خال خالي ناهي ڇڏيندي. سنڌ جي ترقي پسند تحريڪ ۾ هِن وقت به ڪيترائي املهه هيرا تراشجڻ لاءِ موجود آهن. تاريخ ساز فرد به تاريخ جي پيداوار هوندا آهن ۽ عظيم ماڻهو ڪنهن اتفاقي حادثي نه پر تاريخي اوسر ۾ عوامي تحريڪن منجهان ڦُٽي نڪرندا آهن. سماجي آزادي هڪ پيچيده ۽ گهڻ طرفو عمل آهي. سنڌ ۽ پاڪستان اندر نئين سري سان پنهنجا پيرڙا کڻندڙ ڪميونسٽ تحريڪ جو جوڀن، هڪ نه پر هزارين عاصم آخوندن جو سبب به هوندي ته نتيجو به. اڄ سندس ٽين ورسي جي موقعي تي پنهنجي هِن عظيم استاد ۽ اڳواڻ کي اسين سرخ سلام پيش ڪريون ٿا.

ڏيهي سياسي صورتحال

سنڌ جي وحدت تي ٿيل گهڻ طرفو وار

بخشل ٿلهو

پيپلز پارٽي جي حڪومت، MQM کي راضي ڪندي جڏهن ڪراچي ۽ حيدرآباد کي انتظامي طور الڳ ڪيو ته ڪين شايد انهيءَ عوامي ردعمل جي شدت جو اندازو ئي ڪونه هو جيڪو بعد ۾ ڏسڻ ۾ آيو. سنڌ جي انتظامي ورڇ واري فيصلي کي پيپلز پارٽي پنهنجي غلطي قرار ڏئي، سموري سنڌ مٿان اِهو ڪارو نظام لاڳو ڪري ڇڏيو. اهڙي ريت سنڌ جي وحدت تي وار واري الزام جو تدارڪ ڪرڻ جي ڪوشش ته ڪئي وئي پر ڪراچي، حيدرآباد جي پراڻي بيهڪ ۽ هِن ڪاري ناظمي نظام سميت ڪوڙ سارا مامرا اجا باقي آهن.

بلدياتي نظام وارو سوال

شروع شروع ۾ ته ڪوڙ ساريون سياسي ڌريون ناظمي ۽ ڪمشنري نظام جي تقابلي جائزي وٺڻ کان محروم هيون پر عوامي ردعمل، پيپلز پارٽي خلاف روايتي تضاد، اينڊڙ اليڪشن لاءِ عوامي حمايت، ۽ MQM جي نسل پرست سياست جي حاصلاتن، اڪثر قومپرست تنظيمن کي مجبور ڪيو ته اُهي هڪ پوزيشن تي بيهندي، پنهنجي سياس مزاحمت کي تيز ڪن. جنهن ۾ سنڌ جي انتظامي ورڇ ۽ 2001ع واري بلدياتي نظام کي ته رد ڪيو ويو پر ڪوڙ ساريون پيون اهڙيون تنظيمون به هيون جن ڪمشنري نظام تي سوال اٿاريا ۽ ٻنهي نظامن کي عوام دشمن چئي رد ڪيو. دراصل هِن نقطئه نظر وارين قوتن انهن بنيادن کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي جنهن سبب عوام مشرفي نظام کان پنهنجي بيزاري کي اظهاريو. توڙي جو ڪمشنري نظام تي ڪجهه تحفظات واجب آهن ۽ اِهو به سچ آهي ته ٻنهي نظامن ۾ عملدار شاهي جو ڪردار نون عهدن ۽ نالن ۾ ساڳيو آهي پر اصل سوال ٻنهي نظامن ۾ موجود بلدياتي نظام جي بيهڪ ۽ بدليل ڪردار جو آهي جنهن ۾ هڪ نظام ٻي جي پيٺ ۾، سنڌ جي سياسي ۽ عوامي وحدت کي ناڪاري طور وڌيڪ متاثر ڪري ٿو. انهيءَ جو مقصد اهو ڪونهي ته ٻئي نظام کي غير تنقيدي طور قبول ڪجي پر سوال عوام سان عوام جي فيصلي تي گڏ بيهي، اهڙي پيچيده معامرن تي انهيءَ جي رهنمائي ڪرڻ جو آهي. مثال طور مشرف جي ناظمي نظام تي ئي ڳالهائجي ته پوءِ انهيءَ سبب کي انتهائي گهٽي گهرائي سان سمجهڻ جي ضرورت آهي، جنهن تحت سنڌ جي ڪجهه حڪمران طبقن جي خاندانن، سنڌ اسيمبلي جي سيٽ تي، هڪ ناظمي حاصل ڪرڻ کي فوقيت ڏني. درحقيقت مشرف دور ۾ سنڌ جي وحدت کي ٻن طريقن سان ڌڪيو ويو، هڪ ته ڪراچي ۽ حيدرآباد جي پراڻي بيهڪ جي خاتمي سان ۽ ٻيو وري انهيءَ ناظمي نظام سان، جنهن سبب ضلعا قومي (صوبائي) حڪومتن کان وڌيڪ، مرڪزي حڪومت سان معاشي طور سڌي ريت سلهاڙجي ويا. اختيار جي غير مرڪزيت جي نالي ۾ سنڌ جي قومي وحدت ۽ مرڪزيت کي ڌڪيو ويو. هڪ غير سياسي بنيادن تي چونڊجي آيل ناظم کي تمام گهڻا اختيار ڏئي، ضلعي جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻايو ويو. جڏهن ته رياست ۾ اختيار ڏٽين خوب ڄاتو ٿي ته جاگيرداري جي موجودگيءَ ۾ اختيار جي غير مرڪزيت ۽ نام نهاد

جمهوريت جي هيٺ تائين ورڇ، جاگيردارن جي اختيار ۾ چونڊ کي ئي همٿائيندي. اهڙي ريت ڪامريڊ عاصم بلڪل صحيح چيو هو ته غير سياسي بنيادن تي اهڙا چونڊجي آيل ناظم، سماج ۾ عوام جا نه پر رياست جا نمائندا ٿي ڪم ڪندا آهن ۽ پوءِ اسان چڱي ريت ڏٺو ته سنڌ جا شهر لساني يونٽن ۾، ۽ سنڌ جي ٻهراڙي ڪجهه جاگيردارن جي ڪيٽين ۾ ڪيئن تبديل ٿي يا ڪين تبديل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي. سنڌ جي ٻهراڙي اندر آيل قبائلي تڪرارن ۾ اضافو، هِن دور جو ئي خاصو آهي. جنهن ۾ عوام کي سنڌي نه پر مهر، جتوئي، شر وغيره ٿي سوچڻ تي مجبور ڪيو ويو ۽ ڪين هڪٻئي خلاف هٿياربند ڪري وڙهايو ويو. اهڙي حالتن ۾ ضلعي انتظاميه جو ڪم، سماج جي انهيءَ پراڻي قبائلي ۽ ذاتن جي بنياد تي تفريق کي مستحڪم ڪرڻ ۽ اهڙن تڪرارن ۾ جرڳا ڪرائڻ هو. تنهن ڪري اِهو سمجهڻ گهرجي ته سنڌ جي وحدت تي وار صرف ڪراچي ۽ حيدرآباد لاءِ الڳ بلدياتي نظام سان گڏ ۽ انهيءَ کان به وڌيڪ سنڌ جي عوام جي لساني (جنهن تي هِن ئي مضمون ۾ اڳيان وڌيڪ ڳالهائبو) ۽ قبائلي تفريق آهي. جنهن جي تدارڪ لاءِ عوام دوست قوتن کي هيٺين نُوس مطالبن سان اڳيان اچڻ گهرجي.

1. ناظم جي چونڊ يا اليڪشن سياسي بنيادن تي ٿيڻ گهرجي.
2. ضلعي بجيٽ کي سڌي ريت قومن جي (صوبائي) اسيمبلين جي ماتحت ڪيو وڃي.
3. ناظم يا ميئر جي چونڊ سڌي ريت ٿيڻ گهرجي.
4. ڪراچي ۽ حيدرآباد کي 2001ع کان پراڻي حيثيت ۾ بحال ڪيو وڃي.
5. سنڌ ۾ زرعي سڌارا آڻي، جاگيرداري جو خاتمو آندو وڃي.

سنڌ جي وحدت ۽ عوام جي لساني تفريق

قومپرستن جي سڏ تي 13 آگسٽ واري هڙتال (جنهن کي ڪجهه جمهوريت پسندن ۽ ڪابي ڌر جي تنظيمن جي حمايت به حاصل هئي) سنڌ جي عوام دوست قوتن لاءِ خوش آئند ڳالهه هئي. پر ساڳي وقت قومپرستن جي اتحاد (سنڌ بچايو ڪاميٽي) ۽ هنن حالتن ۾ سنڌن مجموعي سياست جو مختصر جائزو وٺڻ به ضروري آهي. جن سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم ۽ پي پي ڪانپوءِ پاڻ ۾ مختلف تضاد ۽ رجحان رکندي به گڏيل طور هڪ نئين سياسي قوت جي حيثيت ۾ اظهاريو آهي. مثال طور ڪامياب هڙتال کان پهرين جلال محمود شاهه جي ميزباني هيٺ ڪراچي ۾ ٿيل گڏجاڻي کي ئي ڏسجي ته ٽي اهم پاسا نظر اچن ٿا.

(1) هِن گڏجاڻي ۾ اردو يا پشتو ڳالهائيندڙن جو گروپ يا ڪا پارٽي شامل نه هئي. ٽوٽي جو بعد ۾ ANP جي حمايت حاصل ڪئي وئي پر اهڙو ڪو اخباري بيان به سامهون نه آيو جيڪو اردو آبادي کي MQM ۽ PPP جي انهيءَ فيصلي خلاف ڪو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اتساهي. جڏهن ته قومپرست تنظين اندر، اردو ڳالهائيندڙ آبادي کي ميمبر ٿيڻ لاءِ، ماضي ۾ به همٿايو ڪونهي ويو. نتيجتاً انهيءَ گڏجاڻي ۽ هڙتال ڪانپوءِ انهن ڪجهه قومپرستن جي به همت افزائي ٿي جيڪي سنڌ کي پنهنجي سياست ذريعي، پهرين کان ئي نسلي بنيادن تي تقسيم ڪري چڪا آهن. سنڌن اهڙي بيهڪ MQM کي اردو آبادي مٿان پنهنجي نسلي پڪڙ کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪري ٿي. عين ممڪن آهي ته قومپرستن جو اهڙو ردعمل شروعاتي هجي جيڪو قومي جدوجهد جي ڊگهي عمل ۾ پنهنجي نسلي بيهڪ جي نفي به ڪري پر

اڄوڪي حالتن ۾ اهڙي ڪابه سنجيده ڪوشش نظر نه آئي آهي. اٽلندو ڪجهه قومپرست شاگرد تنظيمن گڏجي اهو اعلان ڪيو ته سنڌ يونيورسٽي سميت، سنڌ جي ٻين تعليمي ادارن ۾ اردو ڳالهائيندڙ شاگردن جي رستا روڪ ڪجي، جيستائين ڪراچي جا تعليمي ادارا سنڌي شاگردن تي کوليا نه ٿا وڃن. توڙي جو انهن شاگرد تنظيمن جي پارٽين (Mother organization) اهڙي هَر عمل کي ننديو آهي. پر اهو اڃا ڏسڻ باقي آهي ته هو انهيءَ نندا ۾ ڪيترو سنجيده آهن يا سندن شاگرد ونگون، ڪيترو پارٽي جي چئي آڪي ۾ آهن. ڇاڪاڻ ته هي عمل سنڌ کي نسلي بنيادن تي ورهائڻ جي مترادف آهي. جنهن خلاف عوام دوست قوتن کي واضح مزاحمت سان اڳيان اچڻ گهرجي.

(2) انهيءَ گڏجاڻي ۾ تحريڪ ۾ قومپرستن پاران عالمي قوتن ۽ سامراج خلاف ڪوبه رويو ۽ نقطئه نظر سامهون نه آيو. جڏهن ته آمريڪي ۽ هندستاني عملدارن جون MQM سان سڌيون ملاقاتون، جنرل ڪياني پاران فوج جي ڪور ڪمانڊرن جي اجلاس ڪانپوء، ڪراچي جي حالتن تي تشويش ۽ خود الطاف حسين جا اهي بيان ته عالمي برادري ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مهاجرن جي مسئلي جو نوٽيس وٺي يا وري برطانوي هاءِ ڪميشن طرفان اِها وضاحت ته اسان جو سنڌ اندر نسلي تضاد ۾ ڪو ڪردار ڪونهي، جهڙا معامرا سنڌ اندر موجوده صورتحال ۾ عالمي قوتن جي سڌي سياسي ڪردار کي واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. پر هِن سڄي سامراجي هٿ چراند تي، موقعي پرستاڻي خاموشي اختيار ڪئي وئي. نه صرف ايترو پر ڪجهه قومپرستن پاران سامراج خلاف ڪجهه به ڪڇڻ کي سنڌ دشمني قرار ڏنو ويو. عام حالتن ۾ سامراج دوست پروپيگنڊا، بحراني حالتن ۾ اهڙي ريت پنهنجا اثر ڏيکاريندي آهي. اهڙي صورتحال جنهن ۾ واضح نظرايندو هجي ته عالمي قوتن ۽ سامراج سنڌ اندر ڪهڙين قوتن تي ڪهڙي مقصد آهر هٿ رکيو آهي. ڇا لاءِ اسڪاٽ لينڊ يارڊ لنڊن ۾ عمران فاروق جي موت جي تحقيقات کي ظاهر ڪرڻ کان پاسو ڪيو؟ اتي سنڌ جي قومپرستن طرفان ڪڇان ته ڪافر ٿيان واري حڪمت عملي يا سياست، خوشفهمي کان وڌيڪ موقعي پرستي آهي.

(3) آخري ڳالهه جيڪا هِن گڏجاڻي ۽ تحريڪ ۾ ظاهر ٿئي ٿي سا آهي سنڌ جي قومپرست سياست جو طبقاتي ڪردار يا طبقاتي سوال ڏانهن سندن رويو. گڏجاڻي ۾ ته ڪجهه قومپرست ڌرين ناظمي نظام جي صرف انهيءَ ڪري مخالفت ڪئي ڇو ته اِهو سندن زمين ۽ ملڪيتي ڪردار (Propertied role) لاءِ ڦلدائڪ ڪونه هو. اهڙي ريت هن سماج جي مزدور تحريڪ ۽ ٽريڊ يونين کي مخاطب ٿيڻ بجاءِ انهن قوتن سان سهڪار جي ڪوشش ڪئي جيڪي پهرين کان جاگيردار ۽ سرمائيدار دوست آهن. جيڪي موجود Status-Quo جا حامي ۽ هن رياست جي نمائندگي ڪندڙ آهن.

رياست ۽ قومپرست سياست

اهڙي ريت نسل پرستي، سامراج مخالف مزاحمت جي کوٽ ۽ جاگيردار دوستي اُهي ٽي اهڃاڻ آهن جيڪي PPP، MQM ۽ سنڌ جي اڪثر قومپرستن ۾ يڪسان طور موجود آهن. اِهي ئي اهم نقطا انهيءَ ٽياڪڙي (Triad) جي جوڙ جڪ ڪن ٿا، جتي سماج جو رياست سان، آزادي پسندن جو آزادي ڦريندڙن سان ۽ قومپرستن جو حڪومتي تاجي پيٽي سان تضاد ختم ٿئي ٿو. دراصل سنڌ جي هاڻوڪي قومي تحريڪ پنهنجي غير جمهوري ڳر (Essence) جو اظهار مختلف طريقن سان ڪندي آئي آهي. تازي بحران انهيءَ ڳر کي اڃا وڌيڪ اظهاريو آهي. جنهن ۾ هو نسل پرستي،

سامراج ۽ جاگيردار مخالف ويڙهه جي سرواٽي ڪرڻ کان نااهل ثابت ٿين ٿا. جيڪڏهن سنڌ جي انتظامي ورڇ جو فيصلو پي پي جي سنڌ دوستي ۽ ڪوڙي جمهوريت کي واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي ته پوءِ بشير قريشي پاران ان پير پاڳاري لاءِ اِهو چوڻ ته ”پاڳارو سنڌ آهي ۽ سنڌ پاڳارو آهي“ جيڪو پاڻ کي GHQ جو نمائندو سڏرائيندو آهي يا وري عبدالواحد آريسر پاران ان جلسي ۾ الطاف حسين کي سنڌ جو سچو عاشق قرار ڏيڻ، جنهن جلسي ۾ الطاف ٽيليفونڪ خطاب ڪندي چيو هو ته ”اسان فوج ۽ ISI خلاف هر سازش کي ناڪام بڻائينداسين.“ يا وري قادر مگسي پاران ڪالا باغ ڊيم حامي نواز شريف لاءِ اهو چوڻ ته ”هو پاڪستاني قوم جو سچو اڳواڻ آهي“ ۽ سنڌي قوم تان ئي هٿ کڻڻ ۽ يا وري عوامي تحريڪ پاران جناح جي جنوني ونگار وهڻ، اهو سڀ ڪجهه اهو ٻڌائڻ لاءِ ڪافي آهي ته پيپلز پارٽي وانگي، سنڌ جي قومپرست سياست به سماج جي حقيقي جمهوري جُهد کان گهڻو ڏور آهي. سنڌ جي اڪثر قومپرست ڌرين جي غير جمهوري، پورهيت دشمن، قوم دشمن بيهڪ ئي آهي جيڪا ڪين هِن غير جمهوري رياست لاءِ قابل قبول بڻائي ٿي. ٻين لفظن ۾ سنڌ جا قومپرست هڪ اهڙي سنڌ جي آزادي ۽ خوشحالي لاءِ جاکوڙين ٿا جيڪا سنڌ جي حقيقي عوام (هاري، مزدور، شاگرد، عورتون) کي نه ٿي اظهاري ۽ هڪ تجريد آهي. اهڙي ريت سنڌ جي قومپرستن جي سياست، رياست جي هڪ صورت سان تضاد ته ٻي صورت سان ناهه ۾ هلي رهي آهي. رياستي عسڪري ڳر، جاگيرداري ۽ سامراج اُهي اهم پاسا آهن جن خلاف مزاحمت جي اڻ هوند سبب سنڌ جي قومپرست تحريڪ سماجي بدلاءُ واري انقلابي ڪم کان وانجهجي صرف هڪ نسل پرست تحريڪ ۾ بدلجي وڃي ٿي ۽ هي عوامي سياست جو هڪ مڃيل اصول آهي ته هڪ نسل پرستي (MQM) جو جواب ٻي نسل پرستي ذريعي نه ٿو ڏئي سگهجي. صرف پورهيت دوست سياست ذريعي نسل پرستي، ۽ هِن رياست جو صد باب ڪري سگهجي ٿو ۽ عوام جي حقيقي قومي طبقاتي ۽ جمهوري آزادي کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته سنڌ جي حقيقي وحدت، سنڌ جي عوام جي وحدت آهي. ايتريقدر جو سنڌ جي جاگرافيائي وحدت به، عوامي وحدت سان اٽٽ طور ڳنڍيل آهي ۽ سنڌ جي عوام جي وحدت مان مراد، سنڌ جي اڪثريتي پورهيت عوام جي هيڪڙائي آهي. لفظ عوام کي ٿوس معنيٰ ۾ سمجهڻ گهرجي جنهن جي خلاف حڪمران قوتون، رنگ، نسل ۽ مذهبي متڀيد کان مٿڀرو ٿي پهرين کان ۽ هر دور ۾ متحد رهيون آهن.

موجوده بحران، سنڌ جي عوام تي MQM جي نسل پرستي ۽ پيپلز پارٽي جي ڪوڙي جمهوريت کي واضح ڪري ڇڏيو آهي. پر انهيءَ جاگيردار طبقي کي به ڏسڻ جي ضرورت آهي جنهن کي قومپرستي جي درياءُ مجهان گنگا اشنان ڪرائي پاڪ پوتر ڪري ظاهر ڪيو پيو وڃي ۽ جنهن هر دور ۾ پنهنجي طبقاتي مفادن تي سنڌ ۽ انهيءَ جي وحدت کي قربان ڪيو آهي. چاڪاڻ ته جاگيردار قومپرستي جي آخري پناهه گاهه وري به وڃي نسل پرستي آهي جيڪا سنڌ ۽ انجي پورهيت عوام لاءِ موتمار آهي.

ناظمي سرشتي جي اصليت

عاصم آخوند

(ڪامريڊ عاصم آخوند هي مضمون مئي 2004ع ۾ لکيو هو. جيڪو تڏهن آدرش ۾ ڇاپيو ويو پر موجوده حالتن ۾ جڏهن ته ڪوڙ ساريون سياسي پارٽيون ناظمي نظام کي صرف انتظامي نظام يا اشو ڪري وٺن ٿيون

۽ هِن نظام جي سياسي ڪارڻن ۽ نتيجن کي درگذرڪري وڃن ٿيون. تڏهن هِن مضمون جي افاديت به وڌي وڃي ٿي. ڪامريڊ عاصم آخوند جي ٿين ورسي جي موقعي تي ادارو سندس مضمون وري ڇاپڻ ۾ سرهائي محسوس ڪري رهيو آهي.) **(ادارو)**

پاڪستاني رياست هڪ اهڙو سياسي روپ رکي ٿي جيڪو موجوده سماج سان ڪوبه تعلق نه ٿو رکي ۽ ان ڪري ئي هن ملڪ ۾ سدائين ضابطي هيٺ آيل جمهوريت (Controlled democracy) پئي رهي آهي. پاڪستاني رياست کي سدا اها ضرورت پئي رهي آهي ته فوجي راڄ جي حمايتي سياسي نمائندن کي حڪومتي صورت ۾ برقرار رکيو وڃي ته جيئن سنڌ، بلوچستان، پختونخواهه ۽ پنجاب جي ڏار ڏار مفادن جي ڪوڙيءَ هيڪڙائيءَ وسيلي هن رياست جي اصل جوهر کي سماج ۽ عوام کان لڪائي ڇڏجي. پاڪستان جي سموري تاريخ ڪوڙي عوامي راڄ ۽ فوجي آقائن جي حاڪميت جي تاريخ آهي.

رياستن جا به الڳ روپ ٿين ٿا. رياست جو هڪ قسم انقلابي تحريڪن جي سماج ۾ اٿاٿ جي ڪري سماج مان چونڊيل حڪومت سان ٺاهه ۾ ٿئي ٿو، ان ڪري ئي اهڙن ملڪن ۾ مٿيان استحصالي طبقا سولائيءَ سان جمهوريت کي قائم رکي سگهن ٿا. رياست جو ٻيو روپ سماج ۾ موجود طبقاتي ۽ قومي تضادن ۽ انهن جي سياسي صورت سبب ان جي اهل ڪونهي ته سماج ۾ جمهوري قدرن ۽ روايتن کي اوسر ڏئي سگهي. پاڪستان، فلپائن، ترڪي ۽ انڊونيشيا ان ٻي قسم جي رياست جا نمونا آهن. ان طرح جي رياستن جو وجود رڳو آمريتي نظام جي ذريعي ئي قائم رهي سگهي ٿو.

پاڪستان ۾ ان طرز جون ٻيون رياستون هڪ پاسي عوامي قوتن کي غير سياسي بنائڻ جو عمل ڪن ٿيون، ۽ ٻئي پاسي ڪوڙين سياسي پارٽين جي تشڪيل ڪنديون رهن ٿيون. مسلم ليگ، جماعت اسلامي، ايم ڪيو ايم، جمعيت علماءِ اسلام، سنڌ ڊيموڪريٽڪ الائنس ۽ اهڙيون ٻيون ڪيتريون ئي تنظيمون ان جو مثال آهن.

پاڪستاني رياست جي طاقت جو منطق اهو آهي ته سماج جي طاقت کي ٽوڙي ڏار ڏار حصن ۾ ورهائي ڇڏجي ۽ فوجي راڄ جي صورت ۾ رياستي طاقت کي مرڪزي حيثيت ڏني وڃي. پاڪستان جي پارلياماني نظام جي معذوريءَ جو بنيادي سبب اهو ئي آهي. ان حقيقت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ته هن ملڪ ۾ جمهوريت جي ويڙهه 1971ع ۾ بنگال جي آزاديءَ ۽ ٻئي جي ڦاهيءَ جي نتيجن ۾ نروار ٿي. هي ملڪ پاڪستان هڪ وحدت طور سماجي حيثيت نٿو رکي، ان ڪري ئي جڏهن به هن ملڪ اندر موجود سماج پنهنجي آزاديءَ لاءِ لڙي ٿو، تڏهن هن ملڪ جي موت جو انديشو ۽ امڪان وڌي وڃي ٿو.

پاڪستان جي ڪوڙي سماجي وحدت فوجي حڪمرانن کي مجبور ڪري ٿي ته جمهوريت جي سياسي شڪل ختم ڪري غير سياسي ڪوڙي جمهوريت قائم ڪئي وڃي. پاڪستان ۾ بلدياتي يا ناظمي سرشتو ۽ بنيادي جمهوريت جو نعرو ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهن.

پاڪستان جي تاريخ ۾ جڏهن به آمريتي فوجي راڄ کي گهٽي عرصي تائين سڌو سنئون قائم رکڻ جي ضرورت پيدا ٿي آهي، تڏهن بلدياتي ناظمي راڄ ۽ جوٽيجو ٽائيپ حڪومتن جي تشڪيل عمل ۾ آئي آهي. پهرئين ڏاڪي ۾ فوج سڌو سنئون پاڻ حڪومت جون واڳون سنڀاليون آهن، ٻئي ڏاڪي ۾ سماج ۾ اٿندڙ تحريڪن جي نتيجي ۾ حڪمرانن کي عوامي راڄ جي غير

سياسي شڪل جي ضرورت پئي رهي آهي. ان سلسلي ۾ سماج ۾ موجود استحصالي طبقا يعني وڏيرا، سرمائيدار ۽ سردار پنهنجن طبقاتي مفادن جي پيش نظر فوجي رياست جا، ٿوري يا گهٽي فرق سان، سماجي نمائنده پئي رهيا آهن. ان حقيقت کي به نه وسارڻ گهرجي ته هن ملڪ ۾ فوجي راڄ جي مضبوطيءَ جو بنيادي سبب عالمي سرمائيداري نظام ۽ ان جي نمائنده قوت آمريڪا آهي.

پاڪستاني رياست جي جوڙجڪ جو بنيادي سبب ننڍي ڪنڊ ۾ اڀرندڙ قومي آزاديءَ جون تحريڪون ۽ پورهيت تحريڪن کي ڪچلڻ ۾ پنهان آهي ۽ اهو بنيادي جواز پاڪستان جي سڄي تاريخ ۾ ور ور ڏئي نون روپن ۾ ظاهر ٿيندو رهيو آهي. پاڪستاني رياست ننڍي ڪنڊ جي سماجي سياسي تحريڪن جي پيداوار نه، پر ان جي ابتڙ عالمي سامراج جي ننڍي ڪنڊ تي اقتصادي- سياسي راڄ جو نتيجو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ننڍي ڪنڊ جا وڏيرا ۽ سرمائيدار عالمي سامراج جا ساٿاري بڻيا. پاڪستاني فوج جي حاڪميت جي ڪردار کي به رڳو عالمي سياسي صورتحال وسيلي ئي سمجهي سگهجي ٿو.

وڏي مدي تائين پهرين فوجي آمريت جو، جيڪا ايوب خان جي اڳواڻيءَ هيٺ هئي، جواز سرد جنگ ۾ سوويت يونين مخالف اتحاد حڪمت عملي جو حصو هو. ٻي فوجي ضيائي آمريت جي وڏي عرصي تائين هلڻ جو سبب افغانستان جو "ثور" انقلاب هو ۽ هاڻو ڪي فوجي آمريت پڻ عالمي سامراج جي بچاءَ جي حڪمت عملي جو حصو آهي. ان ڪري پاڪستان ۾ سچي جمهوريت جو قيام هڪ يوٽوپيا آهي. ان جو هرگز اهو مطلب نه آهي ته 83 ۽ 86 جي عوامي تحريڪن جو جهد بي معنيٰ ۽ اجايو هو. پر انهن تحريڪن جو اهو الميو رهيو آهي ته هڪ پاسي اهي پورهيت تحريڪن ۽ قومي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ پاڻ کي بدلائي نه سگهيون ۽ ٻئي پاسي انهن تحريڪن جي قيادت وڏيرن ۽ سرمايدارن جي هٿن ۾ رهي انڪري ئي اهي تحريڪون پاڪستان جي رياستي- سياسي ڍانچي کي ٽوڙڻ ۽ بدلائڻ ۾ ناڪام رهيون.

پاڪستاني رياست ۾ فوجي نظام سياسي- اقتصادي اختيار ۽ ڪردار به پاڻ وٽ محفوظ رکيو آهي. هر پيري هر آمريت پنهنجي اقتدار جي وجود جي ثابتيءَ لاءِ اهو ئي دليل پيش ڪندي رهي آهي ته سياستدانَ ملڪ جي مجموعي مفادن جي دفاع ڪرڻ کان نااهل آهن. دراصل ان جو مطلب اهو آهي ته سماج فوجي رياست جي مفادن کي ڇيهو رسائي ٿو. ايوبي آمريت هجي، يا ضيائي، ساڳيو ئي دليل سياسي حڪومتن جي خلاف استعمال ٿيندو رهيو آهي. پر عوامي جدوجهد جي پيچيده جدلي عمل جي هڪ حاصلات اها به رهي آهي ته فوجي حڪمرانَ ڪوڙي چونڊ سرشتي وسيلي عوام کي راضي ڪرڻ تي مجبور ٿيندا رهيا آهن، ۽ ان ڪوڙي چونڊ سرشتي ۾ بلدياتي يا ناظمي سرشتو هنن جي حڪمت عملي جو حصو رهيو آهي.

بلدياتي يا ناظمي سرشتو هڪ پاسي موجود پارلياماني نظام کي ۽ ڌار ڌار قومن جي صوبائي اسيمبلين کي ڪمزور ڪري ٿو ته ٻئي پاسي عوامي نمائندن کي سڌو سنئون فوج جي اعليٰ اختيارين جو پڇ لٽڪائو بنائي ڇڏي ٿو. اهو سڄو مانڊاڻ پورهيتن ۽ مظلوم قومن جي تحريڪن کي ڇيهو رسائڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو.

ان سڄي نظام جي نتيجي ۾ ناظمن جي صورتحال اها ٿي وڃي بيهي ته هڪ پاسي اهي عوام کي ڪوڙا دلاسا ڏيندا رهن ٿا ۽ ٻئي پاسي رياستي مرڪزي راڄ

ڪان ڪا به اقتصادي واهر حاصل نٿا ڪري سگهن. هڪ ٻي حقيقت به سمجهڻ گهرجي ته وڏن عهدن تي ڪم ڪندڙ ناظمن جي گهڻائي عوام دشمن طبقن يعني وڏيرن ۽ سرمايدارن مان آيل هجي ٿي. ان ڪري عوام آهستي آهستي چونڊ سرشتي کان بيزار ۽سياست کان ئي لاتعلق ٿيندو وڃي ٿو. اهو ئي فوجي راڄ جو مقصد پڻ هجي ٿو. بلدياتي يا ناظمي سرشتو دراصل طاقت کي غير مرڪزي ڪرڻ جي نالي ۾ اگهاڙي فوجي مرڪزيت آهي.

هن ملڪ جي اقتصادي پاليسين ۽ بجيٽ جو تعين هتان جا فوجي حڪمران ئي ڪن ٿا. ان ڪري اتان جو اسيمبليون نام نهاد عوامي ادارا بڻجي وڃن ٿيون ۽ ان ۾ ئي اسيمبلين ۾ ٿيندڙ روز نون تماشن جو سبب سمايل آهي.


صوبائي اسيمبلين جي نااهليءَ جو، يا انهن کي نااهل بنائڻ ۾ بنيادي ڪردار عوام دشمن، سياسي پارٽيون ۽ ناظميءَ جو سرشتو سرانجام ڏئي رهيو آهي. ڏار ڏار علائقن جي ترقياتي بجيٽ جو تعلق اسيمبلين سان نه پر رياست ناظمن ۽ پنهنجن ساٿاري وڏيرن وسيلي قائم ڪري ڇڏيو آهي.جيئن ته چونديل ناظم غير سياسي حيثيت ۾ اليڪشن کٽين ٿا، ان ڪري هو پاڪستاني رياست ۾ موجود آمريتي ٽولي خلاف ڪو به ڪردار ادا ڪرڻ کان نااهل بنجي وڃن ٿا. هر ناظم لاءِ ترقياتي ڪمن جي بجيٽ مرڪز وٽ هجڻ ڪري، هن لاءِ سندس سياسي پارٽي بي معنيٰ ٿي وڃي ٿي. ۽ آخري نتيجي ۾ ناظم جو ڪردار سماج جي نمائندن جي حيثيت وڃائي رياست جي نمائندي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. هاڻ هو پنهنجي آڏو عوام جا مفاد نه، پر ذاتي، طبقاتي ۽ رياستي مفاد رکي ٿو .

هن سڄي بحث مان اها حقيقت واضع ٿي وڃي ٿي ته اهي سياسي تنظيمون جن هنن چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو هو، سي درست هيون .پر بد قسمتي سان قومي ۽ طبقاتي جدوجهدن جي ڪمزوريءَ سبب اڃا هي سڄو ڪوڙ جو مانڊاڻ جاري ۽ ساري آهي.

عالمي سياسي صورتحال

مِٺو تيل - ڪڙو قذافي

فيض ڪيريو



سرمائداري نظام، دنيا کي جنگيون، ڏڪار، نسل ڪشي بک ۽ وائڙاپ ئي ڏئي رهيو آهي. لبيا جي شهر ٽريپولي کان اولهندي جابلو علائقن جي قبيلن ۾ سالن کان سي آءِ اي، MI6 ۽ فرانس جي ايجنسين پاران ”جمهوريت“ جي ڏنل سبق هن مارچ ۾ بن غازي کان منهن ڪڍيو. اڄ سڄي لبيا تي عراق ۽ افغانستان جيان، ڪاري جمهوريت جا ڏٽي ڦٻيل مال تي خوشيون ملهائي رهيا آهن. ويهين صدي ۽ ايڪهين صديءَ ۾ بينڪيتون ٺاهڻ جي طريقي ۾ ٿورو ئي فرق آهي. اڳ ايسٽ انديا ڪمپني جي تحفظ لاءِ سامراجي سڌي ريت قبضا ڪندا هئا هاڻ R2P (Responsibility to Protection) جي طريقي سان قبضا ٿي رهيا آهن. ڪرنل قذافي لبيا جي جديد ارتقا آڏو رڪاوٽ ٿي پي سگهيو پر فرانس، برطانيه ۽ آمريڪا کي بحرين ۽ سعودي بادشاهن خلاف بغاوت نظر نه آئي ۽ نه ئي عراق، افغانستان، صوماليا، لائوس، ڪمبوڊيا، اڪواڊور، پيرو ۽ ٻين آفريڪي ۽ ايشيائي ملڪن ۾ ڪيل نسل ڪشي هنن لاءِ ڪو عيب هو. اسان مارڪسوادين کي ته پڪ هئي پر سنڌ جي سامراج نواز ”ڌرين“ کي (اسان تي شڪ ڪرڻ لاءِ ئي صحيح) سوچڻ گهرجي ته، 1999ع ۾ گڏيل قومن جي انساني ترقي جي اداري پاران شايع ڪيل رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته آمريڪا جيڪڏهن 87 (ستاسي) ارب ڊالر عراق جنگ تي وڃائڻ بدران زمين تي رهندڙ غريبن لاءِ سيڙائي ها ته ڪوبه فرد کاڌي، صحت، گهر ۽ تعليم کانسواءِ نه رهي ها پر هي ايئن نه ڪندا، ڇو ته هنن کي ٻيون جنگيون ڪرڻيون آهن. ناٽو جي آر ٽو پي (R2P) آپريشن 21 آگسٽ جي هڪ ڏينهن ۾ 1300 عام ماڻهو ماريا، 5000 کان مٿي لاپتا آهن. گهر ته ڊاهي پٽ ڪيا ويا پر اسپتالون، اسڪول ۽ يونيورسٽيون به تباهه ڪري رهيا آهن. ناٽو جي ڏٽين، سعودي عرب، گڏيل عرب امارات ۽ قطر لبيا تي حملو ڪهڙي مقصد لاءِ ڪيو؟ هيءَ رياست ۽ سامراج نواز سياسي ڌريون پلي تجزيا ڪري معامرن کي سامراجي قوتن جي پاسي ڪن پر بلوچ، پٺاڻ، سنڌي ۽ پنجابي قومن جي پورهيت دوستن جا ٻار به ڄاڻين ٿا ته اصل معاملو تيل ۽ وچ اوڀر ۾ پيدا ٿيل عوامي جمهوري لهر جي رستا روڪ ڪرڻ آهي.

لبيا جي صورتحال تي ڪجهه مهينا اڳ ”ڊيلي ٽائمز“، ڪامريڊ فڊيل ڪاستروَ جو ليک ڇاپيو هو. جنهن ۾ ڪامريڊ ڄاڻائي ٿو ته، ”بيسڪ آف جاپان“ پريس ذريعي پڌرو ڪيو هو ته، جيڪڏهن الجيريا ۽ لبيا تيل جي پيداوار گهٽائي ڇڏي ته، في بيرل 220 ڊالرن کان به مٿي چڙهي ويندو ۽ آمريڪا اندر ايندڙ معاشي بحران (جيڪو آگسٽ ۾ آيو) عالمي معيشت کي وڏي

بحران جي ور چاڙهي سگهي ٿو."تيل" سامراجي ملڪن لاءِ پيداوار، واپار ۽ جنگيون جاري رکڻ جو اهم ذريعو آهي. آگسٽ جي پهرين ڏينهن ۾ آمريڪي انتظاميه 500 ارب ڊالر وڌيڪ قرض کڻي ڏيوالپڻي کان بچيو آهي. آمريڪا جنگ جي ڪاروبار ۾ سرمايو سيڙائڻ سبب هڪدم 40 کرب روپين جو قرضي ٿي چڪو آهي، هر سال 600 ارب ڊالر رڳو وياج پري ٿو. آمريڪي هاٽوڪي معاشي بحران سڄي دنيا جي وڏن سرمائيدارن تي پڻ اثر ڇڏيا، جاپان پڇي سهارو ڏنس ۽ چين جا ٽي ٽرلين ڊالر ٻڏڻ کان بچيا آهن. 2008ع جو معاشي گهوٽالو اڃا ڦهلجندو، يونان، پورچوگال، اسپين کان پوءِ هاڻ اٽليءَ جي معيشت به زوال پذير آهي. افغانستان جي اندر ناٽو فوج کي تيل جو في گئلن چار سئو کان اٺ سئو ڊالرن ۾ ملي ٿو، (جيڪو پاڪستان ۽ افغانستان اندر ناٽو ٽينڪرن تي حملن کانپوءِ اڃا به مهانگو ٿي ويو آهي) افغانستان جنگ ڏهن سالن کانپوءِ به جاري آهي، عراق، لاطيني آمريڪا، پاڪستان ۽ لبيا ۾ جنگي سيڙپ ڪاري معاشي گهوٽالي کي ويتر وڌائيندي چو ته ناٽو جي ڏٽين لاءِ جيڏانهن ڪيڏانهن معاملا پيچيده ٿيندا وڃن پيا. R2P جي آپشن ڪانسواءِ ناٽو فوج جي ڏٽين وٽ گهوٽالي مان نڪرڻ جو ڏگ کهڙو ٿي پي سگهيو نه ئي ٿي سگهي ٿو چو ته سرمائداري نظام ۾ سامراجي قوتون ڦرلٽ ۽ مارا ماري دوران پيدا ٿيل بحران کي ويتر مارا ماري ۽ ڦرلٽ سان حل ڪن ٿا. جنگ ئي هن رجعتي نظام جو جيئندان آهي.

هڪ ترقي پسند ويب سائيٽ تي بل وان آڪن 24 آگسٽ تي، "لبيا وچ اوپر کي نئي سري سان بيٺڪيت بنائڻ جو نمونو" جي عنوان سان لکيو آهي. بل آڪن چاٽائي ٿو ته، "ذيلڪوو (آمريڪا اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جو اڳوٽو ڪائونسلر، ڪونڊا ليزا رائيس ۽ بش انتظاميه جو اهم ماڻهو آهي. ڊبليو ايچ بش جي دور ۾ به نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جو صلاحڪار رهي چڪو آهي، ايراني نار واري جنگ (گلف پرشن وار) 91-1990ع کان هاٽوڪي آمريڪي پرڏيهي پاليسيون ٺاهڻ ۾ ماهر سمجهيو وڃي ٿو) تازو فنانشل ٽائمز جي ويب سائيٽ تي پنهنجي مضمون ۾، ريپبليڪن جي لبيا خلاف "لبرل مداخلت" واري منصوبابندي کي رد ڪندي اوبامه انتظاميه کي پنهنجي منصوبا بندي Unitry statist modal (يونيٽري اسٽيٽسٽ ماڊل) جي نالي سڏيندي دفاع ۾ لکي ٿو ته، ريپبلڪن جو "لبرل مداخلت" جو منصوبو دراصل سندن لبيا جي گهڻ طرفي حالتن کي نه سمجهڻ جو نتيجو آهي، لبيا جي سياسي، جاگرافيائي ۽ تاريخي حالتن موقعو ڏنو آهي منهنجو زور آهي ته فرانس، برطانيه ۽ آمريڪا باغين جي پٺ پرائي ڪري حملو ڪري ڏين، تازو آيل عرب اُڀار، قذافي مخالف ڌرين جي پوري فائدي ۾ ٿي سگهي ٿو. ڊيلڪوو چئي ٿو ته شام، ايران ۽ سامراج مخالف قوتن کي ختم ڪرڻ جا امڪان لبيا تي مڪمل قبضي سان جڙي سگهن ٿا. لبيا ۽ ٻين عرب رياستن ۾ "جمهوريت" قائم ڪرڻ لاءِ سعودي عرب، گڏيل عرب امارات جي رياستن ۽ قطر پاڳي پائيوار ٿيڻ لاءِ تيار آهن. خاص ڪري قطر گهڻ رخي مدد ڪري سگهي ٿو. ذيلڪوو وٽ لبيا جو مستقبل Tottal، Chervon، BP ۽ Exxon- mobile آئل ڪمپنيون آهن ۽ گهڻ طرفي طاقتن جي چڪتاڻ جي ايڪائي انتظامي سرشتي کي

هلائيندي، ڪيئن هلائيندي اهو اسان طئي ڪنداسون.

بل آڪن لکي ٿو ته، ذيلڪوو + اوبامه انتظاميه جو مقصد، پنهنجي ڳيجهو رياستن مان بادشاهن خلاف بغاوت ختم ڪرڻ تيل قبائڻ ۽ نئين طريقي سان وچ اوڀر کي بينڪيت بڻائي ايران، شام ۽ هاٺوڪي مصر کي منهن ڏيڻ آهي.“

پيپ اسڪوبر جيڪو، ”عالمگير دنيا پاٺياتي جنگ ۾ ڪيئن گهڙي رهي آهي“ ڪتاب جو ليڪ آهي اُهو 24 آگسٽ جي”ديلي ٽائمز“ ۾ لکيل آرٽيڪل ۾ پڌرو ڪري ٿو ته، قذافي حڪومت خلاف باغين جي فوج سي. آءِ. اي ۽ M16 هٿان تيار ڪئي وئي آهي. اهي 140 قبيلا جنهن سان قذافي منهن ڏيندو ٿي آيو، انهن کي ميدان تي لاٿو ويو آهي، هڪ هزار ڪان مٿي ڪماندوز قطر ڪان، عرب امارات ۽ سعودي عرب ڪان به فوجي لاٿا ويا آهن. ڪوسوو ۾ منشيات جو ڌنڌو ڪندڙ گينگ، اولهه لبيا جي جابلو علائقن جا بربري صلافي، سعود گهراڻي جا ويڙهاڪ، ڪولمبيا جي ڊيٿ اسڪواڊ جا اڳوٺا ميمبر، جيڪي گڏيل عرب امارات ۽ قطر مان پرتي ڪرائي ترپولي لاٿا ويا، خود نام نهاد مخالف عبوري حڪومت ٽرانزيشنل نيشنل ڪائونسل جي جوڙجڪ به آمريڪي ۽ برطانوي ڳجهن ادان جو ڪم آهي.

قذافي مخالف قوتن مان سڀ ڪان اڳرو ٽي اين سي جو اڳواڻ مصطفيٰ عبدالجليل 2007ع ڪان 26 فيبروري تائين قذافي حڪومت ۾ انصاف جو وزير رهيو. محمد جبريل اين ٽي سي جي انتظامي ڪميٽيءَ جو چيئرمين، هي قطر جي اميرن جو خاص ماڻهو آهي. لبيا تي قذافي ڪان اڳ حڪومت ڪندڙ بادشاهه ادريس جو پٽ ۽ اٽلي خلاف مزاحمت ڪندڙ عمر مختيار جو پٽ پڻ سامراجي قوتن جي ويجهو آهن. بظاهر ٽي اين سي مضبوط ڏيکاري ٿي وڃي پر فرانس جو سرمايو سمجهيو ويندڙ ۽ ٽي اين سي جو اهم ڪمانڊر عبدل فتاح يونس جو پنهنجي فوج هٿان قتل ٿيڻ، ٽي اين سي جي پڇ ڊاهه جو اظهار آهي، عالمي تجزئي نگار خدشو ظاهر ڪن ٿا ته باغي، سامراجي ايجنڊائن تي مشين جيان ڪم نه ڪندا.

هڪ ڏينهن ۾ 5 لک بيرل تيل پيدا ڪندڙ ملڪ جا 30000 آزاد شهري مارجي چڪا آهن. 2 لک 40 هزار لاپته ۽ 10 لک لڏ پلاڻ ڪري ويل ڌرتي ڌٽي ڪڏهن پنهنجن ماڳن تي موٽندا؟ ڪا خبر ناهي پر ڏيوالپٽي جو شڪار ٿيندڙ بينڪون، اسٽاڪ مارڪيٽون، تيل ڪمپنين جي مالڪن ۽ چاڙتن جي ميڊيا معاملي کي گول ڪرڻ لاءِ، قذافي آمر!!!!، قذافي آمر!!!! پئي ڪري باقي هنن لاءِ لکين ماڻهن جي لاشن جي رپورٽ ڪا معنيٰ نٿي رکي.

R2P آپريشن اجا جاري آهي (آگسٽ - 26) لکين ماڻهو بي گهر ۽ هزارين مري چڪا آهن ته ٻئي طرف سعود گهراڻو، قطر، سعودي عرب، اٽلي، فرانس، گڏيل عرب امارات، چين، برطانيه ۽ آمريڪا بن غازي ڪان پئرس، رياض ڪان واشنگٽن تائين ان ڳڻتي ۾ آهن ته قبضو ڪيل مال جو ٺيڪو ڪيئن ٻين ڪان وڌ ۾ وڌ ڦبائجي. جنهن ڏينهن ترپولي تي 64 ميزائل ڪيرايا ويا ۽ ترپولي جو ڪم تمام ٿيو ته چين جي وزيراعظم گڏيل قومن جي اهم اداڪار بان ڪي مون کي فون ڪري چيو ته لبيا تي رڳو فرانس، آمريڪا ۽ برطانيه جي ئي رٽ نه هلائي وڃي پر اوهان اداري ۾ طئي

ڪرايو. فرانس جي وزيراعظم 25 آگسٽ تي ٽي اين سي جي اڳواڻ محمد جليل سان ملڻ ڪان اڳ بيجنگ ۾ هوجنتائو سان معاملا ٺيڪ ڪري 26 آگسٽ تي اچي محمد جليل سان مليو آهي ۽ چين آسري ۾ آهي ته قبضي ڪان اڳ 1 لک 50 هزار بيرل تيل جي رڪاوٽ نه ٿيندي. لبيا جي تيل تي قطر، آمريڪا، فرانس ۽ برطانيه جي ڪمپنين جو خريد ڪيل اڳواڻن تي زور آهي ته ماٿيءَ مان مکڻ عراق جيان چين، روس ۽ ملائيشيا حوالي نه ڪيو وڃي. قطر جي آئل ڪپمني، اِيڪسن، بي پي، ٽوٽل، اِي اين آءِ جن ئي لبيا تي حملي جي منصوبا بندي ۽ لائحه عمل تائين بنيادي ڏنڊو ڪيو آهي.

لبيا جي مرڪزي بينڪ ۽ ٻين بينڪن ڪي آمريڪي نظام تحت هلائڻ سان آفريڪا ۽ عرب توڙي ايشيا ۾ ڊالر ڪي ڪو نقصان نه آهي. آمريڪي ڊالر ۾ واپار ڪان انڪار ڪندڙ صدام جيان ڪرنل قذافي ڪي به منديءَ ڪي سوڙهو ڪرڻ جي ڏوهه ۾ مارڻ جون تياريون آهن.

يورپي يونين جا ملڪ آمريڪا شام تي پابنديون هٽيو وينا آهن. شام اندر خانه جنگي ڪانپوءِ يورپي يونين، آمريڪا، اسرائيل ۽ برطانيه گڏيل قومن جي اداري ڪي، شام جي بشرالاسد حڪومت خلاف ڪريڪ ڊائون ڪرڻ لاءِ زور ڏئي رهيا آهن. شام تي جيڪڏهن حملو ٿيو ته اِها جنگ ايران تائين پڄڻ جا چٽا امڪان رکي ٿي. هن خطي ۾ سامراجي قوتن جي فوج ڪشي جا اثر آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي سامراج مخالف قوتن تي پئجي رهيا آهن. تنهنڪري پهرين ڏاڪي ۾ لبيا شام جي حق ۾ ٿي بيهي رهيو، اهو سامراج مخالف ڪردار ڪي تيز ڪرڻ آهي. عام رواجي ڪاٻي ڌر جي نام نهاد غير جانبدار ترانسڪائي موقف ڪنهن ڪم جو ڪونهي. آمريت جو بهانو پيش ڪري اِها مخصوص ڪاٻي ڌر سامراج مخالف تحريڪ جي سرواٽي ڪرڻ ڪان محروم ٿي ڏسجي. قذافي حڪومت تي تنقيد ۽ انهيءَ خلاف سياسي عمل جو حق صرف لبيائي عوام ڪي حاصل آهي، نه ڪي عالمي ڳجهن ادارن ۽ مافيائين ڪي. جن ڪي اڄ جي ڪارپوريٽ ميڊيا (BBC، الجيزيره، Fox سميت پوري پرنٽ ميڊيا) عوامي ڪري ظاهر ڪري ٿي. ياد رهي ته پوري آفريڪي کنڊ ۾ اِهو لبيا آهي جتي تيل ۽ اهم معدني وسيلن ڪي قوميائي (Nationalized) آهي. هن عوام جي زندگي جي معيار ۾ اضافو ڪيو آهي. لبيا اندر اسريل انفرا اسٽرڪچر ۽ عوام ڪي تعليم ۽ صحت سميت سموريون سهولتون، آفريڪي آزادي پسند تحريڪن ۽ سامراج مخالف مزاحمت جو پرجهلو ٿيڻ، عالمي مارڪيٽ ۾ تيل ڪي، پنهنجي شرطن تي وڪڻڻ ئي اهڙا ڪم آهن جيڪي ”آمر“ قذافي جا ڏوهه بڻيا ۽ جن جي سزا طور ترپيولي قبضي جي آخري مرحلن ۾ آهي. اُها ٻي ڳالهه آهي ته ڪرنل قذافي ڪي سزا ڏيڻ لاءِ، نام نهاد سيڪيولر آمريڪا ۽ فرانس ڪي، لبيا اندر مذهبي انتها پسند قوتن ڪي به سگهارو ڪرڻو پئجي ويو!!!!!......

<u>ڪامريڊ عاصم آخوند جي ٽين ورسي</u>

سندھ کا بالشویک مفکر، کامریڈ عاصم آخوند

مشتاق علی شان

90 کی دہائی اپنے آغاز سے ہی ایک بہت بڑے طوفان کا پیش خیمہ ثابت ہوئی۔ ایک ایسا طوفان جس کا غبار چھٹنے کے بعد ولادی داستک سے برلن تک نظریاتی سرحدوں دفاع کرنے والی سوویت یونین کی سوشلسٹ ریاست دنیا کے نقشے سے معدوم ہوچکی تھی اور چیک سلاوکیہ اور یوگوسلاویہ کے حصے بخرے ہوچکے تھے۔ پولینڈ، ہنگری، رومانیہ، البانیہ، جنوبی یمن اور ایتھوپیا وغیرہ میں سرخ پرچم سرنگوں تھے اور افغانستان کا ثور انقلاب اپنے بچاؤ کی آخری کوششوں میں مصروف تھا۔ ڈینگ سیاؤپنگ کا "نقاب پوش چین" نہ صرف اپنے چہرے سے سرخ سرکاتے ہوئے مشرف بہ سرمایہ داری ہوچکا تھا بلکہ اس کے جلو میں ویتنام، لاؤس اور کمبوڈیا وغیرہ میں بہی یہی کچھ ہورہا تھا۔ دنیا کے ہر ممبر و مسند سے مارکسزم، لینن ازم کی "موت" کا مژدہ سنایا جارہا تھا اور سوشلزم کی "ناکامی" کی ڈھنڈورے پیٹے جارہے تھے۔ سرمایہ داری کی دلالی کا فریضہ سرانجام دینے والے بورژوا دانشوروں نے ایک طوفان بدتمیزی برپا کیا ہوا تھا، کوئی تاریخ کے خاتمے کا اعلان کر رہا تھا تو کوئی تہذیبوں کی تصادم کے راگ الاپ رہا تھا، کوئی "عالمی حکومت" کا شوشہ چھوڑ رہا تھا تو کوئی سوشلزم کی "جوانمرگی" پر سکھ کا سانس لیتے ہوئے نوید سنا رہا تھا کی اب ہلاکت خیز جنگوں کا خطرہ ٹل گیا ہے۔ صرف یہی نہیں بلک سوویت یونین کی مادی اور اخلاقی امداد کے بل بوتے پر چلنے والی قومی ازادی کی تحریکوں کے متعدد "اعلیٰ دماغ" سامراج کی چوکھٹ پر دریوزہ گری کرتے ہوئے سوشلزم کی "موت" کو قومی آزادی کی تحریکوں کے لیے نیک فال قرار دے رہے تھے۔ اس تباہ کُن صورتحال میں اگر آس و اُمید کے دیئے کہیں روشن تھے تو و کامریڈ کم ال سنگ کا کوریا اور کامریڈ فیڈل کاسترو کا کیوبا تھا یا پھر فلپائن کےجزائر میں مسلح جدوجہد کرنے والے نیو پیپلز آرمی کے کمیونسٹ سرفروش اور وہاں سے ہزاروں میل دور انڈیا میں نکسل باڑی تحریک کے کمیونسٹ گوریلے تھے۔

جس وقت گورباچوف کی پروئسترائیکا اور گلاسنست زدہ ماسکو میں مارکس، اینگلز، لینن اور اسٹالین کے مجسمے گرائے جارہے تھے، ان کی تذلیل کی جارہی تھی اور سرخ پرچم پیروں تلے پامال ہورہے تھے اس وقت ماسکو سے طویل زمانی اور مکانی فاصلے پر واقع وادی مہران کے شہر حیدرآباد میں ایک سولہ، سترہ سالہ نوجوان مارکسزم ازم کی ابتدئی اسباق جذب کرنے میں مصروف تھا۔ کامریڈ تھان ملاکا اور کامریڈ چارومجمددار کی طرح اپنے طبقے سے بغاوت کرنے والا یہ نوجوان بعد ازاں سندھ کے سیاسی و علمی حلقوں میں کامریڈ عاصم آخوند کے نام سے معروف ہوئے۔

کامریڈ عاصم آخوند 6 مئی 1975 کو سندھ کے شہر حیدرآباد کے ایک متمول زمیندار گھرانے میں پیدا ہوئے اور انہوں نے اسی شہر میں ابتدائی تعلیم حاصل کی۔ ان کی شخصیت اور کردار کی تعمیر میں انکی والدہ محترمہ زینت صدیقی کا بڑا عمل تھا۔ یہ ان کی والدہ ہی تھیں جنھوں نے کامریڈ کو مطالعے کی جانب راغب کیا۔ سندھ کے معروف ترقی پسند دانشور سائین ابراہیم جویو کی صحبت میں

ان کے مطالعے اور غور وفکر کا ذوق مزید نکھر کر سامنے آیا۔ اسی عمیق غور وفکر اور مطالعے کی عادت نے انہیں فکرِ انسانی کی سب سے اونچی رسائی، مارکسزم سے روشناس کرایا۔ انقلابی افکار کی جانب ان کا جھکاؤ کسی ناخوشگوار طبقاتی تفریق پر مبنی واقعے کا نتیجہ نہیں تھا بلکہ انہوں نے زبردست مطالعے اور مشاہدے کی راہ سے ہوتے ہوئے علمی تیقن کے بل بوتے پر یہ راہ اختیارکی اور اپنی آخری سانس تک اس کے لیے مصروفِ جہد رہے۔

چونکہ کامریڈ عاصم آخوند مارکسزم کو فکر و عمل کا نظریہ سمجھتے تھے اس لیے وہ نہ صرف علمی بلکہ عملی محاذ پر بھی ڈٹے رہے۔ انہوں نے اپنی سیاسی جدوجہد کا آغاز "سندھ وطن دوست انقلابی پارٹی" سے کیا۔ سوویت یونین کے انہدام کے بعد یہ پارٹی سوشلزم سے توبہ تائب ہوکر تحلیل ہوگئی تو انہوں نے "طبقاتی جدوجہد" نامی بائیں بازو کے گروپ کے ساتھ کام کیا لیکن مارکسزم کی جانب تخلیقی رویہ رکھنے والے کامریڈ عاصم آخوند ان کے منشویک الاصل تصورات کے ساتھ زیادہ عرصے تک نہیں چل سکے۔ بعد ازاں انہوں نے اس موضوع پر "اسٹالین ٹراٹسکی تنازع" کے نام سے اپنے معرکتہ الآرا مضامین تحریر کئے، جس میں انہوں نے روس کی خاتون انقلابی رہنما ویرازا سولچ کے نام کامریڈ اینگلز کے خط سے اس کا پورا تاریخی پس منظر بیان کرتے ہوئے "کامریڈ لینن اور ٹراٹسکی کے درمیان پارٹی کے بارے میں فرق" "کامریڈ اسٹالین کے سیاسی طاقت میں آنے کے اسباب" "انقلاب کا جدلی تصور اور مستقل انقلاب کا نظریہ" "بیورو کریسی اور اسٹالین کا دور" سے لیکر سوویت صنعت کاری اور اجتماعی کسان فارموں کے مسئلے پر ایسی روشنی ڈالی ہے جو نہ صرف انکی بے پانہ تحقیق اور مارکسی علم پر مکمل گرفت کا بین ثبوت ہے بلکہ یہ لیننسٹ نقطئہ نظر سے ایک ایسا جامع اور مکمل تجزیہ ہے جس کی عالمی کمیونسٹ تحریک کی تاریخ میں کوئی نظیر نہیں ملتی اور اس کا شمار بجا طور پر کامریڈ کے بڑے علمی کارناموں میں ہوتا ہے۔ بین الاقوامی معیار کی حامل اس ساری بحث میں کامریڈ عاصم نے ساری گرد کو جھاڑ دیا ہے جو کامریڈ لینن اور انکے انقلابی قافلے میں شریک بزرگ اور انساندوست ناموں کو ڈہانپ رہی تھی۔ انہوں نے ایک سچے بالشویکی کی مانند کامریڈ لینن اور انکے انقلابی افکار کے علم بردار رفقا کے دفاع کا فریضہ سرانجام دیتے ہوئے جھوٹے الزامات کا طومار باندھنے والوں کو زچ کرکے رکھ دیا۔ ان تحریروں میں انہوں نے تاریخی حوالوں سے یہ ثابت کیا کہ یہ تنازع دراصل بالشویک اور منشویک فکر کا ہے اور یہ سارا فکری تضاد اسٹالین اور ٹراٹسکی کا نہیں بلکہ کامریڈ لینن اور ٹراٹسکی کا ہے۔ کامریڈ کی یہ تحریریں آج بھی "میری مثال دے کوئی میرا جواب لا" کا عملی نمونہ ہیں۔

کامریڈ نے 1996 میں کمیونسٹ پارٹی میں شمولیت اختیار کرلی، اس دوران 1999 میں سندھ یونیورسٹی سے فلسفے میں M.A کی ڈگری حاصل کرنے کے بعد وہ مارکسزم کی اعلیٰ تعلیم کی جستجو میں اپنے ذاتی مصارف پر ماسکو چلے گئے جہاں انہوں نے "مارکسی منطق" پر ایم فل کیا۔ کامریڈ نے اپنی غیر معمولی صلاحیتوں اور فلسفے پر دسترس سے اپنے روسی اساتذہ کو چونکا دیا، لیکن روس میں پرکشش ملازمت اور رہائش کی پیشکش انہیں اپنی دھرتی کے کچلے ہوئے انسانوں

کی خدمت سے باز نہیں رکھ سکی۔ 2003 میں روس سے واپس آنے کے کچھ عرصے بعد وہ کمیونسٹ پارٹی میں قیادت کی فقدان اور پارٹی کے غیر فعال ہونے کی وجہ سے الگ ہوگئے۔ انہوں نے خود کو مارکسی نظریات کی ترویج و اشاعت کے لیے وقف کردیا، وہ مباحثہ اور سیکھنے سکھانے کے علم بردار تھے اس سلسلے میں انہوں نے لیکچر پروگرامز، میٹنگز اور سیاسی سرگرمیوں سے لیکر اسٹڈی سرکلز تک کا سلسلہ شروع کر رکھا تھا۔ وہ ایک طرف سندھ یونیورسٹی میں فلسفہ پڑھاتے تھے تودوسری جانب ان کا گھر بھی علمی و فلسفیانہ مباحث کا مرکز ہوا کرتا تھا۔ جنوری 2004 میں کامریڈ نے دیگر ساتھیوں کے ساتھ ملکر سندھی زبان میں بین الاقوامی معیار کے مارکسسٹ جریدے "آدرش" کی بنیاد رکھی۔ یہ جریدہ سندھ میں مارکسی افکار کی ترویج میں ایک سنگِ میل ثابت ہوا، اس نے ایسے انقلابیوں کی کھیپ تیار کی جو آج سندھ کے اندر بائیں بازو کی سیاست میں انتہائی اہم کردار ادا کر رہے ہیں۔

کامریڈ عاصم آخوند کا سب سے بڑا کارنامہ یہ ہے کہ انہوں نے ایک ایسے کڑے وقت میں مارکسزم کا پرچم بلند کرتے ہوئے سوشلزم کے دفاع کا ناگزیر فریضہ سرانجام دیا تھا جب سوویت یونین اور مشرقی یورپ میں سوشلزم کے بحران کے بعد بڑے بڑے جغادری کمیونسٹ یا تو سوشلزم سے توبہ تائب ہوکر مشرف بہ سرمایہ داری ہوگئے تھے یا پھر عینیت پرستی کی اتہاہ گہرائیوں میں دھنستے چلے گئے تھے۔ اُس وقت کسی کو روشنی کی کرنیں مغربی سرمائے کی قحبہ خانوں سے پھوٹتی نظر آئیں تو کوئی بیچاری شاعری کو سجدے کراتے ہوئے کارل مارکس کی داڑھی اور کوٹ سے الجھ رہا تھا۔ کسی نے مارکسی فلسفے کی مرمت کا "گراں بار" اپنے ناتواں کاندھوں پر اٹھالیا تھا تو کوئی لٹھ لیکر سابقہ سوشلسٹ ریاستوں کے عظیم پرولتاری رہنماؤں پر چڑھ دوڑ رہا تھا جنہیں 1991 میں سرمایہ داری کا راستہ ہموار کرنے والے بورژوا کمیونسٹوں سے کوئی علاقہ نہیں تھا۔ کوئی مارکسزم، لینن ازم کے نام پر 1917 کے مسترد شدہ فرسودہ اوراز کا ر رفتہ خیالات کوسچا اور کھرا سوشلزم بنا کر پیش کر رہا تھا تو کوئی قومی سوال کو محض روٹی کا مسئلہ قرار دیکر "عالمی انقلاب" سے کم پر راضی نہیں تھا۔ اس پس منظر میں کامریڈ کو مختلف حلقوں کی جانب سے تضحیک کا نشانہ بھی بنایا گیا مگر و ہ سچائی کے قائل تھے کہ

ع عصر نو کو حکمتِ اوراقِ لینن چاہیے زہرِ
استعار کو تریاقِ لینن چاہیے

سو کامریڈ ایک سچے بالشویکی کی مانند اپنی سرگرمیوں کو جاری و ساری رکھے رہے۔ اس سلسلے میں 1994 میں جب حیدرآباد پریس کلب میں انہوں نے اپنے دیگر ساتھیوں کے ساتھ عظیم اکتوبر انقلاب کی 77 ویں سالگرہ منانے کا اہتمام کیا تو ان کے بارے میں کہا گیا کہ سوشلزم مرگیا ہے لیکن کامریڈ عاصم آخوند اور کامریڈ لطیف لغاری اس کی لاش اب تک کاندھوں پر لیے پھر رہے ہیں۔ لیکن وہ یہ بھول گئے تھے کہ جن انقلابی کی آزادگی شعلہ مقالی ساتھ لائی ہو انہیں تنقید کی بوچھاڑ سے نہیں بجھایا جاسکتا۔ سندھ کا یہ بالشویک مفکر انقلاب کی شاہراہ پر ثابت قدمی سےگامزن رہا اور مایوسی کے اس تاریک دور میں ان کی تحریریں قندیل در قندیل روشن رہیں۔ انتہائی کم عمری میں کامریڈ کو مارکسی فلسفے پر جو دسترس حاصل تھی اس کی کوئی نظیر نہیں ملتی۔ سندھ بھر میں انکی مختلف

مسائل پرلکھی گئی تحریروں کو سند کا درجہ حاصل تھا۔ "آزادی جو فکر" کے نام سے کامریڈ کی تحریروں پر مشتمل کتاب ان کی وفات کی بعد شایع ہوچکی ہے اور سندھ کے سیاسی و علمی حلقوں میں انتہائی اہمیت کی حامل سمجھی جاتی ہے۔ اپنے مافیہ کے اعتبار سے اس کتاب کا مطالعہ نہ صرف سندھ میں بائیں بازو کی سیاست کرنے والے سیاسی رہنماؤں اور کارکنوں کےلیے انتہائی مفید بلکہ ناگزیر ہے۔

"آزادی جو فکر" محض کامریڈ عاصم کی مختلف رسائل و جرائد میں وقتاً فوقتاً شائع ہونے والی تحریروں کا نام نہیں ہے بلکہ یہ ایک ایسے انقلابی کارجز نامہ ہے جو مارکسسٹ، لیننسٹ فکر کے ہتھیاروں سے مکمل طور پر لیس ہے۔ اس کتاب میں کامریڈ کی معترکتہ الآرا تحریریں شامل ہیں۔ اس کتاب میں ان کا مضمون "سندھی زبان کا دفاع" مارکسسٹ، لیننسٹ نقطئہ نظر کا حامل ہے جس میں انہوں نے قوم پرستوں اور بعض سوشلسٹوں کی کم علمی اور سطحی معلومات کے نتیجے میں پیدا ہونے والے فکری مغالطے دور کرنے کی سعی کی ہے۔ کامریڈ عاصم اس مضمون میں لکھتے ہیں کہ "ایک عام فہم پر مشتمل یہ خیال عام ہے کہ ایک کمیونسٹ یا مارکس وادی چونکہ بنیادی طور پر بین الاقوامیت پسند ہوتا ہے اس لیے وہ اپنے وطن اور اس کی ثقافت کے دفاع کے لیے عمل تو درکنار، اس کے لیے متفکر تک نہیں ہوتا۔ لیکن حقیقت یہ ہے کہ سندھ کی سیاسی تنظیوں کی مارکسزم اور قوم پرستی کی تشریح انتہائی سادہ درجے کی ہے۔ اگر سندھ کے شعوری ارتقا کا گہرائی سے مطالعہ کیا جائے تو یہ حقیقت عیاں ہوتی ہے کہ مارکسزم پر سندھی زبان میں موجود کتابیں ابتدائی سطح کی ہیں اور سندھ کی تاریخ، ثقافت اور شعور کے موضوعات پر مارکسی سائنس کی نقطئہ نظر سے کتابیں لکھی ہی نہیں گئی ہیں اور تعارفی طور پر جو تھوڑا بہت لکھا گیا ہے اس مواد کا سندھی سماج پر میکانکی اطلاع کیا گیا ہے۔ یہ سب کچھ مارکسزم کے فکری ارتقا سے عدم واقفیت، سندھی زبان میں تراجم کی عدم دستیابی اور خود سندھی سماج کی سیاسی و اقتصادی سلسلوں کی گہرائی کو نہ سمجھنے کا نتیجہ ہے۔" اسی مضمون میں آگے چل کر کامریڈ لکھتے ہیں کہ "کوئی بھی مارکسٹ نقطئہ نظر رکھنےوالا ناگزیر طور پر کسی بھی زبان کا مخالف نہیں ہوتا نہ ہوسکتا ہے۔ لیکن وہ بھی کسی سماج کے قومی شعور کے ارتقا کو روکنے کا حامی نہین ہوسکتا، عربی، اردو اور انگریزی سندھ کی ثقافت اور سماج کے لیے سطحی اور ثانوی زبانیں ہیں لہذا تعلیمی سرشتے میں ان کی حیثیت بھی ثانوی ہی ہونی چاہیے۔" اس سلسلے میں کامریڈ کی رائے تھی کہ سندھ کے اسکولوں میں ابتدائی پانچ جماعتوں تک سندھی زبان کو بنیادی حیثیت دی جائے اس کے بعد انگریزی، اردو وغیرہ کو لاگو کیا جائے کیونکہ انگریزی وغیرہ کا علم و ادب اس وقت ہی ہمارے لیے کارآمد ثابت ہوسکتا ہے جب ہمارے طلبہ اس کوعوام تک پہچانے کی اہلیت رکھتے ہوں۔ اس طرح کلی طور پر سندھ کی ذہنی و شعوری سطح کے نشو و نما کے حقیقی امکانات پیدا ہونگے۔

کامریڈ قومی سوال اور زبان کے مسئلے پر ایک واضح اور دو ٹوک لیننسٹ موقف رکھتے تھے، اس لیے نہیں کہ وہ سندھی تھے بلک اس لیے کہ وہ ایک سچے مارکس وادی، لینن وادی تھے۔ اگر انہوں نے اس دھرتی کی بجائے کسی اور سرزمین پر جنم لیا ہوتا تب بھی انکا یہی نقطئہ نظر اور موقف ہوتا

جو ایک کمیونسٹ کا ہونا چاہیے۔ اس کا اظہار ہمیں بلوچ قومی تحریک اور دارفور سوڈان میں قومی تشکیل کے موضوعات پر لکھی گئی ان کی تحریروں میں واضح طور پر نظر آتا ہے۔ عاصم دنیا و مافیا سے بیگانہ رہ کر فلسفیانہ گتھیاں سلجھانے والے مفکروں اور دانشوروں کے برعکس اپنے معروض کا گہرا فہم و ادراک رکھتے تھے، امریکی سامراج کا فاشسٹ چہرہ ہو یا امریکا، پاکستان اتحاد کے جلو میں بنیاد پرستی، نیپال کا انقلاب ہو یا پھر یوکرین میں سامراجی طاقتوں کی لڑائی، ان موضوعات پر ان کے تجزیئے ان کی غیر معمولی عصری شعور کی نشاندہی کرتے ہیں۔

کامریڈ عاصم عمر بھر ایک چومکھی لڑائی لڑتے رہے، ایک طرف ان کی خلاف جو مذہب کے نام پر گردنیں کاٹنے کو روا رکھتے ہیں تو دوسری جانب ان کے خلاف جو رجعت کی ماری ہوئی نسل پرستی سے اذہان کو آلودہ کر رہے ہیں۔ ان کی خلاف جو سرمایہ داری کے جلو میں سوشلزم پر حملہ آور ہوئے تو دوسری جانب ان کے خلاف جو سوشلزم کے نام پر مغرب کے مذموم پروپیگنڈے کو پیش کرتے ہوئے عظیم پرولتاری معلمین پر سنگِ دشنام برسارہے ہیں۔ایک مرتبہ کسی سندھی روزنامے میں کسی بزعمِ خود قسم کے دانشور نے فکری لاٹھی چارج کرتے ہوئے ایسی کوشش کی تو کامریڈ عاصم نے علمی و تارریخی بنیادوں پر "غداروں کا قاتل، جوزف اسٹالین" کے عنوان سے اس کا مدلل جواب دیا۔ کامریڈ نے اپنے مضمون کا آغاز ان الفاظ سے کیا "عظیم اکتوبر انقلاب کا بیڑا جب اپنے شاندار سفر پر روانہ ہوا تو اس بیڑے میں متعدد غدار شامل تھے۔ اگر غداروں کے اس ٹولے کو چھوڑ دیا جاتا تو سوویت سوشلسٹ ریاست 70 سال کی بجا محض 10 سال میں ہی اختتام پذیر ہوچکی ہوتی! انہی غداروں کی صفائی کا فریضہ سوشلزم اور کمیونسٹ تحریک کے عظیم رہنما جوزف اسٹالن نے سرانجام دیا۔ سوویت یونین کے شکست و ریخت کا سبب جوزف اسٹالن نہیں بلک سماجی، اقتصادی نظام کی ناپختہ صورتحال تھی۔" اس مضمون اور اسکی اگلی کڑی "کامریڈ لینن اور ایک ملک میں سوشلزم" میں انہوں نے ہر تاریخی جھوٹ کو بے نقاب کرتے ہوئے یہ ثابت کیا ہے کہ ایک ملک میں سوشلزم کا خیال دراصل کامریڈ لینن کا تھا اور یہ کہ اسٹالین کی سیاست کامریڈ لینن کی سیاست کا تسلسل تھا۔ لینن کی 134 ویں سالگرہ کے موقع پر مضمون تحریر کرتے ہوئے انہوں نے لینن کو انسانیت کا ضمیر قرار دیا۔ گذشتہ ایک صدی سے دنیا کے کونے کونے میں کامریڈ لینن کو زبردست خراج تحسین و تائید پیش کیا جارہا ہے لیکن شاید ہی کسی نے لینن کو اتنا مختصر مگر پرکار اور جامع خطاب دیا ہو "انسانیت کا ضمیر" یہ ایک ایسا خراج ہے جو کامریڈ لینن کی انقلابی شخصیت اور عمر بھر کی جدوجہد کا احاطہ کرتا ہے۔

کامریڈ عاصم سماج کے ایک ایسے ماہر نباض تھے جو اس کے مرض اور علاج دونوں سے بخوبی واقف تھے اور اس حیثیت سے انہوں نے سماج کی دکھتی ہوئی رگوں پر ہاتھ رکھا۔ آج جب سندھ کمشنری اور ناظمی نظام کی بخار میں تپ رہا ہے اس کی درست نشاندہی انہوں نے اس وقت ہی کردی تھی جب پرویز مشرف کے آمرانہ دور میں اسے بحال کیا گیا تھا۔ اس زمانے میں کامریڈ نے "ناظمی سرشتے کی اصلیت" کے عنوان سے اپنے مضمون میں اس کا تجزیہ کرتے ہوئے لکھا تھا کہ "پاکستانی ریاست ایک ایسے سیاسی روپ کی حامل

ہے جو موجودہ سماج سے کوئی تعلق نہیں رکھتی اس لیے ملک میں ہمیشہ ضابطے کے تحت آئی جمہوریت (Controlled democracy) ہی رہی ہے۔ پاکستانی ریاست کوہمیشہ یہ ضرورت رہی ہے کہ فوجی راج کے حامی سیاسی نمائندوں کوحکومتی صورت میں برقرار رکھا جائے۔" پاکستانی ریاست کی طاقت کی منطق یہ ہے کہ سماج کی طاقت کو توڑ کر الگ الگ حصوں میں تقسیم کردیا جائے اور فوجی راج کی صورت میں ریاستی طاقت کو مرکزی حیثیت دی جائے۔ پاکستان کے پارلیامانی نظام کی معذوری کا بنیادی سبب بھی یہی ہے۔" جمہوریت کی سیاسی صورت کے خاتمے اور عوامی قوتوں کو غیر سیاسی بنانے کے عمل کی نشاندہی کرتے ہوئے وہ لکھتے ہیں کہ "پاکستان کی مصنوعی سماجی وحدت فوجی حکمرانوں کو اس امر پر مجبور کرتی ہے کہ جمہوریت کی سیاسی صورت ختم کرکے غیر سیاسی اور مصنوعی جمہوریت قائم کی جائے۔ پاکستان میں بلدیاتی یا ناظمی سرشتہ اور بنیادی جمہوریت کا نعرہ اسی سلسلے کی کڑی ہے۔" ناظمی سرشتے سے بھرپور بحث کرنے اور اس کے مختلف پہلوؤں کا جائزہ لینے کےبعد کامریڈ اپنی ماہرانہ را ئے دیتے ہیں کہ "آخری نتیجے کے طور پر ناظم کا کردار سماج کے نمائندے کی حیثیت کھوکر ریاست کے نمائندے میں تبدیل ہوجاتا ہے اور یوں وہ عوام کے مفادات نہیں بلک ذاتی، طبقاتی اور ریاستی مفادات کو اپنے سامنے رکھتا ہے۔"

اسی طرح "فوج، عدلیہ تضاد اور جمہوری تحریک" کے موضوع پر جب انہوں نے قلم اٹھایا تو اس کا جدلی بنیادوں پر تجزیہ کرتے ہوئے اسی چیف جسٹس اور صدر جنرل کے درمیان اقتدار میں حصے کی جنگ قرار دیا۔ اس تحریر میں کامریڈ نے انتہائی اہمیت کا حامل یہ سوال بھی اٹھایا کہ "یہ تو سب کو یقین ہے کہ پاکستان تبدیل ہورہا ہے، لیکن یہ کس طرف جارہا ہے؟ اس سوال کا جواب ابھی تلاش کیا جارہا ہے۔" اسی مضمون میں کامریڈ نے 12 مئی 2007 کو کراچی کی شاہراہوں پر ہونے والی انسانیت سوز واقعات کو فاشسٹوں اور فوجی ٹولے کے اتحاد کے تناظر میں دیکھتے ہوئی لکھا کہ "الیکٹرانک میڈیا کی بدولت پاکستانی سیاست میں پہلی مرتبہ یہ جامع طور پر واضح ہوگیا کہ ایم کیو ایم ایک فاشسٹ سیاسی جماعت ہے اور اس کا اصل کردار سندھ اور سندھیوں کے خلاف عمل پیرا ہونا نہیں بلکہ اس کاجوہر ہر جمہوری، یعنی جنرلوں کی دشمن قوتوں کو کچلنا ہے۔ 12 مئی کے واقعات نے ان تمام قوتوں کو ابھارا جو ایم کیو ایم کے ساتھ ٹکراؤ میں ہیں اور سندھ میں یہ حقیقت واضح ہوگئی کہ وڈیرے، نام نہاد آزادی پسند قوم پرست اور فوج ایک دوسرے کے ساتھ سیاسی اتحاد میں ہیں۔"

انہوں نے جن جن موضوعات پر قلم اٹھایا ہے اس سے پڑھنے والوں پر نت نئے فکری افق روشن ہوتے ہیں "سماجی شعور کی شکلیں" "مذہبی شعور کی شکل" "کمیونزم ایک ارتقائی سلسلہ" "اکتوبر انقلاب اور آج کی دنیا" "انسانی حقوق کی اصلیت" اور "عالمی رجعتی دور اور ترقی پسندی" جیسی متعدد گراں مایہ تحریریں سندھی زبان میں مارکسزم، لینن ازم کا سرمایہ ہیں۔ اس کے علاوہ مارکسی اصطلاحات (Terms) پر ان سوالوں کے جوابات (جو ان سے آدرش میگزین کے ایڈیٹر کی حیثیت سے کئے گئے تھے) اور مارکسزم کے بارے میں ان کی انٹرویو کا مطالعہ نہ صرف متبدی حضرات بلکہ بائیں بازو کے پختہ سیاسی کارکنوں کے لیے بھی اتنا ہی مفید ہے۔

کامریڈ عاصم اخوند ایک ایسی کثیرالجہت شخصیت کا نام ہے جس کے کیےہوئے کام کا احاطہ کرنا انتہائی طوالت کا متقاضی ہے۔ ایک مترجم کی حیثیت سے انہوں نے جو تراجم سندھی زبان میں کئے ہیں اس سے بجا طور پر سندھی کا دامن مارکسی افکار سے مالا مال ہوا ہے۔ یہ تراجم اتنی ہنرمندی سے کئے گئے ہیں کہ اگر پڑھنے والے کو علم نہ ہو تو یہ طبع زاد تحریریں معلوم ہوتی ہیں۔ ان میں "بیورو کریسی اور بیسویں صدی کے سوشلسٹ انقلابات" (پیر کلیس پاولیڈس) "کیوبا کا انقلاب۔ نظریاتی مطالعے کے لیے کچھ نوٹ" (چے گویرا) "وی، آئی لینن اور محنت کش خواتین کی پہلی کانگریس" (الیگزنڈرا کولنتائی) "کیا سرکاری طور پر ایک زبان لازمی ہے؟" (کامریڈ لینن) "فیور باخ پر تھیسس" (کارل مارکس) "دانشور اور محنت کش" (کارل کاؤتسکی) "مشرقی ممالک سے خطاب" (جان ریڈ) اور ایسی دیگر شاندار تحریریں شامل ہیں۔

2007 میں کامریڈ نے اپنے دیگر ساتھیوں کے ہمراہ لیبر پارٹی میں شمولیت اختیار کرلی اور وہ آخری دم تک لیبر پارٹی سے وابستہ رہے۔ ان کی شمولیت سے لیبر پارٹی کو سندھ میں ایک نئی توانائی ملی اور اس سلسلے میں کامریڈ نے اپنا بھرپور کردار ادا کیا۔ وہ لیبر پارٹی کی مرکزی ایگزیکیوٹو کمیٹی کے رکن، پارٹی ترجمان ہفت روزہ "مزدور جدوجہد" کے ادارتی بورڈ ممبر اور پارٹی کی یوتھ اور ایجوکیشن کے سیکریٹری تھے۔ سندھی، اردو، انگریزی اور روسی زبان میں یدطولیٰ رکھنے والے کامریڈ عاصم نہ صرف فلسفے بلکہ اس کے ساتھ ساتھ سیاسیات، معاشیات، ادب، تاریخ اور سماجیات سمیت علمِ موسیقی پر بھی مضبوط گرفت رکھتے تھے۔ روایت شکن کامریڈ نے ایک روسی خاتون "الدینا" سے شادی کی تھی اور ان کے تین بچے ہیں جن میں دو بیٹے اور ایک بیٹی شامل ہے۔

کامریڈ کچھ عرصے سے دل کے عارضے میں مبتلا تھے اور کراچی میں ان کے دو آپریشن ہوچکے تھے۔ 2 ستمبر 2008 کو محض 33 سال کی عمر میں سندھ کے اس بالشویک مفکر نے آپریشن کے بعد پیدا ہونے والی پیچدگی کے سبب کراچی کے آغا خان اسپتال میں انتقال کیا۔ ان کی 33 سالہ مختصر زندگی مسلسل جدوجہد سے عبارت ہے۔ دھرتی کے کچلے ہوئے انسانوں کے لیے اس کی انقلابی خدمات کو ہمیشہ یاد رکھا جائے گا اور جب جب سندھ کی انقلابی تحریک کی تاریخ لکھی جائے گی مورخ کا قلم کامریڈ کو سرخ سلام پیش کرے گا۔ کامریڈ عاصم آخوند نے ایک ایسے وقت میں زندگی کو الوداع کہا جب ان کی بہت زیادہ ضرورت تھی۔ آج وہ جسمانی طور پر ہمارے درمیان نہیں ہیں لیکن ان کا کیا ہوا کام اور عظیم آدرش اس عہدِ ظلمات میں مینارہ نور ہے، کیونکہ بقول کامریڈ کم ال سنگ "جب کسی انسان کی جسمانی زندگی ختم ہوجائے تو اس کی سیاسی سرگرمیاں بھی اس کے ساتھ ہی ختم ہو جاتی ہیں لیکن وہ سیاسی اجتماع جس سے اس کا تعلق ہوتا ہے وہ موجود رہتا ہے اور اس سے انسان کی سیاسی زندگی بھی موجود رہتی ہے۔ ایک انسان کی وہ خدمات جو اس نے اپنے اجتماع کی آزادی اور تخلیقی صلاحیتوں کو پروان چڑھانے کے لیے کی تھیں وہ اجتماع کی سیاسی زندگی کا حصہ بنکر ہمیشہ زندہ رہتی ہیں۔"

ڪامريڊ عاصم جي عظمت کي سرخ سلام

نبي سوهو

ڪامريڊ عاصم آخوند 6 مئي 1975 کان 2 سيپٽمبر 2008 تائين 33 سالن جي مختصر پر جامع زندگي جي سفر ۾ جيڪو علمي، قلمي ۽ عملي پورهيو ڪيو، اهو رائيگان نه ويو پر سندس ساٿي ڪامريڊن ۽ مداح شاگردن جي صورت ۾ اڄ به زنده آهي. جيتوڻيڪ سندس فڪري وسعت جي بلندي تائين رسائي سندس ڪنهن ساٿي جي شايد ممڪن هجي. پر هو ننڍي ڄمار کان ئي گهڻ پاسائو Multi-dimensional رهيو آهي. مطلب ته عاصم آخوند زندگي سان سلهاڙيل انت بحر جي هر پاسي کان شين کي سمجهڻ، پروڙڻ، پرکڻ جو اڙانگهو سفر شروع ڪيو، جيڪو وشال ۽ اڻ کٽ آهي، اٿاه گهرو ۽ وسيع آهي، جنهن سفر جا متلاشي عمر پر حيرت، تجسس ۽ مسلسل ڳولها جي ڪٺن سفر جي ڪري ئي پاتار مان املهه موتي چونڊي اچن ٿا.پر تجسس جي پياس مائي نه ٿي ٿئي پر اڄ وڌندي ٿي رهي. نتيجي طور اها اڄ ڪيترين ئي اُڃن (ڪيڊرن) کي جنم ٿي ڏئي. ڪامريڊ عاصم جدليات تي عبور رکڻ ڪري فطرت، سماج توڙي انساني وجود سان واسطو رکندڙ اندروني توڙي ٻاهرين پيچيدگين کي سولائي سان بيان ڪرڻ جي هنر جي مهارت رکندڙ هو. ڪامريڊ عاصم لکڻ جو ڪم تمام دير سان شروع ڪيو، سندس خيال هو ته اجان شين کي بهتر انداز ۾ سمجهڻ جي ضرورت آهي، ان وقت کان وٺي سندس سادو،سپاجهڙو، فرشته صفت دوست ڪامريڊ نثار لغاري مسلسل لکندو رهيو آهي. جيڪو اڄ تائين ڪرنٽ اشوز تي سولي نموني مارڪسي تناظر ۾واقعاتي انداز ۾ لکندو پيو اچي. مون کي ياد آهي ته ميرپوربٺوري ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي يونٽ ڪولڻ وقت (جنهن ۾ جاويد زنئور جيڪو منهنجو استاد، دوست ۽ پارٽي جي بٺوري سيل جو سيڪريٽري هو.) تڏهن ڪچهري دوران ڪنهن سوال جي جواب ۾ عاصم سمجهائيندي چيو ته پڙهڻ ته پهرين منزل آهي، ان کان پوءِ ڪڙهڻ هوندو آهي، آخر ۾ آئرڻ جي ڪيفيت انسان ۾ ظاهر ٿيندي آهي، تڏهن هو پڇي راس ٿيندو آهي. عقل حيران رهجي ويو. ان انداز ۾ شين کي جانچڻ ۽ ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ جو هنر مون صرف عاصم جي عظيم شخصيت ۾ ڏٺو. ان کان پوءِ ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو. ڪڏهن ڪامريڊ امداد قاضي جي گهر تي ملاقات ٿيندي هئي، جيڪو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو جنرل سيڪريٽري هو، جيڪو روس جي ٽٽڻ کان پوءِ پراڻن ڪامريڊن مان اڪيلو ماڻهو هو جيڪو ان صورتحال ۾ به سوشلزم جي پرچار ڪندو رهيو آهي. عاصم سان گهڻيون ملاقاتون سندس گهر تي ٿيون، جتي اڪثر اسٽڊي سرڪل هلندڙ هئا. پهريون دفعو مون جدليات کي مثالن ذريعي سولي انداز ۾ڪامريڊ عاصم جي ليڪچرن مان سمجهيو. سندس حافظي ۽ ذهانت جو ڪو جواب ئي نه هو. فلسفي ۽ تاريخ کي گهري ۽ وسيع انداز ۾ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو ان وقت رواج نه هو. سڀ سياسي پارٽيون نظريات جي واڌ ويجهه کان ان دور کان وٺي ڪترائينديون ٿيون اچن. ان دور ۾ ڪامريڊ عاصم مارڪسزم جي نظريه جي پرچار ڪندو وتندو هو. اڄ به هر شعبي يا مڪتبه فڪر ۾ٿورڙا اهڙا ليڊر يا ڪارڪن هوندا آهن، جيڪي علم توڙي هنر کي عام ڪرڻ ۾ فراخدلي جو مظاهرو ڪندا آهن، ڪي ته پراڻن موسيقارن، ڳوين ۽ حڪيمن وانگي فن ۽ علم کي قبر ۾ پاڻ سان گڏ کڻي ويندا آهن يا نالي وارن ليڊرن وانگي نالي ماتر علم

پڙهندا آهن ۽ پنهنجي پوٽلڳن جي پڙهڻ جي رجحان کان لنوائيندا آهن، جيئن کو جاگيردار هاري جي ٻار کي پڙهڻ کان روڪيندو آهي. ڪامريڊ عاصم هڪ مخلص، فراخدل ۽ يارويس هو، هن جي سڀ کان وڏي خوبي فوري طور نون توڙي پراڻن دوستن سان جلدي رلي ملي وڃڻ واري هئي. کل ڀوڳ مذاق سان گڏ سنڌي توڙي اردو انقلابي شاعري آبشار جي رواني سان ٻڌائيندو هو. شاعري اياز جي هجي يا فيض جي اهڙي ته رواني سان ٻڌائيندو هو جو احساس ۽ جذباتي جاڳائي ڇڏيندو هيو. منهنجي عاصم سان ويجهڙائپ ڪميونسٽ ٽيڻ کان پوءِ ٿي. هو هڪ سٺو اديب هو، ادب سان ننڍپڻ کان چاه هوس امان زينت جيڪا پاڻ هڪ باذوق اديبا هئي، ان کيس ادب پڙهڻ لاءِ گهڻو اتساهيو جيئن عام جاگيردارن جي نوجوانن کان سندس سوچ مختلف پيدا ٿئي. ڇو ته ڪامريڊ عاصم جو خاندان خوشحال گهراڻي سان تعلق رکندو هو. پر عاصم ان موقعي کي غنيمت سمجهندي پنهنجي انفراديت کي روشن خيالي ۽ ترقي پسندي سان همڪنار ڪيو. ان سان گڏوگڏ ڪيترن دوستن جي سڏي توڙي اڻ سڏي طرح هر حوالي کان مدد پڻ ڪندو رهيو. شفقت قادري به عاصم جي اهم دوستن مان هڪ آهي. وجوديت توڙي مارڪسي طرز تي قومي نقطه نظر تي سندس تصور جاندار ۽ واضح آهي. عاصم جون گهڻيون فلسفي سان ٽمٽار ڳالهيون مٽي تان گذري ويندون هيون. منهنجي فلسفي سان محبت هجڻ جي باوجود عاصم جا ڪافي گهرا فڪري جملا ۽ اصطلاح ڪجهه حد تائين سمجهه ۾ ايندا هئا. ڪيفي جارج ۾ ڪامريڊ عاصم آخوند هڪ پيري جديد نفسيات تي ڪنهن وڏي ماهر نفسيات جيان ڳالهائي حيران ڪري ڇڏيو. انهن ڏينهن ۾ آئون سگمنڊ فرائيڊ کان بيحد متاثر هوس، پر هن پاولوف کي وڌيڪ اهميت ڏني ڇاڪاڻ ته فرائيڊ وري بورجوا نفسيات دان هو. لا ڪاليج جي اندر نثار ۽ لطيف سان گڏ لان ۾ ويٺي مون هن کان ول ڊيورانٽ جي باري ۾ پڇيو، هن ان جي باري ۾ ٻڌايو ته هو به بورجوا مفڪر هو، هن سمورن فلسفين مان مارڪس اينگلس ۽ لينن کي خارج ڪري فلسفي سان نا انصافي ڪئي آهي. عاصم جي انگريزي تمام سٺي هئي. هن بريخت جا ڊراما، سيموئن دي بوائر جو Blood of others ۽ صوفي جي دنيا پڙهائي مون تي وڏو احسان ڪيو. قومي نقطه نظر تي ساٿس ان دور ۾ اختلاف رکندو هوس، ڇاڪاڻ ته آئون ان وقت بين الاقوامي نقطه نظر جو حامي هوس . ڪامريڊ لطيف لغاري عاصم کان پوءِ ٻيو شخص آهي جنهن مون کي بي حد متاثر ڪيو. لطيف مون کي بنيادي ڳالهيون سولي انداز ۾ سمجهايون، ڪميونزم سان احساساتي جڙت پيدا ڪرڻ ۾ لطيف کي وڏو ڏانءُ آهي. ان وقت هڪ صوفي منش ڪميونسٽ لڳندو هو ۽ عاصم وڌيڪ خشڪ لڳندو هو، ان ڪري عاصم کي مون وڌيڪ لطيف جي زباني سمجهيو. ڪافي پيرا واٽڪي وسي وڃي راتيون رهي ساٿس ڏگهيون ڪچهريون ڪندو هوس. قومي سوال تي لينن جو ڪتاب مون کي لطيف سمجهايو. بلڪه لينن کي صحيح انداز ۾ پيش ڪرڻ ۾ به عاصم کان پوءِ لطيف کي سنڌ جي موجوده ٿهي ۾ وڏو مفڪر سمجهان ٿو. ڪافي عرصو لطيف ۽ عاصم سان بحث هلندو هو ته هو قوم پرست ٿي ويا آهن پر پوءِ دير سان تصور واضح ٿيو ته قومي مسئلي تي عاصم ۽ لطيف روايتي قوم پرستن توڙي ڪميونسٽن کان وڌيڪ سندن تصور واضح هئا. اڄ به روايتي طور ڪاٻي ڌر اندر مارڪس، لينن، مائوزيتنگ، هوچي منهه، ۽ ڪم ال سنگ سميت ڪيترن انقلابن کي سڌو پڙهڻ جو رواج تمام گهٽ

رهيو آهي. سنڌي ۾ سائين ابراهيم جويو، سوڀوگيانچنداڻي ۽ ڊاڪٽر سڪندر مغل جي زباني ۽ اردو ۾ علي عباس جلال پوري ۽ سبط حسن جي مدد سان پڙهڻ جو ان وقت رواج هو ڇوته ڪلاسڪ پڙهڻ لاءِ ابتدائي لڪٽيون رهنمائي ڪن ٿيون. ان ڪان پوءِ طبقاتي جدوجهد ۾ سرگرم رهندي ايلن ووڊ ۽ لال خان جي لکڻين ذريعي شين کي پڙهڻ جو رجحان ڏنوسين،جيڪو سلسلو اڃ به جاري آهي مارڪسزم کي ترميم پسنديءَ، انارڪسٽن جيترو نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي اوترو بورجوازي مفڪرن نه ڪئي آهي.

بخشل ٿلهو عاصم جي اهم ساٿين منجهان هڪ آهي ۽ آدرش جو ايڊيٽر رهيو آهي ۽ هاڻي سماج واد جو ايڊيٽر آهي. هو ته سپني جو گرو آهي.

عاصم آخوند بي لوث ماڻهو هو، هن ڪڏهن به ذاتي مفاد کي ترجيح نه ڏني پر هميشه مستقل مزاجي سان ڪم ڪندڙ ڪميونسٽ طور اجتماعي سوچ ۽ فڪر جو حامي هو. آدرش عاصم آخوند جي وڏي محنت ۽ جاکوڙ جو ثمر هو، هو خوش نصيب هو جو کيس ٽيم سٺي ملي وئي. بلڪل ائين جيئن اِها ٽيم به خوشنصيب هئي جو کين عاصم جهڙي ماڻهو جي صحبت ۽ رهنمائي نصيب ٿي. ڪامريڊ عاصم جي وفات کان پوءِ ساٿين لطيف، نثار، بخشل، شفقت ۽ فيض آدرش جي ڪم کي جاري رکيو ۽ سنڌ جي سڄاڻ ۽ ساڃاه وند پڙهندڙ جي حلقي ۾ متعارف ٿيا. اڄ به عاصم ۽ سندس ساٿين جي ذهني سطح ڪافي ڪاٻي ڌر جي تنظيمن کان مٿي آهي. اهو سڀ سهرو عاصم ڏانهن وڃي ٿو.

عاصم روس پڙهي اچڻ کان پوءِ وڏيڪ پختو ۽ عملي ٿي ويو. نه صرف آدرش جو ايڊيٽر بڻيو پر سنڌ يونيورسٽي ۾ R.A طور به ڪم ڪيائين، جتي شاگرد سياست کي سمجهڻ ۽ انهن سان ويجهڙائپ جو کيس نادر موقعو مليو. هن گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۾ جرمني به سکي، روسي ٻولي ۾ سندس ٿيسز پڻ آهي، ان کان علاوه شاهه لطيف جي شاعري سان به کيس بي انتها لڳاءُ هو. عاصم جو موسيقي سان لڳاءُ هجڻ ڪري ان جي باقائده سکيا وٺڻ لاءِ پڻ ڪجهه عرصو ڏنو. ٿورڙي وقت ۾ تيزيءَ سان گهڻا ڪم هٿ ۾ کڻڻ ڪري سندس صحت اڪثر متاثر رهندي هئي. ڪامريڊ عاصم جدلياتي ماديت جو گهرو مطالعو ڪيو، هن جا مشاهدي ۽ تحقيق ڀريا، سوچ ۽ فڪر سان ٽمٽار جملا ذهن جا سمورا پرت کوليندا هئا. اڄ به مارڪسزم کي جديد انداز ۾ سنڌي سماج جي پسمنظر ۾ اسرڻ ۽ واڌ ويجهه ڏيارڻ جو سمورو ڪريڊٽ عاصم ڏانهن وڃي ٿو. عاصم سائين ابراهيم جويو جي تربيت هيٺ وڏو عرصو رهيو. سائين ابراهيم جويو جي ڪارونجهر جبل جيڏي قدآور شخصيت ۽ نفيس طبعيت کيس بي انتها متاثر ڪيو. سائين جويو صاحب اڄ به ثابت قدم آهي، ڪمال ضبط ۽ ٺهراءُ سان لکندو ٿو اچي. سندس هم عصر ڪامريڊ سوڀوگيانچنداڻي به ڪو ڪميونسٽن جو لازوال ديومالائي ڪردار لڳي ٿو. عاصم سائين ابراهيم جويو کان پوءِ سنڌ جو ٻيو وڏو فلسفي ليکجي ته هرج ناهي. هن نه صرف نظرياتي پر عملي طور به ڪافي سرگرمين ۾ پاڻ کي مڃرايو. مطلب ته نظرئي ۽ عمل جو هڪ انوکو سنگم هو.. ليبر پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ ڪامريڊ عاصم کي ڄڻ وسيع تر پليٽ فارم ملي ويو. اڄ سنڌ ۾ ليبر پارٽي جي جيڪا موجوده شڪل آهي يا ٽراٽسڪائيسٽ مان لينن‌سٽ نقطه نظر طرف پارٽي سفر ڪري رهي آهي، اهو سڄو علمي پورهيو ڪامريڊ عاصم جو آهي. سندس اوچتو وڇوڙو نه صرف پارٽي ۽ دوستن لاءِ اذيت ناڪ هو پر سنڌي سماج توڙي عالمي سوشلزم جي

ترقي ۽ نشونما جي لاءِ پڻ سخت هاڃيڪار ثابت ٿي رهيو آهي پر اسان مارڪسسٽ پر اميد آهيون، ان خال کي پري ته نه ٿو سگهجي پر عاصم جو فڪري تسلسل ٽٽو ناهي اهو اڄ به قائم آهي ۽ اهو وڌندڙ فڪري تسلسل سنڌ رياست جي جهموري بنيادن تي قومي ۽ طبقاتي آزادي جي لاءِ مشعل راه ضرور آهي.

ڪامريڊ عاصم جي لکڻين تي مختصر بحث ڪجي ته سڀ کان اهم لکت اسٽالن_ٽراٽسڪي تڪرار آهي. جيڪا آدرش پاران ڇپايل ڪتاب "آزادي جو فڪر" ۾ موجود آهي، ان کان علاوه سماجي شعور جون شڪليون پڙهي عاصم جي فڪر جي وسعت جو پتو پئجي سگهي ٿو. سنڌي ٻولي جو دفاع مارڪسي نقطه نگاه کان سنڌي ٻولي جي فڪري اوسر تي جامع انداز ۾ تحرير آهي، جيڪا سنڌ اندر ڪميونسٽ بين الاقواميت ۽ قوم پرستن جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿي. سنڌي سماج، ان جي ثقافت ۽ سنڌي ٻولي لاءِ ڪميونسٽ ڪيترو محب وطن ٿي سگهي ٿو، ان جو والهانه اظهار عاصم جون لکڻيون توڙي آدرش ۽ پوءِ ليبر پارٽي جي ترجمان سماج واد آهي. وسيع نقطه نگاه رکندڙ ڪميونسٽ لاءِ قوم صرف جامد شڪل نه پر متحرڪ وجود رکي ٿي، قوم جي اقتصادي، سياسي، جاگرافيائي، ثقافتي توڙي ادبي معاملن جي ڇنڊڇاڻ عالمي پس منظر ۾ ڪرڻ کان وٺي قومي جبر کان وٺي جبر جي هر شڪل خلاف مزاحمت ۽ مسلسل جدوجهد ڪندڙ ڪامريڊ عاصم آخوند جهڙن عظيم سنڌ جي سپوتن کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا.

نظرياتي ادب

قومي دانشورن جو سوشلزم ڏانهن رويو

شبير آزاد

مارڪسواد اوليت وجود کي ڏين ٿا ۽ شعور کي ثانوي حيثيت ڏين ٿا، يعني سماج جو مادي وجود، سماجي شعور جو تعين ڪري ٿو ۽ عملي سماجي شعور جي اعليٰ ۽ اونچي شڪل سياست آهي. طبقاتي سماج ۾ هر طبقي جا پنهنجا معاشي مفاد هوندا آهن ۽ ان جو اظهار پنهنجي سياست ۽ اخلاقيات ۾ ڪندا آهن، مثال طور، سنڌ ۾ مختلف سياسي پارٽيون ڪم ڪري رهيون آهن. جن کي بنيادي طور تي ٻن ڌڙن، يا حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ پورهيت پارٽيون جيڪي طبقاتي نظام ۽ ان جي تمام صورتن جي خلاف آهن ۽ ٻيون پيپلز پارٽي، نواز ليگ، توڙي قومپرست پارٽيون (اڪثر قومپرست پارٽيون آزاديءَ جون ڳالهيون ڪن ٿيون پر طبقاتي جدوجهد ۽ ذاتي ملڪيت جي سمورين صورتن جي خاتمي جي خلاف آهن) جيڪي طبقاتي نظام جي سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ طرح دفاع ڪن ٿيون.

سماج وادي پنهنجي ڳر ۾ ۽ عملي سياست ۾ طبقاتي سماج جي خاتمي ۽ ذاتي ملڪيت کي سماج جي گڏيل ملڪيت بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪنداآهن جڏهن ته رياست مٿيئن طبقي جي مفادن جو مڪمل دفاع ڪندي آهي ۽ طبقاتي استحصال کي قانوني صورت ڏيندي آهي. جيئن سرمائيداري هڪڙن ملڪن کي ترقي ڏيندي آهي ته ٻين کي پٺتي رکندي آهي ۽ سماج ۾ همموار ترقي پيدا ڪرڻ کان قاصر هوندي آهي. يعنيٰ هن رياست جي نفي بلوچستان، سنڌ، پختونخواه ۾ ڏسي سگهجي ٿي ته اهڙي ريت عالمي سامراج جي بربريت عراق، افغانستان، لبيا، فلسطين ۾ نظر اچي رهي آهي.

موجوده عالمي سامراج جي جنگ قومن جي ترقيءَ لاءِ نه بلڪ ٻين قومن کي غلام بڻائڻ لاءِ آهي. جنهن جي حاصلات لاءِ سامراج ٻه عالمي جنگون ڪري چڪو آهي، ۽ سمورو يورپ، جيڪا اڄ ترقي ڪري رهيو آهي. تنهن جو ڪارڻ هٽلر جي شڪست آهي، ۽ هٽلر کي شڪست سوويت يونين پاران ڪامريڊ اسٽالن جي اڳواڻيءَ ۾ ڏني وئي. نسل پرستي ۽ فاشزم کان نجات يورپ کي سوشلسٽ ملڪ ڏياري آهي، ۽ اهو ئي ڪارڻ آهي ته يورپ ڪامريڊ اسٽالن کي هضم نه ٿو ڪري سگهي.

جيئن ته اسان مٿي چئي آيا آهيون ته هرپارٽي ڪنهن نه ڪنهن طبقي جي مفادن جي اڳواڻي ڪندي آهي اهڙي ريت قومپرستي پڻ قومي بورجوازي ۽ پيٽي بورجوازي جو دفاع ڪندي آهي ۽ ان جي معاشي، سياسي مفادن جي ترجماني پڻ ڪندي آهي. توڙي جو تاريخ ۾ قومي بورجوازيءَ پنهنجو ترقي پسند ڪردار فرانس جي انقلاب ۾ ادا ڪيو، تنهن کان پوءِ ساڳيءَ ترقي پسند ڪردار تان هٿ کڻي ويو، يا ادا ڪرڻ جي سگهه وڃائي ويٺو. پهرين جنگ عظيم ۾ ٻئين انٽرنيشنل جا اڳواڻ قومي بورجوازي جو دفاع ڪندي معاشرتي جارحاڻي قوم پرستيءَ جا شڪار ٿي ويا. جن کي ڪامريڊ لينن غدار پڻ سڏيو هو. سويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ هِن خطي جا سمورا پيٽي بورجوا قومپرست نظرياتي ڏيواليپڻي جا شڪار ٿي ويا آهن. جيڪي اِهو راڳ ڳائي رهيا آهن ته سوشلزم ناڪام ٿي ويو ۽ عالمي سامراج قومن کي آزادي ڏياريندو ۽ سندن ترقي، سيڪيولرازم

۽ جمهوريت لاءِ وڙهي رهيو آهي.

اهڙن خيالن جو اظهار، قومپرست دانشور خاڪي جويي پنهنجي ڪتاب "جديد قومي ۽ بين الاقوامي نظام" ۾ پڻ ڪيو آهي ۽ سامراج جي حمايت لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لاتو اٿس.

"مون پنهنجي موقف ۾، موجوده جديد دور جي سرمائيداري سسٽم جي حمايت ڪئي آهي ۽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته موجوده جديد روبو ٽائيزيشن يا خودڪار ٽيڪنالاجيءَ جي پيداوار سرمائيداري، گذريل صنعتي دور جي سرمائيداريءَ کان وڌيڪ ترقي پسند ۽ انسان دوست رخ اختيار ڪري رهي آهي ۽ اِها ئي پنهنجي ايندڙ دور جي سرمائيداريءَ جي عالمگير مفادن جي ضرورت آهي ته اِها پنهنجي ايندڙ دور جي جياپي ۽ ترقي لاءِ انسان ذات، خاص ڪري پوئتي پيل ملڪن جي عوام جي معيار زندگي کي ترقي ڏياري ۽ انساني تهذيب کي خوشحال ۽ ترقي يافته ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. ٻئي صورت ۾ اِها پاڻ به زنده رهي ڪانه سگهندي، ۽ نه ئي وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري سگهندي." ص (5)

موصوف جديد سرمائيداري (سامراجيت) کي انسان دوست سڏي رهيو آهي. انهيءَ عالمي سامراج افغانستان ۽ عراق ۾ قومن جي آزادي مسخ ڪئي آهي ۽ روز ڪيترائي ماڻهو اجل جو شڪار ٿي رهيا آهن. جڏهن ته لبيا تي ملٽي نيشنل ڪمپنين جي چوڻ تي يو اين او جي قتل و غارتگري جاري آهي. جنهن نظام جو بنياد ئي رت پيئڻ تي هجي اِهو نظام انسان دوست ڪيئن ٿو ٿي سگهي ۽ سامراج جيڪو ٻين ملڪن تي ڪاهون ڪري رهيو آهي ۽ معاشي، اقتصادي ڦرلٽ ۾ مصروف آهي تنهن مان انسان دوستيءَ جي اميد رکڻ ٻِيرن کان ٻير گهرڻ آهي. افغانستان ۾ ثور انقلاب کي ناڪام ڪرڻ لاءِ پاڪستاني رياست، سعودي عرب، آمريڪا ۽ ٻين رجعتي ملڪن گڏجي مذهبي بنياد پرستي کي هٿ ڏني ۽ طالبان تيار ڪيا، جنهن سوشلسٽ افغانستان جي معاشي ۽ سماجي ترقي روڪي ڇڏي ۽ اڄ پڻ سامراج هٿيارن جي واپار لاءِ جنگي جنونيت جو اظهار ڪري رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ جنگ، پيداواري قوتن جي تباهي ۽ زيان ئي سرمائيداري جي زندگيءَ جو لازمي شرط آهي. موجوده سرمائيداراڻو عالمي معاشي بحران خاڪي جويي سميت ڪوڙ سارن ثنا خوان دانشورن جي لکڻين کي هوائي ڳالهيون ثابت ڪري ڇڪو آهي. جيستائين سوال آهي روبوٽائيزيشن ۽ خودڪار ٽيڪنالاجي واري دور جي انسان دوستي جو ته انهيءَ لاءِ ٻيو ڪجهه نه پر انهن جي ئي سرمائيدار اداري جا انگ اکر هيٺ ڏجن ٿا. جن مان هِن دور جي خرچ جي حساب سان اوليتن جو اندازو بخوبي ٿي وجي ٿو. جنهن کي خاڪي صاحب ترقي پسند سڏي ٿو. ياد رهي ته هي انگ اکر 1998ع جا آهن.

عالمي اوليت	آمريڪي ارب ڊالر
آمريڪا ۾ ميڪ اپ	8
يورپ ۾ آئيس ڪريم	11
آمريڪا ۽ يورپ ۾ پرفيوم	12
آمريڪا ۽ يورپ ۾ ڪتي ٻلين جو کاڌو	17
يورپ ۾ سگريٽ	50
يورپ ۾ شراب	105
دنيا ۾ آرام ڏيندڙ دوائون	400
پوري دنيا جو هٿيارن تي خرچ	780

هاڻي ٿورو مٿين حقيقت کي هيٺين حقيقت سان ڀيٽي ڏسو.

سڀ لاءِ بنيادي تعليم	6

سڄي دنيا لاءِ صاف پاڻي ۽ نيڪاس جو نظام 9

سڄي دنيا لاءِ بنيادي صحت ۽ کاڌ خوراڪ 13

http://www.globalissues.org/articles/26/porerty-facts-and-stats.

روبوٽائيزيشن واري دور جي ترقي پسنديءَ واري سچ کي اقوام متحده هيئن ٻڌائي ٿي ته روزانو 25 هزار ماڻهو ۽ هر پنجين سيڪنڊ ۾ هڪ ٻار بک وگهي مري ٿو. پر چوٽي آهي ته ان ماڻهو کي ڳالهه سمجهائڻ تمام ڏکي آهي جنهن کي پگهار ئي ڳالهه نه سمجهڻ جي ملندي هجي. پر اسان وٽ ته بنا پگهار ونگاري دانشورن جي به ڪا کوٽ ڪونهي.

سائين جن وڏيڪ لکن ٿا

”مارڪسزم جو مطالعو ۽ تاريخي حالتن جو جائزو ٻڌائي ٿو ته مارڪس ۽ لينن ان وقت جي سرمائيداريءَ جي زوردار مخالف ۽ انارڪزم جي پريشر جو ڪجهه وڏيڪ ئي شڪار ٿي ويا آهن. جنهن ڪري اِهي سماجي ۽ اقتصادي تقاضائن جي مقداري ارتقا جي پورائي کان سواءِ سماج ۾ معياري تبديلي آڻڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا. جيڪا انهن جي ڪميونسٽ سماج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪ قسم جي اُبهري ۽ تکڙي خواهش يا خيال پرستي هئي. انهيءَ خيالي وهم پرستيءَ جو شڪار ٿي، مارڪس ۽ اينگلس کان لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ تائين ۽ ويندي 1990ع تائين سوشلسٽ ۽ مارڪسوادي ۽ ڪيترائي ته اڃا تائين به دعويٰ ڪندا رهيا آهن ته ”سرمائيداري مري رهي آهي، بلڪ ڄاڻ مرڻ واري آهي، يا انهيءَ جي تباهي ۽ بربادي آخري ڪنڌي تي آهي“ پر ٿيو، ان جي ابتڙ آهي. ته سرمائيداري کان اڳ ۾ سوشلسٽ نظام ۽ ان جو نظريو مري رهيو آهي. ص (6-135)

پهرين ڳالهه ته مارڪس ۽ اينگلز خدا ڪارڻ سرمائيداري جا مخالف يا دشمن نه هئا. هنن سرمائيداراڻي دور کي جاگيرداري جي ڀيٽ ۾ ترقي پسند نظام سمجهيو ٿي بلڪل ائين جيئن غلاماڻو دور اوائلي اشتراڪي نظام کان وڏيڪ ترقي پسند هو. پر هر تاريخ جو هر نئون طبقاتي نظام پنهنجي اوسر ۾، پنهنجي ئي ابتڙ ۾ بدلجي رجعتي ٿي وڃي ٿو. مارڪس ۽ اينگلز تاريخ جي اهڙي جدلي سمجهه سرمائيداري نظام جي داخلي تضادن جي ڇيد ڪرڻ ڪانپوءِ اشتراڪيت ۽ پورهيت انقلاب جي فڪر جا بنياد بخشيا، پر بدقسمتي اِها آهي ته خاڪي سميت ڪوڙ سارن قومي دانشورن جي مارڪسزم بابت سمجهه صرف اردو ۽ سنڌي ۾ ڇپيل چوپڙين تائين محدود رهي آهي. انگريزي ۽ ٻين ٻولين تي دسترس نه هئڻ ڪري، سندن مارڪسي سمجهه سادي ئي رهي. هاڻي سندن ڪم اِهو آهي ته هو مارڪسي اصطلاح استعمال ڪري، مارڪسزم کي رد ڪن، جدلي دليل جي نالي ۾ جدلياتي کي ئي فضول ظاهر ڪن. جڏهن ته سچ اِهو آهي ته 1848ع ۾ لکيل مارڪس جي ڪميونسٽ مينيفيسٽو جي اڄ هڪ هئي واري دور ۾ سچائي وڏيڪ ظاهر آهي جنهن کي اڄ کان 150 سال اڳ جي عظيم ذهن پسيو هو. ”سرمائيداري مري رهي آهي.“ اڄ هي لفظ اشتراڪين کان وڏيڪ مختلف عالمي فورم تي، سرمائيدار دانشورن جي منهن مان نڪري رهيا آهن. جيستائين سوال آهي لينن جو ته سندس سامراجيت بابت ٿيسز اڄ به حقيقت آهي. جيڪا ٿُلهي ليڪي هن ريت هئي.

1) پيداوار ۽ سرمايي جي اهڙي مرڪزيت جنهن ۾ هڪ هٽين

(Monopolies) جي تخليق ٿئي ٿي ۽ اِهي هڪ هٽيون اچ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي صورت ۾ ڪم ڪن ٿيون.

2) مالياتي سرمايي (Finance Capital) جي حاڪميت (جيڪو بينڪن ۽ صنعتي سرمايي جو گڏجڻ آهي)

3) جنس سان گڏ سرمايي جي برآمد

4) دنيا جي مختلف منڊين تي قبضو ڪرڻ ۽ انهن جي حاصلات لاءِ مختلف سرمايدارئين ڪمپنين ۾ ويڙهه.

ڪامريڊ لينن جي سامراجي دنيا جي تشريح ۽ ان جي ثابتي آئي، ايم، ايف، ورلڊ بئنڪ ۽ ڊبليو ٽي او جهڙا ادارا ڪري رهيا آهن. جڏهن ته سامراج سرمائيداري جي آخري ڏاڪي مان مراد اِها آهي ته مالياتي سرمايو سرمايي جي آخري شڪل آهي. جنهن ڪانپوءِ سرمايي جي ڪنهن ٻئي شڪل جي اپرڻ جو امڪان نظر نٿو اچي. سو تنهن ڪري ڪامريڊ لينن جي ان تشريح کي ٻيهر سمجهڻ جي ضرورت آهي.

خودڪار صنعتي سرمائيداريءَ ۾ پورهيت ۽ مالڪ جو تضاد، منافعي ۽ اجرت جو تضاد پڻ موجود آهي ۽ جيستائين استحصال (جسماني توڙي ذهني) موجود آهي. سوشلزم جو نظريو موجود رهندو. اِها ٻي ڳالهه آهي ته تحريڪ تيز يا ماٺار جو شڪار هجي. جڏهن ته دنيا ۾ قومي توڙي طبقاتي انقلاب لاءِ رڪاوٽ عالمي سامراج آهي. نڪي سوشلزم. هِن رياست کي بچائڻ عالمي سامراج جي مفادن وٽان آهي ۽ دنيا ۾ مذهبي بنياد پرستي کي هٿي پڻ سامراج ڏئي رهيو آهي. ليکڪ پنهنجي ڪتاب ۾ ذاتي ملڪيت کي ذاتي محنت جو تصور پيش ڪيو آهي جيڪو سچي انساني تاريخ ۾ استحصال جو بنياد آهي. موصوف هِن ڪتاب ۾ پنهنجي طبقاتي مفادن جو اظهار ڪيو آهي.

بقول ڪامريڊ عاصم آخوند جي ”فڪري ڊيوالپٽي جو اظهار قومي تحريڪن جي ان راءِ ۾ واضح آهي ته آمريڪا دنيا جي مظلوم قومن کي آزاد رياستي ڍانچن ۾ تبديل ڪندو. دراصل اهي خيال هن وقت ان ڪري جنم وٺي رهيا آهن ته قومي تحريڪون هاري ۽ پورهيت عوام کي فڪري طرح اِها سگهه تسليم نه ٿيون ڪن، جيڪا مظلوم قومن جي آزادگيءَ لاءِ هر اول دستي جو ڪم ڏئي سگهي ٿي.“

اهو ئي ڪارڻ آهي جو قومي تحريڪون عوام ڪان پري ٿي رهيون آهن ۽ چسي نعري بازي تائين محدود آهن. جنهن جو اظهار نسل پرستي ڏانهن وڌي رهيو آهي. ايم ڪيو ايم جهڙي فاشسٽ تنظيم سنڌ دوست نظر اچي رهي آهي. جيڪا هڪڙي وقت ۾ عالمي طاقتن ۽ هن رياست جو ڳيجهو آهي ته ٻئي پاسي نسل پرست پڻ آهي. تنهن ڪري پورهيت عوام کي پنهنجي آزادي ۽ حقيقي سماجي تبديليءَ لاءِ سوشلزم ۽ مظلوم قومن جي اتحاد سان جڙڻ گهرجي.

تاريخ

سوويت روس جي ٽوڙ ڦوڙ جا ڪارڻ

ترجمو: پرويز سولنگي

(Avante! پرتگال جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي هفتيوار اخبار جو نالو آهي. هن اخبار پنهنجي طرفان ڇاپيل ڪتاب "Socialism Betrayed" جي ليکڪن راجر ڪيران ۽ ٿامس ڪيني کان انٽرويو ورتو جنهن کي سماجواد جي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪريون ٿا.) **(ادارو)**

راجرڪيران ۽ ٿامس ڪيني اتر آمريڪا جا ڪارڪن آهن. راجر تاريخ تي ڪتاب لکندو آهي ۽ يونيورسٽي ۾ استاد جي عهدي تي پڻ فائز آهي. هن جو دوست ٿامس هڪ قابل معاشتدان آهي. هنن پنهي گڏجي هڪ ڪم کي سرانجام ڏيڻ جو عهد ڪيو ۽ اهو هو روس ۾ سوشلزم جي شڪست جا سبب معلوم ڪرڻ. هڪ اهڙي شڪست جنهن دنيا ۾ رهندڙ مزدورن ۽ مظلومن لاءِ هڪ نه بيان ڪري سگهجندڙ ڪٿا ڇڏي آهي. پنهنجي ڪتاب "Socialism Betrayed" ۾ هنن انهن حقيقتن تان پردو کنيو آهي جيڪي وقت جي دز هيٺان لڪل هيون.

Avante: توهان ڪڏهن ۽ ڇو ان ڳالهه ۾ دلچسپي ورتي ته توهان کي سويت يونين جي ڊهڻ ۽ سوشلزم جي شڪست جي سببن جي کوجنا ڪرڻي آهي؟

ٿامس: راجر وانگر مون به 91-1989ع جي واقعن کي دل سان محسوس ڪيو. يورپ جي سوشلزم جو ڪري پٽ پوڻ هڪ وڏو جهٽڪو هو. 1991ع کان ستت پوءِ اسان سمجهيوسين ته ڪيترائي محقق اڳيان ايندا ۽ اسان کي روس جي ٽٽڻ تي هزارين ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملندا. پراسان کي خاموشيءَ کان علاوه ٻيو ڪجهه به پلئه ڪونه پيو جيڪا يقينن اچرج ۾ وجهي ڇڏڻ جهڙي ڳالهه هئي. پوءِ مون ۽ راجر فيصلو ڪيو ته اهو بار اسان کي کڻڻ گهرجي. پر اسان ٻئي سوشلزم ۾ مهارت نه رکندا هئاسين ان ڪري سپ کان پهرين اسان ٻنهي هن ٽاپڪ ۾ اسپشلائيزيشن ڪئي ۽ پوءِ اسان کي سوشلزم تي جيڪو ڪتاب هٿ آيو اسان چٽي ڇڏيوسين. ائين 1999ع کان 2004ع تائين مسلسل پڙهندا ۽ حقيقتون گڏ ڪندا رهياسين ۽ آخرڪار ان کي ڪتابي شڪل ۾ آندوسين جنهن شيءِ اسان کي هن جوکم ۾ ٽڪجڻ نه ڏنو اها هئي خود سوشلزم جي ٿيوري. هن ٿيوري کي پڙهندي اسان کي ڪٿي به ائين محسوس نه ٿيو ڪو روس کي ائين ٽٽڻو آهي. سويت يونين جو ڊهڻ خود سوشلزم جي ٿيوري جي متضاد هو. اسان کي بلڪل نه لڳو ته سوشلزم جو تباهه ٿيڻ ممڪنات ۾ شامل ٿي سگهي ٿو. پر ان جي ابتڙ اسان جو پختو يقين آهي ته سوشلزم هميشه لاءِ ترقي ڪندو رهندو.

Avante: هاڻي جڏهن سپ ڪجهه ٿي چڪو آهي. پوءِ اهو مڃجي ته تاريخي ماديت جو فلسفو غلط آهي؟

ٿامس: بلڪل به نه! جيستائين طريقيڪار جو تعلق آهي. اسان کي يقين آهي ته هي فلسفو غلط نه آهي. ريسرچ شروع ڪرڻ کان اڳ اسان پنهنجو پاڻ کان هڪ سوال پڇيو هو ته ڇا وجهه آهي جو تواريخ جي هيڏي وڏي سانحي تي ڪجهه به نه لکيو ويو آهي؟ پوءِ اسان کي تمام گهڻو مطالعو ڪرڻو پيو. تقريباً ڏيڍ سال جي عرصي کان پوءِ اسان کي حيرت انگيز حقيقتون سامهون اچڻ لڳيون جنهن مان اسان کي سويت يونين

جي ”Second economy“ جو وزن معلوم ٿي ويو ۽ اهو اسان جي آخري نتيجن ۾ فيصلائتي عنصر طور شامل آهي.

راجر: منهنجي نظر ۾ 20 صديءَ واري سوشلزم سان ڇا ٿيو ان کي 21 صديءَ وارو سوشلزم ضرور سمجهي. آڪٽوبر جي انقلاب کانپوءِ روس جو ٽٽڻ يورپ کنڊ لاءِ 20 صدي جو هڪ اهم ترين واقعو آهي.

Avante: پر ثبوت کوڙ ماڻهن کي اهو ٿو ٻڌائي ته روس جو ٽٽڻ ان جي اندر موجود هڪ گهري بحران سبب پيش آيو.

راجر: ائين سوچڻ فطري آهي. اها ئي وجهه آهي جو ماڻهو اهڙن واقعن جا سبب ڄاڻي واڻي وڌائي پيش ڪندا آهن. حقيقت هي آهي ته روس ۾ ڪو بحران (Crisis) نه هو. ها باقي مسئلا (Problems) ضرور هئا. تنهن ڪري مسئلن کي بحران ڪري پيش نه ڪرڻ گهرجي.

Avante: پر عام ماڻهن جو هڪ خيال اهو به آهي ته بحران کي انهن ڏٺو. اهو بحران سياست ۾ به هو ته ثقافت ۾ به. نظريي ۾ هو ته اخلاقيات ۾ به. اهو بحران ئي سوشلزم جي شڪست جي وجهه بڻيو. هر سال غلطيون ٿينديون رهيون ۽ انهن کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ دير ٿيندي رهي. اهو به سمجهيو وڃي ٿو ته سوشلزم جو ماڊل جيڪو روس وٽ هو اهو پنهنجي سڌاري واري قوت وڃائي چڪو هو ۽ پوءِ ان ۾ ڪجهه ٽڪڙيون تبديليون ڪيون ويون. توهان هن تي ڪهڙي راءِ ڏيندا؟

راجر: مان سمجهان ٿو ته اسان پنهنجو نچوڙ هيٺ ڏيون ٿا. مريض کي ڪنهن ماريو؟ ڇا سوشلزم؟ نه سوشلزم ته خود ان مريض جو علاج هو. پلي ڪير ڇا به سمجهندو هجي ته روس ۾ بحران هئا. پر توهان پاڻ فيصلو ڪيو. روس ۾ بيروزگاري نه هئي، مهانگائي نه هئي، ڪي احتجاجي مظاهرا نه ٿيندا هئا. اگر اهو سڀ نه هو ته پوءِ اسان هن ڳالهه کي ڇو مڃون ته روس ۾ بحران هو. پر ان جو مطلب هرگز اهو نه آهي ته روس ۾ مسئلا نه هئا. بلڪل مسئلا ئي هئا خاص طور تي معاشيات واري پاسي ۾ ۽ اهي مسئلا برزنيف جي دور ۾ وڌيڪ بگڙيا هئا. هن جي اڳواڻي ۾ انهن مسئلن ۾ واڌارو ٿيو. هو پنهنجي قيادت هلائڻ ۾ ڪافي سست ۽ ڪاهل ثابت ٿيو. پيو ته هن انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪا قابل تعريف ڪاوش نه ڪئي. ان جي مطابق اهو چئي سگهجي ٿو ته هڪ قسم جو جمود پيدا ٿي ويو. جيتوڻيڪ لفظ ”جمود“ جو استعمال اسان کي ناپسند آهي. ڇاڪاڻ ته ”جمود“ جي معنيٰ آهي مڪمل ”ٺهراءُ“ مطلب ته اتي ڪا ترقي نه هئي ائين چوڻ به حقيقتن جي خلاف ويندو ڇاڪاڻ ته سوويت يونين ۾ مڪمل ”جمود“ طاري نه ٿيو هو.

Avante: ڇا اقتصادي مسئلو ان دور (برزنيف جي اڳواٽيءَ) کان خراب ٿيڻ شروع ٿيو هو؟

ٿامس: خروشيف جي دور ۾ معاشيات جي مقدار ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي هئي. سال جي معاشي ترقي جيڪا 10 کان 15 سيڪڙو هئي اها سال ۾ 5، 4 ۽ 3 سيڪڙو اچي بيٺي هئي. ترقي جي شرح ۾ گهٽتائي ته ظاهر نظر آئي پر تنهن هوندي به سرمائيداري جي اصول مطابق ترقي ٿيندي نظر ايندي هئي. اها ئي وجهه هئي جو 1985ع ۾ سويت يونين جي طرز رهائش جي شرح تمام مٿاهين هئي. ان کان علاوه روس ۾ رهندڙ مختلف قوميتن ۾ ڪو ٽڪراءُ نظر نه ايندو هو. هن مان اندازو لڳايو ته ڪجهه مسئلا يا

مشڪلاتون ضرور درپيش هيون مگر ڪا بحراني ڪيفيت سماج ۾ وجود پذير نه هئي. ها باقي روس تي اتر آمريڪا جي سامراجيت جو پريشر ضرور موجود هو چاڪاڻ ته ريگن جي انتظاميه فوجي، معاشي ۽ سفارتي دٻاءُ وڌايو هو. ان ڪان علاوه ڪميونسٽ پارٽي اندر به ڪجهه مسئلا هئا جيڪي پنهنجو حل چاهين پيا مگر تنهن هوندي به روس جي ٽٽڻ جو راز يا سبب ڪنهن ٻئي هنڌ هو.

Avante: جيڪڏهن ائين ئي آهي جيئن توهان ڏسيو ٿا ته سوشلزم ۾ بحران ڪونه هو ته پوءِ آخر ڇا جي ذريعي 1980ع ۾ روس ۾ تباهه ڪن تبديليون آنديون ويون؟

ٿامس: ٻه ڌڙا هميشه ڪان روس ۾ هڪ ٻئي جي منهن مقابل ٿيندا آيا آهن. هڪ آهي ساڄي ڌر جنهن جي ڪک ۾ سرمائيداري نظريو پيل آهي ۽ اها ان جي طور طريقن جي پوئواري ڪندي آهي. ٻئي آهي کاٻي ڌر جيڪا طبقاتي جدوجهد وسيلي هڪ مضبوط ڪميونسٽ پارٽي ٺاهي پورهيت طبقي جو مورچو ٻڌندي آهي. بحرحال اسان هي ٻه ڌڙا انقلاب کان اڳ بالشويڪ ۽ منشويڪ جي صورت ۾ ڏٺا. ان ڪان بعد هي لڙائي بخارن ۽ اسٽالن، خروشوف ۽ مولوتوف، گورباچوف ۽ لگاچوف ۾ موجود رهي. سويت يونين جي سچي تاريخ توهان کي هنن ٻن ڌڙن جي هڪ ٻئي خلاف جدوجهد ۾ نظر ايندي ۽ آخرڪار اها جدوجهد ساڄي ڌر جي نالي ٿي وئي جڏهن گورباچوف ان تي مڪمل سوپ حاصل ڪري ورتي.

راجر: برزنيف جي پاليسي اها هئي ته هو پارٽي جي ڪيڊر ۾ مضبوطي آڻي. هن خيال کي عملي جامو پارائڻ خاطر هي ڪجهه وڌيڪ چست ٿي ويو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته هن پارٽي کي پوڙها ليڊر ڏئي ڇڏيا. ان ڪان علاوه اقتصادي ۽ معاشي مسئلا پيدا ٿيڻ لڳا جنهن سبب معاشرو بدتر ٿيڻ لڳو. هيئين شين يعني، اعليٰ ڪوالٽي جي شين ۾ ڪمي، Second Economy ۾ اضافو ۽ پارٽي اڳواڻن جي ڪرپشن ماڻهن کي ناخوش ڪري وڌو. اهڙن حالتن ۾ ساڄي ڌر سان گورباچوف نازل ٿئي ٿو ۽ اهو ماڻهن کي قسم ڪائي ڪائي ٻڌائي ٿو ته اهو انهن جا سڀ مسئلا هڪ ڌڪ ۾ حل ڪري ڇڏيندو. گورباچوف جا اهڙا قسم ۽ واعدا ٻڌي عوام کي پڪ ٿي وڃي ٿي ته ڪوئي اچي ويو آهي جيڪو شين کي انهن جي بهتري لاءِ تبديل ڪندو.

Avante: بحرحال، ماڻهو چون ٿا ته روس ٽٽڻ جي وجهه اها آهي ته خود ڪميونسٽ پارٽي ڌڙن ۾ ورهائجي وئي هئي. ڪوڙ سارن اڳواڻن جي فيصلن کي ننڍي سرڪل جا ٿورا اڳواڻ مٽائي ڇڏيندا هئا. پارٽيءَ جي جهموري انداز کي مرڪز جو بيوروڪريٽ انداز اثرانداز ڪري ويندو هو. هڪ غير ضروري پريشاني پارٽي جي بناوت ۽ رياست جي بناوت ۾ ڏکيائي پيدا ڪري ڇڏيندي هئي جنهن سبب پارٽي جي ماڻهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ محبت نه رهي. سوشلسٽ جمهوريت جنهن کي اعليٰ درجي جي جمهوريت سمجهيو ويندو هو اها ناڪام ٿي وئي. هن ٿيوري مطابق سوويت عوام کان سياسي حق کسيا ويا هئا ۽ اهو ئي سوشلزم جي لاءِ موتمار ثابت ٿيو. ڇا توهان هن ڳالهه سان متفق آهيو؟

ٿامس: اهو خيال ته سوويت يونين کي غير جمهوري انداز ۽ مرڪز جي وڌيڪ

ڏٺاءُ متاثر ڪيو هر هنڌ يعني سڄار پسند لبرل جمهوريت پسندن، بورجوا تاريخدانن ايسٽائين جو ڪجهه ڪميونسٽن ۾ به عام جام ملي ٿو. پر اسان جي راءِ ۾ اهو الزام سراسر غلط آهي. روس ۾ موجود مسئلن ڪي هرپورو وڏائي چڙهائي پيش ڪيو ويو آهي. ڪجهه مسئلن باوجود به سوويت جمهوريت وٽ ڪوڙ ساري قوت ۽ جذبو موجود هو. لڳ ڀڳ 35 ملين مزدور سويت جي ڪمن ڪارين ۾ سڌو سنئون حصو وٺندا هئا. انهن وٽ تمام طاقتور ادارا هئا جيڪي تمام اهم فيصلا وٺندا هئا 163 ملين مزدورن جي هڪ ئي يونين هوندي هئي. پارٽيءَ وٽ پنهنجا هڪ ڪروڙ اسي لک سرخ سپاهي هوندا هئا. ان کان علاوه لک پڙهه جا ادارا هئا جهڙوڪ اخبارون، پڙهندڙ انهن ۾ خط لکندا هئا ۽ حڪومت جي پاليسين بابت باخبر رهندا هئا. عورتن ۽ جوانن جي فلاح لاءِ آرگنائيزيشن هونديون هيون. مجون ٿا ته هنن سڀني ادارن ۾ ڪوتاهيون ضرور هيون. اهي وڏيڪ بهتر ۽ اثرائتي انداز ۾ ڪم ڪري سگهن پيا جيڪي اهي نه ڪري سگهيا. پر اها هڪ حقيقت آهي ته اهي سڀ آرگنائيزيشن اڄ جي بورجوا جمهوريت جي ادارن وانگر جعلي نه هئا.

اهي ماڻهو جن اسان جي ڪتاب تي تنقيدي حملاڪيا آهن سڀ اهو سمجهن ٿا ته جمهوريت جي کوٽ ۽ مرڪز جي وڏيڪ مداخلت سويت يونين جي ٽٽڻ جي اصل وجهه آهي. پر توهان کي اهو جاڻي شايد تعجب ٿئي ته هي اهو دليل آهي جيڪو سرمائيدار، گورباچوف جي اچڻ کان اڳ به سوويت جمهوريت کي بدنام ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. اسان جي نظر ۾ سوويت يونين تي اهو الزام هٽڻ حقيقتن جي منافي آهي. اهو الزام سرمائيدارن جو پراڻو هٿيار آهي ۽ هاڻي انکي ڪَٽُ لڳڻ ڪپي.

ٿامس: تاريخي طور تي ڏٺو وڃي ته سوويت يونين کي هڪ پارٽي رياست ٿاهڻ جا ڪيترائي سبب هئا. هڪ سبب هي آهي ته انقلاب جي فورن بعد ٻين پارٽين پنهنجا پير پختا ڪرڻ شروع ڪيا. ٻيو ته ڪيترن ئي (سوشلسٽ انقلابين) حڪومت کي ڇڏي ڏنو. مطلب ته حڪومت ۾ صرف اهي انقلابي بچيا جن جو تعلق بالشويڪ پارٽي سان هو. ٻين پارٽين سوويت يونين سان وڙهڻ شروع ڪيو. پوءِ اهو ضروري ٿي ويو ته ملڪ اندر هڪ پارٽي رياست ئي ٿهي. هونءَ يورپ جي ٻين سوشلسٽ ملڪن ۾ هڪ کان وڌيڪ پارٽيون آهن پر انهن ملڪن ۾ پورهيت جي اڳواٽي واري ڪردار جي ضمانت ڏنل آهي. اهو صحيح آهي ته ڪنهن به ملڪ ۾ موجود هڪ پارٽي ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿي ته پارٽي ۽ رياست پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃن ۽ پنهنجا من پسند فيصلا ڪن. پر اسان کي اهو نه ٿو لڳي ته هڪ پارٽي سسٽم سبب سوويت يونين ٽٽو.

Avante: پر توهان کي ائين نه ٿو لڳي ته جهموريت ۾ موجود ڪوتاهين روس جي رهاڪن کي USSR يا سوشلزم جي انقلابي حاصلات کي دفاع ڪرڻ کان روڪي رکيو؟

ٿامس: توهان جو هي سوال اهڙن ماڻهن جو دليل به آهي جن هميشه اهو چيو ته سوويت يونين ۾ جهموريت گهٽ هئي. اهي هميشه اهو سوال ڪن ٿا ته ماڻهو روس جي سوشلزم کي

بچائي چو نه سگهيا؟ پوءِ پنهنجو پاڻ جواب ڏين ٿا ته روس ۾ جمهوريت گهٽ ۽ مرڪزيت تمام وڌيڪ هئي. اها ئي وجهه هئي جو روس بچي ڪونه سگهيو.... پر حقيقت هي آهي ته اتي شروع کان ئي حڪومت جي خلاف مزاحمت هئي تمام گهٽي مزاحمت. پر وري به توهان ڏسو ته 1991ع ۾ جيڪو ريفرينڊم ڪرايو ويو ان ۾ روس جي 75 سيڪڙو ماڻهن سوويت يونين کي برقرار رکڻ جي حق ۾ ووٽ ڏنا هئا. يعني روس جي آبادي جي اڪثريت، سوويت يونين جي حق ۾ هئي. پر جيڪڏهن اسان اهو سمجهڻ چاهيون ته پارٽي ۾ ايتري سگهه ڇو نه هئي جو اهي رد انقلاب جو مقابلو ڪري سگهي ته توهان کي هي ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ کپي ته گورباچوف ۽ ياڪلوف ماڻهن سان وعدا ڪيا ته اُهي هنن کي موجوده سوشلزم کان..... وڌيڪ بهتر سوشلزم ڏيندا جنهن ۾ مڪمل جمهوريت ۽ آزادي عوام وٽ ئي هوندي. پر تمام مختصر عرصي ۾ هنن جوانن اهي سڀ ادارا تباهه ڪري ڇڏيا جن جي پليٽ فارم تي بيهي ماڻهو پنهنجي خيالن جو آزاداڻو استعمال ڪري سگهندا هئا. انهن پارٽي کي ڇڙ وڇڙ ڪري ڇڏيو. اخبارون ۽ اطلاع ڏيڻ جا سڀ ذريعا اهڙن عنصرن جي حوالي ڪيا ويا جيڪي ڪميونسٽن جا دشمن هئا. اچانڪ اهو سڀ ڪجهه غائب ڪيو ويو ۽ ماڻهو پنهنجي اصل طاقت جي ذريعين کان محروم ٿي ويا..



گوربا چوف

Avante: هاڻي اقتصاديات طرف اچون ٿا. عام ماڻهن جي راءِ اها آهي ته معاشيات ۾ واڌارو ان ڪري نه اچي سگهيو ڇو ته مرڪز ۾ ويٺل بيوروڪريٽس ڪوبه عمل ڪرڻ ۾ دير ڪندا هئا. ڪن جو خيال آهي ته سوشلزم کي اڳتي آڻڻ لاءِ رياستي معاشيات کي وڌائي چڙهائي پيش ڪيو ويندو هو. ذاتي مالڪي جون ڪجهه شڪليون برقرار رکيون ويون ۽ مارڪيٽ جي ڪردار کي گهٽايو ويو. توهان جي هن تي راءِ ڇا هوندي؟

راجر: مان هن ڳالهه کي اتان شروع ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن تي ڪنهن کي ڪوبه اعتراض نه آهي. سڀ مڃن ٿا ته جنهن دور ۾ سماجي پيداوارن تي روس جي ماڻهن جي مالڪي هئي ان دور ۾ ڪارخانن جي صنعت ۾ ايتري مقدار ۾ تيزي آئي جنهن جو تاريخ ۾ مثال نه ٿو ملي. اهو صرف 1930ع ۾ نه ٿيو بلڪ ٻئي مهاڀاري لڙائي کانپوءِ 1950ع جي اڌ عرصي تائين اها ترقي جاري رهي. ٽئن يا پنجن سالن جي مختصر عرصي ۾ سوويت يونين جنگ جي تباهه ڪارين مان نڪري اچي ٿو جنهن جنگ ۾ هن جا ڪيترائي شهر ۽ ڪارخانا مٽي جا ڍير بڻايا ويا

هئا. هنن سببن جي ڪري اسان ڪڏهن به اهو نه مڃينداسين ته سوويت يونين رياستي مالڪي، مرڪزيت ۽غلط منصوبا بندي سبب تباهه ٿيو. پر اتي ڪجهه ٻيا مسئلا آهن جن تي روشني وجهڻ جي سخت ضرورت آهي. مثال طور ڇا وجه هئي جو ترقيءَ جي رفتار 60 ۽ 70 جي ڏهاڪي ۾ گهٽ ٿيڻ لڳي؟ اقتصاديات جي رفتار ته شروع کان بهتر هلي رهي هئي ان جو اچانڪ گهٽ ٿيڻ جو سبب ڇا هو؟ مرڪزيت جي منصوبا بندي تي تنقيد ڪندڙ جڏهن مٿين سوالن جو جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا ته انهن جا شڪ دور ٿي ويندا.

Avante: شايد پوءِ اصل مسئلو گهٽي پکيڙ تي ڦهليل آبادي هئي جنهن سبب معاشيات يا رٿابندي ۾ مشڪل درپيش ايندي هئي؟

راجر: جي بلڪل ائين آهي. معاشيات کي هر هنڌ پهچائڻ منصوبه بندي کي پيچيده بڻائي ڇڏيو هو پر تنهن هوندي به اسان جن نتيجن تي پهتا هئاسين اهي توهان جي هن ڳالهه جي ثابتي نه ٿا ڏين. دراصل ”Second Economy“ جو ابرڻ ئي هو جنهن سوويت روس ۾ اقتصادي ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽ پيدا ڪئي.

Avante: پوءِ مطلب ته اتي مارڪيٽ جي ڪردار کي گهٽ نه ڪيو ويو هو. انهن جيترو مارڪيٽ کي ڦهلائڻ لاءِ اپاءَ ورتا انهن سوشلسٽ اقتصاديات جا ذريعا ٻئي هنڌ منتقل ڪري ڇڏيا؟

ٿامس: سڀني سوشلسٽ معاشرن جون پنهنجون منڊيون هونديون آهن. سوويت يونين ۾ ذاتي استعمال لاءِ هميشه مارڪيٽ رهي آهي. پر خروشيف جيڪي معاشي سڌارا متعارف ڪرايا انهن نه صرف رٿابندي کي مرڪزيت مان الڳ ڪيو بلڪه اهڙو مارڪيٽ جو ميڪينزم آڻي ڇڏيو جنهن تي واپاري هڪ ٻئي سان ڇٽا پيٽيءَ ۾ اچي ويا. 1964ع کان 1980ع تائين روس جو وزيراعظم رهندڙ ڪوسيجن به ڪجهه سڌارا آندا جن جي مطابق سرمائيداريءَ سوچ کي وڌيڪ رعايتون ڏئي اڳتي آندو ويو. سوويت يونين وٽ سياسي معاشيات جا پنج ادارا هئا انهن مان ٽي ادارا اهڙن ماڻهن وٽ آيا جيڪي سرمائيداري جا يار هئا. مثال طور Aganbegay وانگي. ٻيو پاليسي ناهيندڙ، ماڻهو جن ۾ معاشيتدان به اچي وڃن ٿا انهن حڪومت تي پنهنجو دٻاءُ وجهڻ شروع ڪيو هو. مختصراً اهو هڪ اهڙو عمل هو جيڪو 20 سالن کان هلندڙ هو اهو سڀ ڪجهه ائين اچانڪ نه ٿيو هو.

Avante: ڪي چون ٿا ته عام ماڻهن وٽ تمام سٺا اراده ۽ خيال هئا جيڪي ناڪام ٿي ويا. توهان پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته هن صورتحال ۾ سوشلسٽ دشمنن کي اڳتي نڪري وڃڻ جو بهترين موقعو ملي ويو. اهڙين حالتن ۾ گورباچوف جي ذميواري ڇا هئي ۽ هن جا ان پنيان اراده ڪهڙا هئا؟

ٿامس: گورباچوف پنهنجي موقعي پرستي واري پوزيشن تي هوندي به اسان هن ڳالهه کان انڪار ڪيون ٿا ته هن همراهه ڇاٽي واٽي سوشلزم کي ڏوڪو ڏيڻ ۽ سرمائيداري نظام کي واپس آڻڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو هوندو. اندراپوف جي پيٽ ۾ گورباچوف هڪ بهترين اداڪار ته هو پر هي ڪم عقل هو ڇاڪاڻ ته هن جو مطالعو گهٽ هو. پر اندراچوف کي مارڪسزم ۽ ليننزم جي گهري ڄاڻ هئي. گورباچوف جو دماغ ساڄي ڌر طرف

پڻ اهم تاريخي دورن ۾ عروج تي پهتي. پهريون دور 1920ع ۾ شروع ٿيو جنهن مطابق نيو ايڪانامڪ پاليسي (NEP) تحت سرمائيداري کي رياست جي ضابطي ۾ رکي سڌارا ڪرڻا پيا. اهو سڀ رياست جي مرضي سان ڪرڻو پيو چاڪاڻ ته گهرو ويڙهه دوران حڪومت کي ايمرجنسي واري صورتحال کي منهن ڏيڻو هو. 1928ع دوران فيصلو ڪيو ويو ته پارٽي کي (NEP) کان ڪجهه اڳتي وڌڻ گهرجي. بهرحال ڪجهه پارٽي اڳواڻ هن فيصلي جي مخالفت ڪئي جن ۾ "Bukharin" به شامل هو. هن اهو دليل ڏنو ته (NEP) کي قائم رکيو وڃي چاڪاڻ هن جي مدد سان ئي اسان حقيقي سوشلزم تي پهچي سگهون ٿا. پر اسٽالن ۽ پارٽي جي اڪثريت بخارن جي خلاف ووٽ ڏنا ۽ اهو صحيح به هو چاڪاڻ ته لينن خود اهو چيو هو ته (NEP) مختصر عرصي لاءِ هوندي. هن مهل ان کي صرف ضرورت تحت استعمال هيٺ آندو ويو آهي ۽ هن پيداوار جي ذريعن کي سماجي ملڪيت بڻائڻ جي منصوبه بندي تي نظر مرڪوز رکي. هن دور ۾ نه صرف سرمائيدار، فائدي وارا ادارا ۽ ڏوهاري وڏيا بلڪ ساڄي ڌر طرفان سوشلسٽ نظريي جي مخالفت به وڌي. هت اسان کي چڱي طرح، ذريعن ۽ نظرين جو تعلق نظر اچي سگهي ٿو.

ٻيو تاريخي رخ 1953ع جي وچ ۾ اسٽالن جي موت کانپوءِ پيدا ٿيو. هي دور ڪافي عرصي تائين وڌندو رهيو. هنن ڳجهارتن جو ائين وڌڻ جو پهريون سبب خروشيف آهي. هر پاسي کان نه بلڪه ڪجهه پاسن کان هن صحيح قلابازيون ڪاڏيون ۽ رستو يا ڪلوف جي ڪري مڙيو. هن ڏنو ته سامراجيت کي هر ڪو قبول ڪيو ويٺو آهي جنهن ۾ هن سان پارٽي جا ڪافي عنصر به ڳڏ هئا. اهي عنصر Second Economy سان ڳنڍيل هئا. هڪ اهڙي ايڪانامي جيڪا خانگي سيڪٽر جو دفاع ڪندي هئي. بس پوءِ اهو وقت اچي ويو جڏهن گورباچوف جاٽي واٽي اهو فيصلو ڪيو ته هاڻي هو ڪميونسٽ نه رهيو آهي بلڪه هو سوشل ڊيموڪريٽ آهي. بس پوءِ هن جو منصوبا بندي، سماجي پيداوار جي ذريعن، پورهيت طبقي جي ڪردار ۽ سوشلسٽ جمهوريت تان اعتبار کڄي ويو. هن جي خواهش هئي ته سوويت يونين سوئيڊن يا ڪنهن ٻئي ملڪ جهڙو ٿي پوي. موقعي پرستي ۽ جدوجهد کي هٽ مان ڪڍڻ وارو هي عمل آهستي آهستي 1986ع تي بلڪل نروار ٿي بيٺو. پارٽي جي ڪجهه اڳواڻ هن عمل جي سخت مزاحمت ڪئي. انهن اڳواڻ مان لگاچوف به هو. جيتوڻيڪ هن ۾ ڪجهه خاميون هيون مگر هي گورباچوف کان ڪافي حد تائين بهتر هو. لگاچوف جيڪو سخت صدمي ۾ ورتل هو اها ڳالهه چئي ته پارٽي ۾ ڪرپشن جون به لهرون هيون. هڪ اها لهر هئي جيڪا شروع کان پارٽيءَ ۾ هئي جن کي هنن ختم ڪرڻ چاهيو جڏهن هي حڪومت ۾ آيو ۽ ٻي لهر هئي جيڪا سنپالڻ کان ڏيڍ سال پوءِ شروع ٿي. اها لهر Second Economy ۽ مافيا جي آرگنائيزيشن مان ڦٽي نڪتي هئي.

Avante: هڪ سوشلسٽ معاشري ۾ اهڙا ادارا ايتري طاقت سان ڪيئن اڀريا؟

ٿامس: سيڪنڊ ايڪانامي، سوويت يونين ۾

متائي ويو پر جڏهن هن ڏٺو ته هي گهٽو ڦهلجي ويو آهي ته هن وري حالتن کي صحيح ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي ان ڪانپوءِ برزنيف آيو. هي تبديلي کي سخت ناپسند ڪندو هو. هن چاهيو ته اسان صرف پنهنجو پاڻ کي مضبوط ڪريون ڪاٻي ۽ ساڄي ڌر جي تضاد کان علاوه ائين پيا مسئلا وڌندا ويا.
”سوشلسٽ اڏاوت سمجهه تي ٻڌل هوندي آهي.“

Avante: ٺيڪ برزنيف جي دور حڪومت ۾ مسئلا وڌيا پوءِ 1980ع ۾ جيڪي سڌارا آندا ويا هئا اهي ڇا جي لاءِ هئا؟

ٿامس: 80 واري ڏهاڪي ۾ مسئلا سپني اڳيان ظاهر هئا پر اهم سوال هي هو ته آخر هي مسئلا ڪير حل ڪندو. ڪاٻي ڌر يا ساڄي ڌر...؟

Avante: ۽ بدقسمتي سان اسان کي اها خبر آهي ته ڪهڙي ڌر مسئلا حل ڪيا......

راجر: پرائين نه آهي ته برزنيف جا صرف ناڪاري پاسا هئا. برزنيف جي دور ۾ روس وٽ ايتري فوجي طاقت هئي جيتري آمريڪا وٽ هئي. دنيا ۾ هلندڙ ڪيترن ئي علائقن ۾ سوويت پنهنجي فوجي مدد انقلاب کي موڪلي. فوج تي ڪيل هي ڪوشش جيڪا بين الاقوامي هئي ان ۾ اهم ذريعن جي طلب هوندي آهي جن کي توهان ملڪي مفاد لاءِ استعمال نه ٿا ڪري سگهو. شايد اهيا ئي وجهه هئي جو اهڙي وقت دوران برزنيف پرائيوٽ سيڪٽرن ڏانهن پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون هنيون جن جو سوشلسٽ ايڪانامي ۾ ڦهلجڻ غير قانوني هو. بس پوءِ second economy سان اهڙي قسم جي ڊيل ڪرڻ جو نقصان اهو ٿيو جو اهڙا فرد پيدا ٿي ويا جن کي ”برزنيف جا ڪروڙ پتي“ طور سڃاتو ويندو هو. هي اهي ماڻهو هئا جن پنهنجن نيٽ ورڪ جي مدد سان ڪوڙ سارا پئسا ڪمايا ۽ انتظاميه انهن جي هن عمل کي برداشت ڪندي رهي.

Avante: هي اها حقيقت آهي جنهن تي ناهي ڳالهايو ويندو. خاص طور تي ان حوالي سان جڏهن سوويت يونين پنهنجي عروج تي هيو؟

ٿامس: ها، اها هڪ غير قانوني انڊسٽري هئي پر ڇاڪاڻ ته اسان وٽ ڪو سرڪاري رڪارڊ موجود نه آهي ان ڪري هن تي تحقيق ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيش ايندي آهي.

راجر: پر هي حقيقت آهي ته هي هڪ اهڙو مونجهارو آهي جنهن کي مارڪسي لکڻين ۾ ڏٺو ته جام ويو آهي پر ان جي ٺيڪ طرح شناخت ٿي نه سگهي آهي. سيڪنڊ ايڪانامي کي سرمائيداري جي بچاءُ جو ذريعو سمجهيو ويو آهي. پر جيئن سوشلزم ترقي ڪندو اها ايڪانامي پنهنجو موت پاڻ مرندي. بهرحال، ڪجهه تحقيقون اهو ڏسن ٿيون ته هن جي هجڻ جي ڪابه اهميت نه آهي. هڪ مثال ذريعي، برزنيف جو دور ۽ اندراپوف جو هڪ مهيني جو دور جي تقابلي جائزو وٺجي ته اهو دلچسپي کان خالي نه آهي. جڏهن معاشي عمل ۽ مجرماڻي ڪيسن جي تحقيقات ڪئي وئي ته برزنيف جي دور ۾ ڪوبه اهڙو ڪيس نه هو جنهن ۾ ڪنهن کي ڏوهاري قرار ڏئي سگهجي. ايستائين جو انهن ڪيسن کي عدالتن ۾ به آندو ويو مگر اهي ماڻهو باعزت بري ٿي ويا. پر اندرپوف جي دور ۾ هي صورتحال تيزي سان تبديل ٿي وئي ۽ اهڙا ڪيترائي فرد عدالت ۾ آندا ويا جن کي مجرم قرار

ڏنو ويو.

Avante: توهان پنهنجي ڪتاب ۾ اُن نام نهاد خفيه رپورٽ جو تجزيو نه ڪيو آهي جنهن ڪي خروشيف 20 ڪانگريس جي اڳيان ”شخصيت پرستي“ جي نالي سان پيش ڪيو هُيو. توهان صرف ايترو لکيو آهي ته اسٽالن جي دور ڪي وري ڏسڻ جي ضرورت آهي. اوهان اهو به لکيو ته جيستائين ائين نه ڪيو ويندو ڪميونسٽ ماضي جا قيدي ئي رهندا. ڇا توهان هن تي ڪجهه روشني وجهڻ پسند ڪندا؟

راجر: جڏهن اسان ڪتاب لکڻ شروع ڪيو ته ساڳيو ئي سوال اسان جي ذهن تي به آيو هو. اسان فيصلو ڪيوسين ته اسٽالن جي تضاد سان پرپل ٽاپڪ ۾ نه پونداسين. ڇاڪاڻ اسٽالن خلاف ماڻهن جا ڪجهه موروثي تعصب آهن پيو ته اسان ڪي اسٽالن جي باري ۾ ڪافي شين جي ڄاڻ نه هئي. اسٽالن جيڪو چيو يا ڪيو هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن ڪي هر روز دهرايو ۽ ٻڌايو ويندو آهي. اسان وٽ انهن ڳالهين ڪي الڳ ڪرڻ جو ڪو اوزار ڪونه هو. اسان بس ايتري جسارت ڪئي ته هن مسئلي ڪي بحث ۾ آڻڻ لاءِ دروازا کوليا. جيڪڏهن ڪير پڇي ته اسان اهو چوڻ ۾ ڪونه ڪيٻائينداسين ته اسٽالن يا هن جي دور جي سڀني سوالن جا جواب اسان وٽ نه آهن.

Avante: پر توهان پنهنجي ڪتاب جي تعارفي پني تي سوشلزم جون جيڪي حاصلاتون رهيون آهن انهن جي لسٽ ڏني آهي. انهن حاصلاتن مان ڪجهه اهڙيون به آهن جيڪي اسٽالن جي دور سان تعلق رکن ٿيون؟

ٿامس: ها اها بلڪل حقيقت آهي. پر شروع ۾ اسان ڪي اهو چونڊٽو پيو ته اسان هر مسئلي تي لکنداسين يا اهڙن مسئلن تي لکنداسين جيڪي وڏيڪ اهم هوندا. اسان جي ڪتاب تي جيڪي تنقيدي حملا جعلي مارڪسين ۽ جهموريت پسندن ڪيا آهن. انهن سڀني اسٽالن جي سوال ڪي ڏاڍو فوڪس ڪيو آهي. هي همراهه گورباچوف يا سيڪنڊ ايڪانامي تي ڪجهه به چوڻ لاءِ تيار نه آهن. باقي اسان تي صرف ان ڪري تنقيد ڪئي اٿن ته اسان اسٽالنزم طرف نرم رويو رکيو آهي. اسان تي اهو الزام آهي ته اسان ڪي اسٽالن جي شڪل ۾ ڪو راڪاس، ڇريو يا ڪاسائي نظر ڇو نه آيو.

Avante: پر جيڪڏهن توهان جي ڪتاب جو ٿيسز صحيح آهي ته پوءِ اسٽالن جون پاليسيون ۽ طريقا به صحيح هوندا ۽ صرف ان جا ئي طريقا هوندا جن سوشلزم ڪي وڌائڻ ۽ انقلابي حاصلات جي دفاع ڪي يقني بڻايو هوندو؟

راجر: اسٽالن جي طرف ماڻهن جو رويو ايترو ته انڌو ۽ جذباتي بي حيائي تي ٻڌل آهي جو ڪن تنقيد ڪندڙن اسان ڪي غلط پڻ ڪوٺيو. اهي هن ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته اسٽالن سوويت يونين جي ٽٽڻ جو اصل ڪارڻ آهي.

Avante: توهان سوشلزم ۾ ذاتي فيڪٽر جي اهميت تي وڌيڪ روشني وڌي آهي. جنهن ۾ توهان چيو آهي ته ليڊرن جو ڪردار سرمائيداري کان سوشلزم ۾ وڏيڪ فيصلاڪن هوندو آهي. ائين ڇو؟

ٿامس: هن ڪتاب ۾ اسان هڪ تشبيهه استعمال ڪئي آهي جنهن ۾ سرمائيداري ڪي اسان هڪ اهڙي ٻيڙيءَ سان پيٽ ڏني آهي جيڪا درياءَ

جي وهڪري سان هلي رهي آهي. ان ٻيڙي کي ٺيڪ طرح هلائڻ جا امڪان بلڪل گهٽ آهن. اها لهرن سان وهندي هلندي آهي ۽ توهان صرف ان جي اڳين حصي کي جنهن جوصرف منهن آسمان طرف آهي ان ۾ ڪجهه تبديليون آڻي سگهو ٿا.

سوشلزم هڪ جهاز آهي جيڪو هوائي سواري جو هڪ بي مثال ذريعو آهي. هن جهاز کي اڏائڻ لاءِ تربيت يافته ٽيم درڪار آهي. جيڪا سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي رازن جي مڪمل ڄاڻ سان ان تي فزڪس جا قانون لاڳو "apply" ڪري. ٻين لفظن ۾ اسان چئي سگهون ٿا ته هوائي جهاز هڪ بهترين ۽ سفر جو اعليٰ سسٽم آهي پر ان کي هلائڻ ٻيڙيءَ جي بنسبت وڌيڪ نازڪ آهي. پر ان جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته ڇاڪاڻ جو اسانکي جهاز هلائڻ ۾ دشواري محسوس ٿئي ٿي تنهنڪري اچو ته ٻيڙين ۾ سفر ڪيون. نه اسان کي ٻيڙي تي سفر ڪرڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. اسان کي غارن وارن گهرن طرف وڃڻ جو ڪوبه شوق نه آهي. اها حقيقت ڄاڻيندي به ته اسان جي هٿن جا ٺهيل گهر (غارن جي پيٽ) ڊهي پوندا آهن.

برطانيه هندستان تي حڪومت ڪيئن ڪئي...

ليکڪ: جواهر لال نهرو


مترجم: مسرور شاهه

(جواهر لعل نهرو هندستان جي آزادي واري تحريڪ جو اهم اڳواڻ ۽ ملڪ جو پهريون وزيراعظم هو. هي مضمون سندس ڪتاب "Glimpses of world history" تان ورتو ويو آهي. هي ڪتاب انهن خطن تي آڌاريل آهي جيڪي جواهر لعل نهرو پنهنجي ڌيءَ "اندرا" ڏانهن لکيا هيا. دنيا جي سڀ کان وڏي قومپرست تحريڪ جي هِن مرڪزي اڳواڻ جو هي مضمون ڪوڙ معنائن ۾ سنڌ اندر قومي ڪارڪنن لاءِ به اهم آهي، جيڪي سامراجيت ۽ هِن رياست کي ڪٺي ڪري، سنڌ جي غلامي جو ڪارڻ طبقاتي تفريق کان آجي پنجاب کي سمجهن ٿا. ياد رهي ته سنڌ ۽ ٻين قومن جي غلامي، رنجيت سنگهه جي اڳواڻي هيٺ جاگيردار پنجاب واري دور ۾ نه پر نئين سرمائيداري، نظام ۽ هِن رياست جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ نئين دور ۾ داخل ٿي آهي. هي مضمون هم قوم ڪامورا شاهي ۽ جاگيرداري جي سياسي ڪردار جو تعين به ڪري ٿو ۽ سمجهائي ٿو ته ڪهڙي ريت هڪ اقليت، اجگر جيڏي گهڻ رياستي ملڪ کي غلام بڻايو ۽ مذهب سميت سمورن پراڻي مدي خارج صورتن کي نئين سر زنده ڪيو.) **ادارو**

مان پهريان به اُوڻهين صديءَ جي هندستان تي لکيو آهي اها هڪ طويل دردناڪ ڪهاڻي آهي. مان هن وقت به هندستان جي موجوده ڪهاڻي تي زور ڏئي رهيو آهيان اهو غير فطري نه آهي ته هڪ هندستاني هجڻ جي حيثيت سان مان ان ۾ گهڻي دلچسپي رکان ٿو. ان کانسواءِ موجوده وقت اسان لاءِ تاريخي طور گهڻي اهميت رکي ٿو. موجوده هندستان، اڻويهين صديءَ ۾ ٺهيو. جيڪڏهن اسان هندستان کي سمجهڻ چاهيون ٿا ته پوءِ اسان کي انهن طاقتن کي به سمجهڻو پوندو جن ان هندستان کي ٺاهيو يا برباد ڪيو.

برطانوي راڄ جي سنائين ۽ ٻراين کي پڙهندي توهان ڪڏهن ڪڏهن هنن جي پاليسين تي ڪاوڙ به ڪندؤ جن مان وڏي بربادي پکڙي. اها ڪنهن جي غلطي آهي؟ ڇا اِهو اسان جي ڇريائپ ۽ ڪمزوري جي ڪري اٽر نه بڻيو؟ ڪمزوريون ئي ظلم کي دعوت ڏينديون آهن. برطانيه جي ڏاڍائي ڪنهن جي ڏاڍائي آهي؟ ڪير ان مان فائدو وني ٿو؟ ظاهر آهي ته سڄو انگريز نسل نه ڇاڪاڻ ته اهي پاڻ لکن جي تعداد ۾ بکايل

آهن ۽ ظلم جو شڪار آهن ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته هندستان جي ڪجهه گروهن ۽ طبقن برطانوي استحصال مان فائدو ورتو جيڪو هندستان تي ٿيو ته پوءِ اسان کي لڪير ڪٿي ڇڪڻ گهرجي؟ اهو فردن جو سوال نه پر نظام جو سوال آهي. اسان هڪ وڏي مشين جي هيٺان رهي رهيا آهيون. جنهن هندستان جي لکين ماڻهن کي ڪچلي ڇڏيو آهي. اها مشين نئين سامراجيت جي مشين آهي. جيڪا صنعتي سرمائيداريءَ جي پيداوار آهي. اِن استحصال جو نفعو انگلستان وڃي ٿو پر انگلستان ۾ اهو سڄو جو سڄو ڪجهه خاص طبقن ڏي ۽ استحصال مان پيدا ٿيندڙ نفعي جو ڪجهه حصو هندستان ۾ رهي ٿو جنهن مان ڪجهه طبقا فائدو حاصل ڪن ٿا. تنهن ڪري ڪجهه فردن يا پوري برطانيه تي غصو ڪرڻ فضول آهي. جيڪڏهن نظام خراب آهي ۽ اسان کي زخمي ڪري ٿو ته پوءِ ان کي تبديل ٿيڻ کپي. ان سان ڪوبه فرق نٿو پوي ته ڪير اُن نظام کي هلائي ٿو سٺا ماڻهو به خراب نظام ۾ وائڙا ۽ لاچار هوندا آهن. توهان پٿرن کي ڪاڏ خوراڪ ۾ نٿا بدلائي سگهو پلي توهان انهن کي ڪيترو به پچايو. سو منهنجي خيال ۾، سامراجيت ۽ سرمائيداري کي ٺيڪ نٿو ڪري سگهجي صرف انهن کي تباهه ڪري ئي ترقي ڪري سگهجي ٿي.



مان توکي (اندرا) پهريان به هندستان جي اُسريل ڪپڙي جي صنعت جي باري ۾ ٻڌايو آهي. پيداواري طريقن ۾ فطري اوسر سان ٻاهرين مداخلت ڪانسواءِ به مشيني صنعت جو هندستان ۾ اچڻ اڳي يا پوءِ اٽر هو. ملڪ ۾ لوهه ۽ ڪوئلو به هو ۽ جيئن اسان ڏٺو ته انگلينڊ ۾ ان صنعتڪاري ۾ وڏي مدد ڪئي ۽ ڪنهن حد تائين هندستاني ڪوئلي ۽ لوهه ئي اها صنعتڪاري آندي. آخرڪار هندستان ۾ به اهڙي صنعتڪاري ٿئي ها. تنهن هوندي انگريزن برصغير ۾ مداخلت ڪئي. اهي اهڙي ملڪ جي نمائندگي ڪن پيا جيڪو اڳ ۾ ئي هڪ صنعتي مُلڪ ۾ تبديل ٿي چڪو هو هڪ خيال هو ته ٿي سگهي ته هو هندستان ۾ تبديليءَ جي حمايت ڪن ۽ ان طبقي کي مٿي ڪن جيڪو اها تبديلي آڻي سگهي پر هنن اهڙو ڪجهه به نه ڪيو. يقينن هنن ان جي ابتڙ ڪيو. هندستان کي ممڪنه حريف سمجهي انگريزن ان جون صنعتون تباهه ڪري ڇڏيون ۽ صنعتي واڌ ويجهه جي حوصله شڪني ڪئي. ان ڪري اسان کي هندستان ۾ اِها صورتحال ملي ٿي. اسان ڏسون ٿا ته برطانيه يورپ ۾ سڀ کان اسريل قوم جي حيثيت سان، هندستان ۾ سڀ کان رجعت پسند طبقن سان تعلق جوڙيا. هنن مئل جاگيرداريءَ جي حمايت ڪئي. جاگيردار پيدا ڪيا. برطانيه اصل ۾ هندستان اندر جاگيرداري کي مضبوط ڪيو. ان حقيقت جي باوجود به ته برطانوي يورپ ۾ بورجوا انقلاب جا باني هئا. جنهن هنن کي اسيمبلي جو اختيار ڏنو. هي صنعتي انقلاب جا به باني هئا جنهن دنيا کي سرمائيداري دور ۾ داخل ڪيو.

اهو سمجهڻ مشڪل نه آهي ته برطانيه ائين چو ڪيو. سرمائيداري جو سڄو بنياد ڇتا پيٽي (Competition) ۽ استحصال تي

بيٺل آهي ۽ سامراجيت ان جي اسريل شڪل آهي. ان ڪري انگريزن پنهنجي اصل حريفن کي ختم ڪيو ۽ ڇاڪاڻ ته هو هنن جي پيداوار کي روڪيو. هو هندستان جي عوام سان دوستاڻا لاڳاپا نه پيا ٺاهي سگهن. ڇاڪاڻ جو هنن جو اصل مقصد استحصال ڪرڻ هو. جيئن ته استحصال ڪندڙ ۽ استحصال جو شڪار ٿيندڙن جا مفاد هڪ نه ٿا ٿي سگهن. تنهن ڪري برطانوي واپس جاگيرداري تي ڪري پيا جيڪا هندستان ۾ اڄا تائين آهي. انگريزن جي اچڻ کان پهريان جاگيرداري ۾ ٿوري طاقت وڃي بچي هئي. پر بعد ۾ انهن کي سهارو ڏنو ويو. پر اهو ان طبقي لاءِ عارضي آهي جيڪو اڳ ۾ ئي پنهنجي عمر گذاري چڪو آهي. جڏهن اها ٺيڪ ختم ٿيندي ته جاگيردار يقينن يا ته ختم ٿي ويندا يا پاڻ کي نئين حالتن مطابق تبديل ڪندا. ست سو هندستاني رياستون برطانوي مرضي ۽ منشا تي بيٺل آهن.

برطانوي سامراج مذهبي رجعت پسندي جي به مدد ڪئي. اهو ڪجهه عجيب ٿو محسوس ٿئي. ڇاڪاڻ جو برطانوي ڪلي عام عيسايت کي ٿا مڃن ۽ ان باوجود به هنن جي اچڻ جي ڪري هندستان ۾ اسلام ۽ هندومت وڏيڪ ڪٽر بڻجي ويا. ڪنهن حد تائين اهو ردعمل فطري هو، جيئن ته غير ملڪي مداخلت ڪنهن ملڪ جي ثقافت ۽ مذهب کي سخت ۽ ڪٽر ڪري ڇڏيندي آهي. ائين ئي ساڳي نموني مسلمانن جي ڪاهه جي ڪري هندومت ڪٽر ٿي ويو هو ۽ ذات پرستي پيدا ٿي هئي.

هاڻي ساڳي ئي انداز ۾ انگريزن جي اچڻ تي هندومت ۽ اسلام ردِعمل جو اظهار ڪيو. پر ان کان علاوه برطانوي حڪومت ڄاڻي واڻي پنهي مذهبن جي رجعت پسند عنصرن جي مدد پڻ ڪئي. برطانوي ڪنهن به مذهب ۾ دلچسپي نه پيا رکن پر هنن جو مقصد پئسا ٺاهڻ هو. هو ماڻهن جي مذهبي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ کان بچڻ پيا ۽ ان کان به ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو ماڻهو انهن جي خلاف ڪاوڙ ۽ ردعمل ۾ اٿي پون ان شڪ ۽ شُبهي کي ختم ڪرڻ لاءِ هنن ملڪ جي رسمي شڪل واري مذهبن جي مدد ڪئي ان جو نتيجو عام طرح اهو هوندو آهي ته رسمي شڪل بچي ويندي آهي ۽ اندر ڪجهه به نه هوندو آهي.

مذهبي قدامت پسندن جي پوءَ ڪري حڪومت ڪوڙ سارين اصلاحن جي معاملي ۾ انهن جو ساٿ ڏنو. هڪ ٻاهرين حڪومت مشڪل سان سماجي اصلاح ڪندي آهي. ڇاڪاڻ جو اهڙو اصلاح ماڻهن کي غصو ڏياريندو آهي. هندومت ۽ هندو قانون گهڻن طريقن سان تبديل ٿي رهيو هو جيڪو عمل ترقي پسند به هو، جيتوڻيڪ ويجهي دور ۾ ترقيءَ جي رفتار تمام سُست رهي آهي. هندو قانون گهڻي قدر هڪ رسم آهي ۽ رسمون ۽ روايتون تبديل ٿين ٿيون ۽ وڌن ٿيون. هندو قانون جي اها لچڪ برطانوي راڄ جي ڪري ختم ٿي وئي ۽ ڪٽر ماڻهن سان صلاح مشورو ڪري وڌيڪ سخت قانون تيار ڪيا ويا. تنهن ڪري هندو سماج جي اوسر جيڪا اڳ ۾ ئي آهستي هئي اها رڪجي وئي. مسلمانن نئين حالتن تي اڃا گهڻي ڪاوڙ ڪئي ۽ پنهنجن دائرن ۾ ويهي رهيا.

برطانوي حڪومت کي گهڻو داد "ستي" جي رسم کي ختم ڪرڻ تي مليو. جنهن مطابق هڪ هندو بيواهه پنهنجي مڙس جي چتا تي پاڻ کي ساڙيندي هئي. انهيءَ لاءِ هنن کي ڪجهه داد ڏيڻ گهرجي پر حقيقت ۾ حڪومت ان اصلاحي تحريڪ، جنهن جي اڳواڻي راجا رام موهن ڪري رهيو هو، ڪانپوءِ ڪجهه قدم کنيا. هنن کان پهريان ٻين حڪمرانن خاص طور تي

مرهٽن هن رسم کي ختم ڪيو، پرتگالن به گوئا ۾ انهيءَ رسم کي ختم ڪيو هو. برطانوي حڪومت هن رسم کي هندستاني ردعمل ۽ عيسائي مشيرن جي زور تي ختم ڪيو. جيتري قدر مون کي ياد آهي ته برطانوي حڪومت اهو هڪڙو ئي مذهبي طور اهم سڌارو آندو.

سو برطانوي حڪومت سپني پٺتي پيل ۽ قدامت پسند عنصرن سان تعلق جوڙيا ۽ هنن هندستان کي هڪ زرعي ملڪ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو هنن لاءِ ڪچو مال (Raw Material) پيدا ڪري. هندستان ۾ ڪارخانن جي واڌ روڪڻ لاءِ هنن هندستان ۾ ايندڙ مشينري تي ڊيوٽي (Duty) لڳائي. مشينري تي ڊيوٽي (Duty) جي ڪري، (جيڪا 1860ع تائين ختم ڪئي وئي)، هندستان ۾ ڪارخاني لڳائڻ جي قيمت انگلستان کان چوٽي ٿي وئي جيتوڻيڪ هندستان ۾ مزدوري سستي هئي. اُها رڪاوٽ جي پاليسي صرف معاملن کي ملتوي ڪري سگهي پئي پر اٽڙ واقعن کي نه پئي روڪي سگهي. صدي جي وچئين ڏهاڪي ۾ مشيني صنعت هندستان ۾ پيدا ٿيڻ شروع ٿي وئي. بنگال ۾ برطانوي سرمائي سان سڻي جي صنعت شروع ٿي. ريلوي جي اچڻ جي ڪري صنعتڪاري کي مدد ملي ۽ 1880ع ڪانپوءِ ڪپڙي جون ملون، هندستاني سرمائي سان بمبئي ۽ احمدآباد ۾ شروع ٿيون. ڪپهه جي ملن کان علاوه، اها صنعتڪاري برطانوي سرمائي سان ٿي. حڪومت ليسي فيئر (laissez faire) (منڊيءَ جي آزادي) جي ڳالهه ڪئي يعني ذاتي صنعتڪاري جي ڪوشش ۾ مداخلت نه ڪرڻ جي. پر برطانوي حڪومت هندستاني واپار ۾ مداخلت ڪئي هئي ۽ پابندين ۽ ڊيوٽيز (Duties) سان ان کي ڪچلي ڇڏيو هو. جڏهن اُڻويهين صديءَ جي شروعات ۾ اهو واپار هنن جو حريف هو. سپ کان مٿي اچڻ ڪانپوءِ هو ليسي فيئر (Laissez faire) جي باري ۾ ڳالهائي پئي سگهيا. تاهم حقيقت ۾ هو لاتعلق نه هئا هنن ڪجهه هندستاني صنعت جي حوصله شڪني ڪئي، خاص طور تي بمبئي ۽ احمد آباد جي وڌندڙ ڪپهه جي صنعت جيان هندستاني ملن تي ٽڪيس لڳايو ويو. انهيءَ کي مصنوعات ٽيڪس (Excise Tax) يا ڊيوٽي (Duty) چيو ويو. ان جو مقصد برطانوي ڪپهه جي سامان (Cotton goods) جيڪو لنڪاشائر مان هو، جي هندستاني ٽڪيسٽائل جي مقابلي ۾ مدد ڪرڻ هو.

انهيءَ ذريعي هندستان ۾ جديد صنعت تمام آهستي وڌي. هندستان جي مٿئين طبقي صنعتي ترقي لاءِ دانهون ڪيون. حڪومت دير سان، منهنجي خيال ۾ 1905ع ۾ ڪامرس ۽ انڊسٽري جو ادارو کوليو پر ان مان به پهرين عالمي جنگ تائين ڪو ڪڙ تيل نه نڪتو. انهن صنعتي حالتن هڪ مزدور طبقو ٺاهيو جيڪو شهري ڪارخانن ۾ ڪم ڪندو هو.

ڪارخانن جي مزدورن جلدي اهو محسوس ڪيو ته ٿوري اجرت مان پوري نه ٿي ٿي سگهي. شهرن ۾ هر شيءِ مهانگي آهي رهڻي ڪهڻي جي قيمت وڏيڪ آهي. گهر جنهن ۾ مزدور رهن پيا اهي نيچ ۽ گندا هئا. انهن جي ڪم جون حالتون به خراب هيون. ڳوٺن ۾ به هُو (مزدور) ٻک ڪٽيندا هئا. پر اُتي انهن لاءِ صاف هوا ۽ سج جي روشني هئي هڪ ڪارخاني جي مزدور لاءِ ڪابه خالص هوا ۽ ٿوري به روشني نه هئي. هن جي اُجرت ايتري نه هئي جنهن سان هو پنهنجو گهر گهاٽ هلائي سگهي عورتن ۽ ٻارن کي به گهڻن ڪلاڪن تائين ڪم ڪرڻو پوندو هو. عورتون پنهنجي ٻارن کي نشو ڏينديون هيون. ته جيئن هو ڪم ۾ مداخلت نه ڪري سگهن. اهي هيون ڪجهه مايوس ڪندڙ حالتون ڪارخانن جي مزدون

جون. هو ناخوش هئا، ڪڏهن ڪڏهن مايوسي ۾ هو هڙتال به ڪندا هئا پر هو ڪمزور هئا ۽ سرمائيدار هنن کي آرام سان ڪچلي ڇڏيندا هئا. جن کي حڪومت جي حمايت هئي. آهستي آهستي ۽ ڪجهه تلخ تجربن ڪانپوءِ مزدورن گڏيل عمل جي اهميت کي سمجهيو. هنن ٽريڊ يونين ٺاهيون.

1858ع ۾ برطانوي پارليامينٽ هندستان جي سڌي حاڪميت سنڀالي، بعد ۾ برطانوي راڻي هندستان جي سڌيءَ ريت حاڪم ٿي وئي. هندستان ۾ گورنر جنرل وائسراءِ ٿي ويو ۽ ان جي هيٺان سرڪاري آفيسرن جو هجوم هو. هندستاني حڪمرانن جي هيٺان رياستون اڌ آزاد هجڻ گهرجن ها، پر حقيقت ۾ اهي سڀون برطانوي حڪومت تي آڌاريل هيون. هڪ سرڪاري حاڪم، جنهن کي ريزيڊنٽ (Resident) چئبو هو، هر رياست ۾ رهندو هو ۽ انتظاميه تي جنرل ڪنٽرول ڪندو هو، هو اندروني اصلاح ۾ دلچسپي نه رکندو هو. رياست ۽ حڪومت جي خراب ڪارڪردگي سندن لاءِ ڪو مسئلو نه هيو. هنن جي دلچسپي صرف برطانوي حڪومت کي مضبوط ڪرڻ ۾ هئي.

هندستان جو ٽيون حصو (One third) اهڙين رياستن ۾ ورهايل هو. باقي ٻن حصن (two third) تي برطانيه جي سڌي حڪومت هئي. انهيءَ حصي کي برٽش انڊيا (British India) يا برطانوي هندستان چيو ويندو هو. سڀ مٿيان سرڪاري ماڻهو برطانوي هئا. صدي جي آخر تائين ڪجهه هندستاني ريڙهيون پائي اُن طبقي ۾ شامل ٿيا، اهي سڀ ڪامورا فوج کان علاوه انڊين سول سروس (Indian Civil Service) يا آءِ سي ايس جي پيداوار هئا. تنهن ڪري سچي هندستاني حڪومت ان سروس جي ضابطي ۾ هئي. ڪامورا شاهي، ڪامورن جي هڪ اهڙي حڪومت هجي ٿي جيڪا صرف انتظامي حڪمراني تائين محدود هوندي آهي ۽ عوام ڏانهن جوابده ناهي هوندي. خود لفظ بيورو (Beuro) مان مراد دفتر جي آهي.

اسان آءِ سي ايس (I.C.S) جي باري ۾ ڪافي ڪجهه ٻڌون ٿا اهي ڪجهه شوقين قسم جا ماڻهو رهيا آهن. اهي ڪافي طريقن ۾ هنرمند به هئا. انهن حڪومت کي مضبوط ڪيو، برطانوي راڄ کي مضبوط ڪيو ۽ اتفاق سان انهن گهٽو فائدو ورتو. حڪومت جا اهي سڀ ادارا جن برطانوي راڄ کي مضبوط ڪيو ۽ ٽيڪس گڏ ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪئي انهن ئي کي منظم ڪيو ويو ۽ ٻين محڪمن کي نذرانداز ڪيو ويو. آءِ سي ايس انهن محڪمن ڏي ڌيان نه ڏنو جن جو تعلق عوام سان هو ڇاڪاڻ ته هو عوام جا رڪيل نه هئا ۽ نه وري انهن وٽ جوابده هئا. انهن حالتن ۾، جيئن ته اهو فطري هو ته عوام انهن لاءِ اڇوت ٿي ويو. تنگ نظر هجڻ باوجود هو پاڻ کي سڀ کان عقلمند سمجهڻ لڳا. هندستان جي پلائي هنن لاءِ پنهنجي نوڪري جي پلائي هئي. هو ٿنا پسند ۽ ٿنا خوان هيا. آمرانه طاقت جو نتيجو هو جو انڊين سول سروس عملي طور هندستان جي حڪمران هئي. برطانوي پارليامينٽ مداخلت ڪرڻ کان تمام پري هئي ۽ ان کي ڪابه ضرورت نه هئي. ڇاڪاڻ جو آءِ سي ايس انهن جي ئي صنعت جا سمورا مفاد پورا ڪري رهي هئي تنهن هوندي به انڊين سول سروس يا آءِ سي ايس ۾ ڪجهه ايماندار ۽ قابل ماڻهو هئا پر اهي پاليسي کي تبديل نه پئي ڪري سگهيا. جيڪا هندستان کي هڪ طرف ڌڪي رهي هئي. آءِ سي ايس، انگلستان جي صنعتي مفادن جي ايجنٽ هئي، جيڪي صرف هندستان جي استحصال ۾ دلچسپي رکي پئي.

اها هندستان جي نوڪر شاهي حڪومت اُتي وڏيڪ پختي هئي جتي جتي برطانوي صنعت جا مفاد هئا. پر تعليم، صحت ۽ نيڪاس جو نظام ۽ اُهي سڀ عمل جيڪي هڪ صحتمند ۽ اڳتي وڌندڙ قوم ناهن ٿا سي نظرانداز ڪيا ويا. گهڻن سالن تائين انهن جي باري ۾ ڪا سوچ نه هئي. ڳوٺن جا تعليمي ادارا ختم ٿي ويا، پوءِ آهستي آهستي ڪجهه شروعات ڪئي وئي. تعليم جي اهڙي شروعات صرف پنهنجي لاءِ ڪئي وئي. سڀ مٿيان حڪومتي عهدا برطانوي ماڻهن سان ڀريل هئا پر هُو ننڍا عهدا ۽ ڪلرڪيون نه ڀري سگهيا. ڪلارڪن جي ضرورت هئي ۽ انهن کي پيدا ڪرڻ لاءِ برطانوي حڪومت اسڪول ۽ ڪاليج کوليا. جيئن ته هندستان ۾ تعليم جو مطلب اِهو هو تنهن ڪري ان جي پيداوار به صرف ڪلارڪ ٿي پئي سگهيا. پر جلد ئي ڪلارڪن جي فراهمي حڪومت جي گهُرج کان گهڻي ٿي وئي تنهن ڪري انهن مان ڪافي بيروزگار رهجي ويا ۽ انهن هڪ نئون پڙهيل لکيل طبقو ناهيو.

ان نئين انگلستاني تعليم ۾ بنگال سڀ کان اڳتي هو ۽ ان جي ڪري پهريان ڪلارڪ گهڻي قدر بنگالي هئا. 1857ع ۾ ٽي يونيورسٽيون ٽن شهرن، ڪلڪتي، بمبئي ۽ مدراس ۾ کوليون ويون. سڀ کان اهم ڳالهه اها هئي ته مسلمانن نئين تعليم ۾ دلچسپي نه ورتي تنهن ڪري اهي حڪومتي سروسز ۽ ڪلارڪي جي ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي ويا. بعد ۾ اِها انهن لاءِ اها هڪ پڇتاءُ جوڳي ڳالهه ٿي!

ٻيو اهم ۽ آخري سچ اُهو آهي ته جڏهن حڪومت تعليم جي شروعات ڪئي ته چوڪرين کي پاسي تي رکيو ويو اِن ۾ ڪجهه به عجيب ناهي. اصل ۾ ان تعليم جو مطلب ڪلارڪ پيدا ڪرڻ هو ۽ مرد ڪلارڪن جي ضرورت هئي. پنٽي پيل سماجي رسمن جي ڪري ان ۾ عورتن کي مڪمل طرح نظرانداز ڪيو ويو پر ڪافي عرصي ڪانپوءِ انهن لاءِ ٿوري گنجائش رکڻ جي رسم شروع ڪئي وئي.



مان سوشلسٽ ڪيئن ٿيس

هيلن ڪيلر/ ڪامريڊ ڪهڪشان

("هيلن ڪيلر" يقينن هي نالو اوهان جي نظرن اڳيان گذريو هوندو ۽ اوهان جي سماعتن محسوس ڪيو هوندو. ها! مون به اوهان سڀني وانگي پنهجي ٻالڪپڻ ۾ 'هيلن' جو نالو ڪنهن درسي ڪتاب جي باب جي ڪنهن ورق تي ڇپيل ڏٺو هو. هيلن هڪ انڌي، ٻوڙي، گونگي عورت! جنهن صرف محنت ڪري پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ سکيو ۽ Harvard University مان تعليم پرايائين.

خبر ناهي ڇو ماڻهن جي گهڻين ڪاميابين کي ڳجهو رکيو ويندو آهي؟ شايد ان ڪري ته هو وڏين قوتن جي ڏاڍ جي خلاف هوندا آهن، شايد ان ڪري جو هو ڪنهن اونداهين سماج ۾ جوت جلائڻ چاهيندا آهن يا شايد هو ڪنهن مسڪين کي انصاف ڏياري انهن جي اکڙين جي ڏيئن کي روشن ڏسڻ چاهيندا آهن. مقصد ڪٿي جيڪو به هجي: ڪنهن جي اظهار جي آزادي، وڏيرپ ۽ سگھورپ خلاف ويڙهه، سرمائيداري خلاف جنگ يا سوشلزم جي حمايت، جي ها سوشلزم! اوهان سوچيندا هوندئو هيلن ڪيلر جي ذڪر ۾ سوشلزم ڇو؟ ڇو ته هيلن پاڻ سوشلسٽ هئي. هڪ ڇرڪائيندڙ حقيقت! جنهن کان اسان جا اڪثر ماڻهو اڻ ڄاڻ آهن. مون کي به تڏهن ان ڳالهه جي خبر پئي جڏهن مان هيلن ڪيلر تي لکيل ڪتاب Rebel Lives جو باب How I became socialist پڙهيو. اچو اوهين به هيلن جي سوشلزم جي سفر جو مطالعو ڪيو ۽ ڪجهه حقيقتن کان واقف ٿيو.)

(مترجم)

ڪجهه مهينن کان اخبارن ۾ منهنجو نالو ۽ سوشلزم گڏوگڏ ڇپبا رهيا آهن. منهنجي هڪ ساهيڙيءَ مون کي ٻڌايو آهي ته اڳين صفحن ۾ منهنجو نالو، بيس بال، مسٽر روز ويلٽ ۽ نيويارڪ پوليس جو اسڪينڊل گڏ ڇپيا آهن.

انهيءَ هڪجهڙائي سبب آئون ڪا خوش ته ناهيان پر مجموعي طور تي مونکي خوشي ٿي ٿئي ته ڪيترائي ماڻهو منهنجي ۽ منهنجي استاد مسز ميسي جي تعليمي ڪاميابين ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن.

گمنامي کي به پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو سو مون کي اخبار وارن جي اها ڳالهه وڻي ٿي ته هو منهنجي سرگرمين کي سوشلزم جو نالو ڏين ٿا. مستقبل ۾ مان سوشلزم بابت لکڻ چاهيان ٿي ۽ مون کي ۽ منهنجي خيالن کي ملندڙ مشهوريءَ جو جواز پيش ڪرڻ گهران ٿي. ڇو ته مون هن وقت تائين انهيءَ موضوع تي تمام گهٽ لکيو يا ڳالهايو آهي. مان فقط ڪجهه خط ئي لکي سگهي آهيان. خاص ڪري ڪامريڊ فريڊو آرن کي جيڪو ڇپجي چڪو آهي. مون ڪن اخباري نمائندن کي بيان به ڏناآهن جن مان هڪ مسٽر آئرلينڊ عزت ۽ احترام سان ڇاپيو هو.



منهنجي حياتيءَ جي ڪن غير اهم واقعن تي سرمائيدار توڙي سوشلسٽ پريس ۾ ايڊيٽوريل ڇپبا رهيا آهن جن جي تراشن سان منهنجي ڪبٽ جا خانا پريا پيا آهن جيڪي مون پڙهيا به ناهن. جڏهن اهڙين غير اهم ڳالهين بابت ايترو گهڻو لکيو ويو آهي ته جڏهن مان دل لڳائي ويهي

سوشلزم بابت لکندس ته کيترو هُل هنگامو ٿيندو. في الحال ته مان ڪجهه وضاحتن تي ئي اڪتفا ڪنديس. پهرين ته مان سوشلسٽ ڪيئن ٿيس؟ پهريون ڪتاب جيڪو مون پڙهيو سو مسٽر ويلز جو New words for old (پوڙهن لاءِ نيون ڳالهيون) هُيو. مون اهو ڪتاب مسز ميسي جي صلاح تي پڙهيو..... جڏهن هن مونکي اهو ڪتاب ڏنو ته هوءَ پاڻ به سوشلسٽ ڪانه هئي، اڃا به ڪانهي.

ان ڪتاب کان پوءِ مون ٻين ڪتابن جي گهر ڪئي ۽ مسٽر ميسي مون کي ٻيا ڪجهه ڪتاب آڻي ڏنا. مان جرمن ٻولي ۾ بريل خط ۾ ڇپيل به ماهي سوشلٽ رسالا پڙهندي آهيان. ڪجهه ڪتاب منهنجي هڪ ساهيڙي منهنجي هٿ تي لفظ لکي ٻڌائيندي آهي. اهو عمل ڏکيو ته آهي پر وڻندڙ آهي. ڳالهه بس ايتري آهي پر سوشلسٽ مخالف پريس ان کي وڌائي وڌ ڪيو آهي. مثال هڪ هنڌ لکيائون ته 25 سالن تائين مس ڪيلر جي استاد مسز ميسي ۽ سندس مڙس (جيڪي ٻئي پڪا سوشلسٽ پرچارڪ آهن) سان گڏ رهندي سندن اثر قبول ڪري چڪي آهي.

هاڻي مسٽر ميسي پرجوش سوشلسٽ پرچارڪ هجي ته هجي پر مسز ميسي پڪ سان نه مارڪسسٽ آهي ۽ نه ئي سوشلسٽ.

ٻئي هِڪ هنڌ لکن ٿا:

اسڪينيڪٽيڊي جا سُرخا
مشهوري حاصل ڪرڻ خاطر
انڌي ڇوڪري هيلن ڪيلر
کي اشتهارن ۾ استعمال
ڪري رهيا آهن.

اها ته هئي سُرخي. اڳتي لکن ٿا:

اسڪينڪٽيڊي جي سوشلسٽن طرفان ويچاري هيلن ڪيلر جي هن طرح موجوده استحصال کان وڌيڪ ڪابه ڏکدائڪ ڳالهه سوچي ئي نٿي سگهجي. هفتن جا هفتا هو اها ڳالهه هُلائيندا رهيا ته مس ڪيلر سوشلسٽ آهي ۽ هاڻي هو ڪيس بورڊ آف پبلڪ ويلفيئر جو ميمبر بڻائڻ چاهن ٿا.

اها سموري ڳالهه پريس وارن جي منافقاڻي همدردي سڏي سگهجي ٿي. جڏهن ته حقيقت ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه ڪونه هئي پر سرمائيدار پريس ڪٽي ڳالهه مان ڳالهوڙو ٺاهيو هو.

جيتوڻيڪ سوشلسٽ اخبارن ۾ منهنجي سوشلسٽ هئڻ جي ڳالهه شد مد سان پکيڙي وئي پر منجهائن ڪنهن ۾ مون کان مضمون نه گهريو. جيڪڏهن ڪي نمائندا مون وٽ آيا هئا ته اها عام رواجي تجارتي اخبارن جا هئا.

نيويارڪ ٽائمز وارن مون کان مضمون گهريو هو ۽ ڪجهه سوالن جا جواب به، پر شُڪر آهي ته مون سندن ڪابه ڳالهه نه مڃي. هو پهرين ته منٿون ڪندا رهيا پر پوءِ وري مون کي راڄ نيڪالي ڏيئي ڇڏيائون جلد ئي ٽائمز ۾ ”اٽوٽندڙ ڳاڙهو جهنڊو“ جي عنوان هيٺ هنن هڪ ايڊيٽوريل ڇاپيو، هنن لکيو ته:

جهنڊي تي ڪا جهل پل نه آهي پر ان هوندي به ڳاڙهو جهنڊو آهي نفرت جوڳو. اهو سڄي دنيا ۾ لاقانونيت ۽ نراجيت جي علامت بڻيل آهي. ان ڪري ئي صحيح سوچ رکندڙ ماڻهو ان سان نفرت ڪندا رهندا آهن.

پوليس جو اهو ڪم ته ڪونهي جو جيڪو به ڳاڙهو جهنڊو وڪڻي ته ان کي ڪُٽڪو ڪڍي جيستائين هو ڪنهن اهڙي ڏوهه جو مرتڪب نه ٿئي جنهن تي ڳاڙهو جهنڊو اپاري ٿو. لاقانونيت جي علامت هٿ ۾ کڻڻ سان ئي هو عزت ۽ همدردي جي حق کان محروم ٿي وڃي ٿو. مان ڪنهن خاص رنگ جي ڪپڙي جي پوڄارڻ ته ناهيان پر ڳاڙهي جهنڊي سان پيار ڪندي آهيان ڇو ته اهو ٻين سوشلسٽن سميت منهنجي

سجاٽپ آهي.

منهنجي پڙهائيءَ واري ڪمري ۾ به ڳاڙهو جهنڊو رکيل آهي. جيڪڏهن ممڪن هجي ها ته مان ڳاڙهو جهنڊو ڪٽي ٽائمز جي آفيس اڳيان مظاهرو ڪريان ها ته جيئن فوٽوگرافر دل گهريون خبرون جوڙين. ٽائمز جي تبصري موجب آئون پنهنجي عزت ۽ همدردي واري حق تان دستبردار ٿي چڪي آهيان ۽ مون کي شڪ جي نگاهه سان ڏسي سگهجي ٿو. ان هوندي به ٽائمز جو ايڊيٽر مون مان اميد ٿو رکي ته آئون ڪيس ڪو مضمون موڪلي ڏيان.

جيڪڏهن منهنجو ڪردار مشڪوڪ آهي ته هو منهنجي مضمون تي اعتبار ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ مون کي اميد آهي ته اوهان به مون وانگر سرمائيدار ايڊيٽر جي بداخلاقي، بدمنطقيت ۽ بدتميزي مان لطف اندوز ٿي سگهو ٿا.

جڏهن هو اهڙي گروهه جي مذمت ڪري ٿو جيڪو هن جي امير شاهي مفادن تي ضربون هڻي رهيو آهي ته برابر اسين همدردي جي لائق نه آهيون پر اسان مان ڪي ماڻهو اهڙا مضمون لکي سگهن ٿا جن وسيلي هيءَ اخبار پئسا ڪمائي سگهي ٿي. شايد هنن وٽ اسان جي خيالن جي ايتري ئي اهميت آهي جيتري ڪنهن بدنام قاتل جي اعترافن جي، هنن جي خيالن ۾ اسين چڱا ناهيون پر دلچسپ ضرور آهيون.

مون کي صحافي پسند هوندا آهن. آئون گهڻن کي سڃاڻان به ٿي. ڀه- ٽي ايڊيٽر ته منهنجا گهرا دوست به آهن. ان کان علاوه اسين جيڪو ڪم نابينن لاءِ ڪري رهيا آهيون ان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ تمام گهڻا مددگار ثابت ٿي رهياآهن. نابينن جي مدد ۽ ٻين سطحي قسم جي فياضين جي مدد ڪندي سندن ٽڪو به خرچ نٿو ٿئي. پر سوشلزم جي ڳالهه ئي ٻي آهي. اها ڳالهه ته سموري غربت ۽ فياضيءَ جي پاڙ تائين پهچي ٿي.

اخبارن جي آڙ ۾ سرمايي جي قوت سوشلزم جي خلاف استعمال ٿي رهي آهي. ايڊيٽر ته انهن هٿن جا غلام آهن جيڪي کين ڪارائين ٿا ۽ هو سوشلزم کي گهٽ ڪرڻ ۽ سوشلسٽن جو اثر رسوخ گهٽائڻ خاطر ڪنهن به حد تائين وڃي سگهن ٿا.

جڏهن ڪامريڊ فريڊ وارن ڏانهن لکيل منهنجو خط ڇپيو ته منهنجي هڪ دوست ان بابت مضمون لکيو جيڪو ايڊيٽر اِن چيف ڪٽي ڇڏيو. ايگل اخبار لکيو ته هيلن ڪيلر جون غلطيون سندس معذوري جو نتيجو آهن. ساڳيو شخص ڪجهه سال اڳ مون کي نيويارڪ ۾ مليو هو ته منهنجون ايتريون تعريفون ڪيون هئائين جو اهو ياد ڪندي منهنجو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. پر هاڻي جڏهن سوشلزم منهنجي سڃاڻپ ٿي چُڪي آهي ته هن کي ياد آيو آهي ته مان انڌي، ۽ ٻوڙي آهيان ان ڪري غلطيون پئي ڪريان. جڏهن مان هن سان ملي هئس تڏهن کان ته پاڻ منهنجي سمجهه وڌي آهي. هاڻي ته سندس شرمائڻ جو وارو آهي. ممڪن آهي ته انڌپڻ ۽ ٻوڙائپ ڪري به ماڻهو سوشلسٽ ٿيندو هجي؟ مارڪس غالباً مڪمل ٻوڙو هو؟ وليم مورس نُپ انڌو هو؟ مورس ڇهاءُ جي حواس سان چتر چٽيا هئا ۽ سنگهڻ جي حواس جي ذريعي وال پيپر ٺاهيا هئا.

هو ايڊيٽر ڪهڙو نه ڪِل جهڙو پڪي آهي! پاڻ ته سماجي طور انڌو ۽ ٻوڙو آهي پر ناقابل برداشت نظام جو دفاع ڪري رهيو آهي. اهڙو نظام جيڪو سڄي دنيا ۾ انڌپڻ ۽ ٻوڙائپ جو سبب بڻجي رهيو آهي ۽ اسين ان کي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. دنيا مان ڏک سور گهٽائڻ لاءِ "ايگل" اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. بشرطيڪه اسين ان جي حمايت يافته صنعتي ظلم و ستم تي حملا نه ڪريون جيڪو نظام دنيا کي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ کان

روڪي رهيو آهي. منهنجي ۾ ”ايگل“ جي وچ ۾ جهيڙو متل آهي آئون ان نظام سان شديد نفرت ٿي ڪريان جنهن جي هو نمائندگي ٿو ڪري. جنهن کي جائز تسليم ڪري ٿو ۽ جنهن جي هو حمايت ڪري ٿو.

پر جڏهن هو حملو ڪري ته شرافت جون حدون نه اورانگهي. هو پل ته منهنجي نظرين جي مخالفت ڪري ۽ سوشلزم جي مفهومن ۽ دليلن جو رد لکي. اها چگھُڙسي ڪانهي ته هو مون کي ۽ دنيا کي ياد ڏياريندو وَتي ته آئون ڏسي ۽ ٻُڌي نٿي سگهان. آئون سوشلزم بابت ڪتاب پڙهي سگهان ٿي. فرينچ ۽ جرمن به سِکان پئي.

جيڪڏهن ”ايگل“ جو ايڊيٽر به ڪجهه پڙهي وٺي ته منجهس ڪجهه سياٽپ به اچي ويندي ۽ پنهنجي اخبار به سڌاري سگهندو.

جيڪڏهن آئون سوشلسٽ تحريڪ ۾ ڪو حصو وٺي سگهيس ۽ پنهنجي خواهش مطابق ڪو ڪتاب لکي سگهيس ته ان جو عنوان هوندو ”صنعتي انڌپڻ ۽ سماجي ٻوڙائپ.“

کامریڈ کلارازیٹکن (Clara Zetkin)

تحریر: زہرا خان

تاریخ میں عورتوں کے حقوق کے لئے جدوجہد کرنے والی کئی خواتین کے نام موجود ہیں جنہوں نے اپنی زندگیاں عورتوں کے حالات کو بہتر بنانے اور ان کے جائز حقوق کے حصول میں صرف کیں اور ان کا نام آج تاریخ میں سنہری حروف سے لکھا جاتا ہے۔ ان میں سے ایک نام جو خواتین کے عالمی دن کے حوالے سے بھی نہایت اہم ہے وہ کامریڈ کلارا زیٹکن کا ہے۔ یہ ایسی جرمن سوشلسٹ خاتون تھی جو عورتوں کے حقوق کی جدوجہد میں پیش پیش رہی۔ یہ وہ انقلابی ہستی تھیں جنہوں نے سب سے پہلے عورتوں کے عالمی دن کو بین الاقوامی سطح پر منانے کا خیال پیش کیا اور آج انہی کے خیال کی بدولت پوری دنیا میں خواتین کا عالمی دن منایا جاتاہے اور کروڑوں عورتیں ساری دنیا میں اپنے ساتھ ہونے والے ناروا سلوک کی مذمت کرتی ہیں اور آزادشہری ہونے اور قانون میں موجود ناانصافیوں اور اپنے خلاف ہونے والے امتیازی سلوک کے خاتمے کے لئے جدوجہد کرتی اور خود کو انقلابی طریقوں سے منسلک کرتی نظر آتی ہیں۔

کامریڈ کلارا بھی ایک ایسی ہی بہادر خاتون تھی جن کی ساری زندگی جدوجہد کا دوسرا نام ہے انہوں نے جلاوطنی کی مصیبتیں برداشت کرتے ہوئے عورتوں کے حقوق کے لئے آواز بلند کی اور جدوجہد کا آغاز کیا۔ آئیے اس عظیم انقلابی خاتون کے بارے میں کچھ ابتدائی جانکاری حاصل کرتے ہیں۔

کامریڈ کلارا زیٹکن 5 جولائی 1857 میں Saxony کے ایک گاؤں Wiederau میں پیدا ہوئی۔ خواتین ٹیچرز کالج میں تعلیم کے دوران وہ فیمینسٹ اور سوشلسٹ تحریک کے ساتھ منسلک ہوگئیں۔ 1878 میں چونکہ سوشلسٹوں کے لئے جرمنی میں کام کرنا دشوار بنادیا گیا تھا جس کی وجہ سے انہیں دیگر سیاسی کارکنوں کی طرح پیرس میں جلاوطنی کی زندگی بسر کرنا پڑی جہاں انہوں نے سوشلسٹ گروپ بنانے میں انتہائی اہم کردار اد کیا۔ خواتین کی سیاست میں شمولیت، ان کیلئے برابر کے مواقع اور ووٹنگ رائٹ کامریڈ کلارا کے لئے اہم ایشو تھے۔ 1881 میں کلارا نے سوشل ڈیموکریٹک پارٹی (SPD) میں شمولیت اختیار کی، وہ عالمی سوشلزم کی حامی تھی۔ 1891 میں وہ سوشل ڈیموکریٹک پارٹی کے مرکزی جریدے کی ایڈیٹر بنیں اور اپنی کوششوں اور کاوشوں سے اس رسالے کی سرکیولیشن 11 ہزار سے بڑھا کر 67 ہزار تک پنہچادی۔ اسی دوران کامریڈ کلارا نے سوشل ڈیموکریٹک خواتین کی تحریک بنائی اور 1907 میں وومن آفس کی رہنما بن گئی۔ کلارا خواتین کے ووٹنگ رائیٹس کی سخت حامی تھی۔ 1910 میں انہیں انٹرنیشنل سوشلسٹ وومن کا سیکریٹری بنا دیا گیا اور کوپن ہیگن میں انٹرنیشنل ورکنگ وومن کانفرنس میں خواتین کے عالمی دن کے حوالے سے بات رکھی جسے تمام بھاری اکثریت سے تسلیم کرلیا گیا اور یوں 1911 میں خواتین کا عالمی دن منانے کاآغاز ہوا۔

1911 میں کامریڈ کلارا نے روزالکسمبرگ کے ساتھ مل کر جرمنی کی سوشل ڈیموکریٹک پارٹی کے کانگریس میں مزدور دشمن رہنماؤں کی مخالفت کی جو ان

کے خیال میں جرمن سرمایہ داروں کے خلاف کوئی واضح رائے نہیں رکھتے تھے۔ پہلی جنگ عظیم کے دوران کامریڈ کلارا نے ملٹریزم اور سامراجیت کے خلاف ایک بڑی مہم کا آغاز کیا۔ دسمبر 1914 میں کامریڈ کلارا نے کئی خواتین کے ساتھ مل کر زیر زمین ایک سیاسی تنظیم (Spartakus-hund) بنائی۔ انہوں نے اپنے خیالات کےاظہار کیلئے ایک اخبار (Spartacus Letter) میں لکھنے کا آغاز کیا۔ 1916 میں روزالگسمبرگ نے جرمنی سوشل ڈیموکریسی کے بحران پر نہایت ہی متاثر کن پمفلٹ لکھا۔

کامریڈ کالرا نے سوشل ڈیموکریٹک پارٹی کی عالمی سامراجی جنگ میں تعاون کے فیصلے کی سخت مخالفت کی اور 1915 میں سوئیزرلینڈ میں انٹرنیشنل وومن پیس کانفرنس کا انعقاد کیا۔ جنگ مخالفت سرگرمیوں کی وجہ سے کامریڈ کلارا پہلی جنگ عظیم کے دوران کئی مرتبہ گرفتار ہوئیں۔

کامریڈ کلارازیٹکن روس میں برپا ہونے والے بالشویک انقلاب کی زبردست حامی تھیں، وہ شروع میں جرمن سوشل ڈیموکریٹک پارٹی کی ممبر رہیں پھر انہوں نے 1917 میں انڈیپنڈنٹ سوشلسٹ پارٹی (جرمنی) میں شمولیت اختیار کی۔ ان کا تعلق ا س پارٹی کی انتہائی بائیں بازو کے دھڑے اسپارٹیکس لیگ سے تھا۔ Friedrich Ebert جو کہ سوشل ڈیموکریٹک پارٹی کا رہنما اور جرمنی کا نیا چانسلر تھا، نے 1919 میں جرمن آرمی کی مدد سے باغیوں کو کچلنے کا عمل شروع کیا اور چند رہنما جن میں کارل لیبخت اور روزالکسمبرگ بھی تھی گرفتار کرکے قتل کردیا گیا۔ 1920 میں کامریڈ کالرا نے دیگر انقلابی رہنماؤں کے ساتھ ملکر جرمن کمیونسٹ پارٹی (KPD) کی بنیاد رکھی۔ اس پارٹی کی پہلی کانگریس میں کمیونسٹ انٹرنیشنل کے رہنما Gregory Zinoviev نے بھی خطاب کیا جوکہ بالشویک پارٹی کے رہنما بھی تھے۔ 1920 کا پورا عرصہ جرمن کمیونسٹ پارٹی سوویت یونین کی کمیونسٹ پارٹی کی رہنمائی میں کام کرتی رہی۔ کامریڈ کلارا 1920 میں ہی جرمن پارلیمنٹ کے لئے منتخب ہوئیں اور اس دوران جرمن کمیونسٹ پارٹی کی مرکزی کمیٹی کے ممبر کی حیثیت سے اپنی خدمات انجام دیتی رہیں۔ اور کمیونسٹوں کی بین الاقوامی تنظیم comintern کی ایکزیٹیو کمیٹی کی بھی ممبر رہیں۔ اسی سال انہوں نے لینن سے "عورتوں کے سوال" پر ایک اہم انٹرویو بھی کیا جو مارکسی ادب میں عورتوں سے متعلق کمیونسٹوں کے رویے کی جانب ایک سنگ میل کی حیثیت رکھتا ہے۔ جسے ہر انقلابی کو پڑہنے اور عمل کرنے کی ضرورت ہے۔

1932 میں وہ ایک بار پھر جرمن پارلیمنٹ (rechistag) کے لئے منتخب ہوئیں اس وقت ان کی عمر 75 سال تھی اور اس کے پہلے سیشن میں اپنی تقریر میں انہوں نے ہٹلر اور نازی پارٹی کی پالیسیوں کے خلاف کھل کر مذمت کی اور جب ہٹلر کی خفیہ ایجنسیوں کے اہلکاروں نے جرمن انقلابیوں اور کمیونسٹوں کا قتل عام شروع کیا تو انہوں نے سوویت یونین میں جلاوطنی کی زندگی کا آغاز اور یہیں سے جرمن انقلابیوں کے ساتھ ملکر فاشزم کے خلاف جدوجہد شروع کی۔ سوویت یونین میں قیام کے دوران وہ سوویت یونین رہنماؤں کامریڈ اسٹالن اور دیگر سے رہنمائی حاصل کرتی رہیں۔ اس عظیم انقلابی خاتون کا انتقال 20 جون 1933 کو 76 برس کی عمر میں ماسکو میں ہوا اور انہیں کریملن دیوار کے ساتھ سپردِ خاک کردیا گیا۔

ادب

سنڌ، سرڪس ۽ مشڪرا

عنايت خاصخيلي

اڳياڙي

(ڪنهن زماني جي ڳالهه آهي ته مون کي اوچتو سرڪس گهمڻ جوشوق جاڳيو. سال ڦريو، ميڙو آيو، دوستن سان صلاح ڪئي ۽ اچي سرڪس پهتاسين. تنبوءَ جي هڪ ڪُنڊ تي ڪنهن واٽئي سيٺ پاران پنهنجو دُڪان جي مشهوري لاءِ چيرايل هڪ مذهبي اسٽيڪر چنبڙيل ڏٺم. منهنجو نه واٽئي سيٺ سان ڪو واسطو هيو ۽ نه ئي سندس دُڪان ۾ ڪا دلچسپي. ها البته اسٽيڪر تي ڇپيل ”سرواڻ“ جي تصوير ۾ ڪم ضرور هُئم. سرواڻ جي سنڌ ياترا جي باري ۾ تازو ئي پڑهيو هُئم، سو دل ۾ دوستن تي امپريشن (Impression) وجهڻ جي خيال جنم ورتو. ٽولي ۾ به ٽي دوست واٽيا به هئا. ڪانئن پڇيم ته سرواڻ پنهنجي ماءُ

پيءُ کي پنهنجي رَتَ تي سچي دنيا جو سير ڪرايو پرآخر ڇو صرف ۽ صرف سنڌ پهچي ڪانئن اجورو گھُريائين؟ دوست منهنجي نيت پانسي ويا ۽ منجهن هڪ ڄٽي مون تي چٽر ڪندي وراڻيو: "سِنڌ سرڪس آهي سهڻا! گھمبو ته ٽڪيٽ تي پربي." ان ڏينهن پيو ڇا ڇا ٿيو اهو ته ياد ناهي پر سنڌ ۽ سرڪس جي اها عجيب مشابهت مونکي اڄ ڏينهن تائين ناهي وسري.)

سماجواد جو پهريون پرچو ڇپيو ته ڪامريڊ بخشل، دوستن تي زور پريو ته ايندڙ پرچي لاءِ لکن. مون کي به چيائين. جان ڇڏائڻ لاءِ الاهي جانئا هينم پر لنوائي نه سگھيس. سوچيم آخر ڇاتي لکان؟ آءٌ نه ڪو "جويو" آهيان جو پئدائشي اديب هُجان ۽ نه ئي "اديب" آهيان جو فلسفي يا سائنس تي لکي سگھان. (پهريون نوٽ: مٿئين "اديب" مان منهنجي مراد ڊاڪٽر اديب حسن آهي. ها اگر ڪامريڊ اديب هرويرو پاڻ ڏانهن اشارو سمجهي خوش ٿئي ٿو ته پوءِ دوست مٿئين اديب کي 'ڪامريڊ اديب' به سمجهي سگھن ٿا.) تمام گھٽو سوچڻ ڪان پوءِ موضوع ته خير طئي نه ٿي سگھيو، ها پر گوڏن ۾ سُور ضرور پئجي ويو. اوهان سوچيندا هوندئو ته گھٽو سوچڻ سان ته مٿي ۾ سُور پوڻ گُھرجي، هِن پوُڪ کي گوڏن ۾ سُور ڪيئن پيو؟ ڪٿي دماغ گوڏن ۾ ته نه اٿس؟ ان لاءِ عرض ته توهان جو اندازو بلڪل صحيح آهي (اِهو ته گھٽو سوچڻ سان سُور مٿي ۾ پوڻ گهرجي.) پر مون سان بار پٽي ڪان وٺي اِها جُٺ رهي آهي ته جيستائين منهنجون ڄنگھون نه هلن تيستائين منهنجو دماغ به ناهي هلندو. ان ڪري ئي گھٽو سوچڻ ڪري گھٽو پنڌ ڪرڻو پوندو اٿم. خير! جڏهن سوچي سوچي ٿڪجي پيم تڏهن پهريان ڪجهه شرم آيو، پوءِ پنهنجو پاڻ تي ڪِل ۽ آخر ۾ هڪ خيال آيو. شرم کي ته آءٌ اُن مهل ئي ڳيت ڏئي ڳِهي ويُم، باقي ڪِل ۽ خيال کي ملايم ته "مشڪري" ٿي پئي. تڏهن طئي ڪيم ته تجزيا، ترجمُا ۽ تبصرا پنهنجي وس جي ڳالهه ناهي. اڇو ته پاڻ "مشڪري" ڪريون. (ٻيو نوٽ: پڙهندڙن کي گذارش ته مهرباني ڪري "مشڪري" کي مشڪري پڙهڻ تي ئي اڪتفا ڪن. اِن کي "مسخري" چئي، پنهنجي پُروف ريڊنگ اسڪل (Proof reading skill) جو نماءُ ڪري، پنهنجو پاڻ کي "پڙهيو لکيو مشڪرو" ثابت نه ڪن.)

پر ٿورو ترسو. مشڪري ڪرڻ ڪان پهريان پاڻ تي اها اخلاقي ذميواري آهي ته پاڻ اهو طئي ڪريون ته "مشڪرو" ڇا شيءِ آهي؟ ياد ٿو پئيم ته ڪنهن دور ۾ هڪ ڇوپڙيءَ ۾ زندگي بابت شايد شيڪسپيئر جي هڪ ڇوٽي پڙهي هُئم. پاڻ چيو اٿائين ته زندگي انهن لاءِ ڪاميڊي آهي جيڪي اُن کي عقل سان پرکين ۽ انهن لاءِ ٽريجڊي جيڪي احساس رکن/ ان کي محسوس ڪن. اِن ڇوٽيءَ جو مشڪريءَ سان هرو پرو ڪو خاص تعلق ڪونهي ها پر مشڪرن سان ضرور آهي. مٿين ڇوٽيءَ ۾ شيڪسپيئر ماڻهن جي ڇِن به جنسن جو ذڪر ڪيو آهي. اُهي ٻئي مشڪرا آهن. هڪڙا اُهي جيڪي زندگي جي بي رنگي ۽ بي معنويت سڃاڻڻ بعد پنهنجي مُنهن ڪِلندا ۽ پاڻ مٿان ماڻهو ڪلائيندا وتن ۽ ٻيا اُهي جيڪي زندگي کي احساسن جي چشمي منجهان ڏسن ۽ سچي زندگي پاڻ مڙهيل (Self-imposed) غم ۾ روئندا وتن. ماڻهن جون اهي ٻئي جنسون هڪٻئي لاءِ (Laughing stock) آهن. يا سولي سنڌي ۾ چئجي ته هڪٻئي لاءِ "مشڪرا" آهن.

مشڪرن جي هڪ ٻي مشهور جنس "سرڪسي مشڪرا" آهن. هي مشڪرا پنهنجي جوهر ۾ ته مٿي ذڪر ڪيل "شيڪسپيئري مشڪرن" جهڙا ئي آهن

پر سندن ڏيک ۾ ڪجهه فرق آهي. سرڪسي مشڪرو عام طور تي سرڪس ۾ ئي ملندو آهي. سندس دلچسپ خاصيت اِها آهي ته هُو پنهنجي رنگ ڍنگ، قد ڪاٺ، ويس وڳي، شڪل صورت، ٽهل ٽڪور ۽ عمل توڙي ردعمل ۾ بيوقوفيءَ جو پِنڊار هوندو آهي. هڪ اهڙي هنڌ جتي ٻيا ماڻهو پنهنجي ذهني توڙي جسماني مهارت جا ڪرتب ڏيکاري داد حاصل ڪندا آهن اُتي سرڪسي مشڪرو پنهنجي بيوقوفيءَ جا ڪرتب ڏيکاريندو آهي. سندس پهرين ۽ آخري ڪوشش پنهنجي بي پناهه بيوقوفي ثابت ڪرڻ هوندي آهي. هڪ سرڪسي مشڪري جي انوکي خاصيت سندس ”ٽوپي“ آهي. عام صورتحال ۾ شيڪسپيئري مشڪرا ٽوپي ڪونه پائين ۽ ڪين سماج ۾ هر هنڌ ڳولهي سگهجي ٿو.

ڳالهه جو ٿلهه ٻڌڻ کانپوءِ هاڻ اچو ته سنڌ ڏانهن موٽي اچون. مون کي اِها ته خبر ناهي ته سنڌ واقعي ۾ سرڪس آهي يا نه پر اِها پَڪ ضرور اٿم ته سنڌ ۾ مون سميت سڀ مشڪرا آهن. سنڌ جي مشڪرن ۾ مجموعي طور تي سرڪسي توڙي شيڪسپيئري ٻنهي قسمن جي مشڪرن جون خاصيتون موجود آهن. پر تنهن هوندي به سنڌ جي مشڪرن کي صرف انهن ٻن گروپن ۾ ورهائڻ تمام مُشڪل آهي، ڇاڪاڻ ته تاريخي، سماجي، ثقافتي ۽ علاقائي اثرن ڪري سندن پنهنجي الڳ ٽيگزانامي (Taxonomy) جڙي چُڪي آهي. منهنجي نظر ۾ سنڌ ۾ مشڪرن جون پنج واضح جنسون اُسري چُڪيون آهن. جيئن شهنشاهي يا بادشاهي مشڪرا، نوڪر شاهي مشڪرا، عوامي، حَليمي ۽ جليلي مشڪرا. اچو ته پنهنجي فهم آهر سنڌي مشڪرن جي انهن جنسن جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي روشني وجهون.

سنڌ جا بادشاهي يا شهنشاهي مشڪرا اصل ۾ گورن جي بادشاهيءَ ۾ درٻاري مشڪرا هئا. مٿن گورن جي سرڪار کي خوش رکڻ جي ذميواري هوندي هُئي جيڪا انهن خوب نڀائي. اُن ڪري ئي جڏهن گورن جي سرڪار وئي پئي ته پنهنجي درٻاري مشڪرن کي انعام طور سنڌ جي بادشاهي نوازڻ پئي چاهيائين. پر جيئن ته مشڪرو هجڻ ڪري هِنن جي خمير ۾ ئي مشڪري شامل هُئي، ان ڪري گورن جي سرڪار کي اِهو خدشو ٿيو ته هِي مشڪرا ڊگهي عرصي تائين بادشاهي سنڀالي ڪونه سگهندا. اهو ئي سبب هُيو جنهن ڪري گورن جي سرڪار هتي ”بادشاهيءَ جو ٺيڪيداري نظام“ رائج ڪيو، جنهن مطابق هر چار ڪان پنج سال بعد سنڌ جي بادشاهيءَ جو ٺيڪو درٻاري مشڪرن منجهان ڪنهن هڪ کي ملڻ لڳو ۽ باقي سندس وزير مشير ٿي ٻڌجي ويا. بادشاهيءَ جي ٽينڊر نوازڻ جو طريقيڪار به ڏاڍو دلچسپ رکيو ويو. نئين طريقي مطابق هر پنج سال بعد بادشاهيءَ جي خواهشمند درٻاري مشڪرن منجهه عقل جو چٽا پيٽي مقابلو ٿيڻ لڳو. مشڪرن جي عقل ماپڻ لاءِ پئمانو اِهو مقرر ڪيو ويو ته جيڪو به مشڪرو هڪ مقرر وقت ۾ وڌ ڪان وڌ ماڻهن کي ”ٽوپي پارائيندو“ اُهو ئي سڀني ڪان وڌيڪ عقلمند قرار ڏنو ويندو ۽ کيس ايندڙ 5 سالن لاءِ بادشاهيءَ جو ٺيڪو ڏنو ويندو. ياد رهي ته مشڪري جي ٽوپي ۽ سندس عقل ۾ الاهي گهرو تعلق آهي. هڪ مشڪري جي مٿي تي پيل ٽوپي سندس ڪوپڙيءَ جي بوتل جو ٻُوڄ آهي جنهن ۾ سندس عقل جو جِن بند آهي. اِها ٽوپي جيستائين سندس پنهنجي مٿي تي پيل رهندي تيستائين سندس عقل جو جِن قيد رهندو ۽ هُو پاڻ هڪ بيوقوف مشڪرو رهندو. پر جنهن گهڙي هُو اِها ئي ٽوپي ڪنهن ٻئي کي پارائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته سندس عقل جو جِن هڪدم آزاد ٿي ويندو. ائين ڪٿي سمجهو ته مشڪري جي ٽوپي عقل جي گودام کي لڳل ٽرائي سرڪل (Tri-

(circle) جو وڏو ٽالو آهي. جنهن جي به مٿي تي پوندي ان کي پنهنجي عقل تان هٿ ڌوئڻا پوندا.

اهڙيءَ طرح درباري مشڪرن منجهان ترقي ڪري بادشاهي مشڪرا ٻٽيل اهي سنڌي مشڪرا هڪ ٻئي پٺيان سنڌ جا ايڊهاڪ بادشاهه (Adhoc kings) ٻڻجڻ لڳا. پر جيئن ته اِهي ٺيڪيداري بادشاهه پنهنجي جوهر ۾ مشڪرا ئي هئا. اُن ڪري انهن منجهان اُميد به "مشڪري" جي ئي رکي سگهجي پئي. بادشاهي سندن وس جي ڳالهه ئي نه هئي. ائين گورن جي موڪلائيءَ کان پوءِ سنڌ جي تخت جي ميوزيڪل چيئر تي پنهنجي پنهنجي واريءَ تي ويهندڙ اِهي بادشاهي مشڪرا سنڌ سان سدائين مشڪريون ئي ڪندا رهيا.

هاڻ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اگر سنڌ جي ڪانٽريڪٽي بادشاهن سدائين سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان مشڪريون ئي ڪيون آهن ته پوءِ اِهو ڪيئن ممڪن آهي ته گورن جي بادشاهي ختم ٿيڻ جي اڌ-مُني صدي گُذري وڃڻ بعد به هُو هر پيري عوام کي "ٽوپي پارائڻ" ۾ ڪامياب ٿي ٿا وڃن؟ منهنجي نظر ۾ ان جا ٻه بنيادي سبب آهن هڪ اِهو ته عوام کي ٽوپي پارائڻ لاءِ وٽن وزيرن مُشيرن، ايلچين، ڪمدارن ۽ سرڪاري پگهاردارن جي هڪ منظم فوج هر دَم تيار بيٺل آهي ۽ ٻيو اِهو سنڌ جي عوام کي پڻ مشڪرا تمام گهڻا وڻندا آهن. مارڪس چيو هو ته سُر ئي سُر جي سمجهه، پيدا ڪندا آهي (Music creates sense of music). هاڻي اگر سالن کان ٻڌايو وڃي جلال چانڊيو ته پوءِ استاد منظور علي خان تي واهه واهه جي اميد ڪرڻ خام خيالي آهي. ٻئي سبب کي ڪنهن ٻئي هنڌ ڏسنداسين. پهريان اچو ته پهرئين سبب کي جانچي ڏسئون. تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن سنڌ ۾ بادشاهت جو ٺيڪيداري نظام رائج ٿيو ۽ بادشاهي مشڪرن لاءِ هر پنج سالن کان پوءِ عوام کي ٽوپي پارائڻ لازمي بڻجي ويو ته انهن اِن ڪم لاءِ وزيرن، مشيرن، ڪمدارن ۽ پگهاردارن جي هڪ فوج تيار ڪرڻ شروع ڪئي. اهي وزير، مشير، ڪمدار يا پگهاردار هڪ قسم جا پيٽي-ٺيڪيدار هوندا هُئا جن کي حڪومتون جڙڻ بعد مُراعتن، وڏن ٺيڪن، عملدارين ۽ پگهارن جون سونيون ڇِرڪيون ڏيڪاري عوام کي بادشاهي مشڪرن پاران "ٽوپي پائڻ" تي آماده ڪيو ويندو هيو. عوام کي ٽوپي پارائڻ جي ان اڻ سڌي رواج رائج ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ وڏي پئماني تي مڊل ڪلاس مشڪرن جي اوسر ٿيڻ لڳي. مشڪرن جو اهو مڊل ڪلاس عوام ۽ بادشاهه جي وچ ۾ مڊل مين (Middle men) طور اڀريو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ نوڪر شاهي نيٽ ورڪ جي روپ ۾ رياست جو بنيادي ٿنڀ بڻجي ويو. اڄڪلهه جديد دور جي مهذب ٻوليءَ ۾ ڪيس ووڪل ڪلاس (Vocal class) يا سِول سوسائٽي (Civil Society) پڻ چئجي ٿو. عام عوام ۾ بادشاهي مشڪرن لاءِ مثبت تاثر پيدا ڪرڻ، سندن مشڪرين کي ٽڪنيڪي محاورن (Technical Terminology) ذريعي سندن دانائي ثابت ڪرڻ ۽ عوام کي هر وقت "ٽوپي پائڻ" جا فائدا ٻڌائڻ سندن بنيادي ذميواري آهن.

سورهينءَ صديءَ جي مشهور اسپيني ليکڪ سروانٽي (Ceruantis) جو شاهڪار ناول "ڊان ڪوئٽي" گهڻي ڀاڱي سنڌ جي مٿي ذڪر ڪيل حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. اُن ناول جو مُک ڪردار "ڊان ڪوئٽي" سنڌ جي بادشاهي مشڪرن جيان هڪ ڪلاسِڪ مشڪرو آهي جنهن کي هڪ رات خواب ۾ پنهنجي ئي ذهن جو هڪ خلفشار بشارت بڻجي ملي ٿو ته هُو حقيقت ۾ هڪ عظيم سپهه سالار آهي جنهن جو مقصد يورپ جي تاريخي

سپهه سالارن جيان سماج ۾ موجود بُرائي جي طاقتن خلاف جنگ ڪري پهريان اسپين ۽ اُن بعد سڄي يورپ کي بچائڻ آهي. اهڙو خواب ڏسڻ بعد هي مشڪرو يڪدم پنهنجو پاڻ کي بادشاهه آرٿر سمجهڻ لڳي ٿو ۽ نيڪ ٻئي ڏينهن صُبح جو ”يورپ بچايو مشن“ تي نڪري پئي ٿو. هاڻ اِن مشن ۾ هُو ڪهڙيون بيوقوفيون ڪري ٿو اِهو ته وڏو داستان آهي، ها پر ان سفر ۾ هو پاڻ جهڙي ئي هڪ ٻئي مشڪري سانچو پانزا (Sanchopanza) کي ڳولهي لهڻ ۾ پنهنجي عظيم بيوقوفاڻي منصوبي لاءِ ڪيس آماده ڪري وڃڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿئي ٿو. ڊان سانچوپانزا کي يورپ فتح ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ وڏي ٻيٽ جي بادشاهي جو آسرو ڏئي ڪيس پنهنجو ڪمدار مقرر ڪري ٿو. هِن ناول ۾ سانچو پانزا جو ڪردار هوبهو سنڌ جي نوڪر شاهي مشڪرن جهڙو آهي. ناول ۾ ظاهر ڪيل ان دور جي اسپيني يا مجموعي طور تي يورپي سماج ۽ اڄڪلهه جي سنڌي سماج ۾ فرق صرف اِهو آهي ته ناول ۾ عام ماڻهو انهن مشڪرن کي مشڪرو ئي سمجهن ٿا. وٽن عقل ۽ بيوقوفيءَ جا معياري پيمانا موجود آهن جن جي بنياد تي هُو انهن مشڪرن جي عملن کي ٽڪين ۽ تورين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو شروع کان وٺي آخر تائين انهن مشڪرن جي مشڪرين جو ڪو ڪڙ تيل ڪونه ٿو نڪري. ٻئي پاسي سنڌ ۾ اهڙن مشڪرن جي ڪارنامن کي ٽڪڻ تورڻ واري عوام پاڻ مشڪري پسند آهي. سندن مٿي تي ”مشڪري جي ٽوپي“ سالن کان وٺي پيل آهي جنهن ڪري سندن ذهني توازن گهڻي ڀاڱي خراب ئي رهندو آهي. نتيجي ۾ هن انڌير نگري جا چرٻٽ راجا مهان مشڪريون ڪرڻ ڪان پوءِ به راجا ئي رَهن ۽ عام عوامي مشڪرا سندن پارايل ٽوپيون پائي جُهمريون هڻندا وتن ٿا.

سنڌ جي سرڪس جي اِها ٽِمورتي (بادشاهي، نوڪر شاهي ۽ عوامي مشڪرا) ۽ سندن وچ ۾ ونهوار جي صُورت ۽ نوعيت تمام دلچسپ آهي. هو سپ ورهين کان وٺي چڪيءَ جي ڏاند جيان پنهنجن پنهنجن مقرر دائرن ۾ ڦرندا ۽ گهڙيءَ جي چرخين جيان هڪ ٻئي کي ڦيرائيندا رهن ٿا. اِن ”ڦرڻ ۽ ڦيرائڻ“ جي سرڪس ۾ جيڪو اوزار استعمال ٿئي ٿو اهو آهي ”ٽوپي“. بادشاهي مشڪرا نوڪر شاهي مشڪرن کي ٽوپي پارائين ٿا ۽ نوڪر شاهي مشڪرا اُها ئي ٽوپي عام عوامي مشڪرن کي پارائي ٿا ڇڏين. عوامي مشڪرا وري پنهنجي واريءَ تي نچي ڪُڏي، ڳائي وڄائي نهايت عزت ۽ احترام سان اُن ساڳي ئي ٽوپيءَ منجهان ”تاج“ ٺاهي واپس بادشاهي مشڪرن کي پارائين ۽ کين ”بادشاهه“ ٺا چوندين ۽ ائين اِها ٽوپي انهن مشڪرن جي وچ ۾ ڦرندي ۽ کين ڦيرائيندي ٿي رهي.

اندازو اٿم ته اوهان سڀني پنهنجن وڏڙن کان سنڌ ۾ ڪنهن دور ۾ ٿيل ”ٽوپيءَ واري جنگ“ جي باري ۾ ضرور ٻُڌو هوندو. اها جنگ مياڻي ۽ ڊٻي واري جنگ کان پوءِ سنڌ جي وڏي ۾ وڏي جنگ هئي، جيڪا ”جنگريزن“ جي زماني ۾ وڙهي وئي. (ٽيون نوٽ: جنگريز انگريزن کان پوءِ سنڌ جا حاڪم ٿيا. نسلي طور تي هُو پنهنجو پاڻ کي آريائي چوندا هئا. پر سندن مٿي تي هر وقت جنگ سوار رهندي هُئي ان ڪري تاريخ ۾ کين ”جنگريز“ به سڏيو وڃي ٿو. جنگ سندن نفسيات تي ايتري ته حاوي هوندي هُئي جو هُو ڏيهه جو سڄو ان ڪپائي هٿيار وٺندا هئا ۽ اگر جنگ لاءِ ڪو دشمن نه ملندو هُئن ته ڪاوڙجي پنهنجي ئي رعيت کي موچڙا هڻندا هئا) ڳالهه ڪندا آهن ته ان دور جي سنڌي بادشاهه ”صدر سرڪاري“ هڪ رات هڪ خواب لڌو ته هُو پنهنجي شاهي باغ جو سير ڪري رهيو آهي ته اچانڪ هِڪ ڪانءُ جهٽ

ڏٺي هُن جي مٿي تان سندس تاج، هُن جي ٽوپي لاهي ڪٽي ٽو وڃي. بادشاهه ننڊ مان جاڳيو ته تمام گهڻو پريشان ٿيو. ڏيهه پرڏيهه مان ڏاها گهرايائين ته جيئن ڪيس ان خواب جو مطلب سمجهائي سگهن. سڀني ڏاهن ان خواب جوگهڻي پاڳي اِهو ئي مطلب ڪڍيو ته بادشاهه جي بادشاهي خطري ۾ آهي. اُن جو ڪو تڪڙو ۽ موزون حل ڳولهيو وڃي. جيئن ته ان دور ۾ بادشاهيءَ جو ٺيڪيداري نظام رائج هيو. ان ڪري عوام کي نئين ٽوپي پارائڻ کان سوا ٻي ڪا راهه ڪانه هئي. بادشاهه وزيرن، مشيرن ۽ ڪمدارن جو ڪٺ گهُرايو ۽ ڪانئن صلاح ورتي ته هاڻ ڇا ڪجي. وزيرن، مشيرن ۽ ڪمدارن جي ڪٺ بادشاهه کي آگاهي ڏني ته جيئندا قبلا! سائنسي دور آ، ماڻهو هاڻي گهڻو ڪجهه ڄاڻن ٿا. ٽوپي ايتري سولي ڪونه پائيندا. ايتري ۾ ڪٺ منجهان ڇاپڙي ڏاڙهيءَ سان هڪ ميمبر هٿ مٿي ڪري رڙ ڪئي ته اُن وٽ مسئلي جو حل آهي. جڏهن بادشاهه ڪانئس حل پُڇيو ته وراڻيائين ته ماڻهن کي ”تعويذ“ ٿا وڄهون. سڀ سندس ان عجيب و غريب صلاح تي وائڙا ٿي سندس منهن ۾ تڪڻ لڳا. ماڻهن جي پريشاني ڀانسي ڪين سمجهايائين ته هُو هڪ مشهور پوپو آهي. سڄي زندگي تعويذن جو ڪم ڪيو اٿائين. وٽس اهڙا تعويذ موجود آهن جن سان ماڻهن کي نئين ٽوپي پائڻ تي آماده ڪري سگهجي ٿو. ميڙ منجهان ڪنهن سوال ڪَيس ته ڪروڙها ماڻهو آهن. ايتري خلق لاءِ تعويذ لکبا ڪيئن ۽ ڪين ڪيئن ته پارائبا؟ سوال واقعي وزندار هُيو. ڪجهه دير پنهنجي ڇاپڙي ڏاڙهي کنهي ڪجهه سوچيائين ۽ پوءِ مسڪرائي جواب ڏنائين ته ”تعويذ ڇاپي خانن مان ڇپرائينداسين ۽ پوءِ ماڻهن ۾ ورهائينداسين.“ بادشاهه کي صلاح وڻي ۽ پوپي کي پنهنجي فوج جو سپهه سالار مقرر ڪيائين ۽ کيس تعويذن لاءِ سڀ ساز سامان ۽ ماڻهو مُهيا ڪري ڏنائين. ائين ڪجهه ئي ڏينهن ۾ لکن جي تعداد ۾ تعويذ ڇپجڻ لڳا ۽ عوام ۾ پکڙبا رهيا. ڪجهه ماڻهن اِن سرڪاري سازش کي سڃاڻي ورتو ۽ پوپي خلاف بغاوت ڪئي پر سنڌي ماڻهو سندن هڪ به نه ٻڌي. سوَن جي تعداد ۾ نين ٽوپين جا ڪارخانا کليا، لکن جي تعداد ۾ نيون ٽوپيون ٺهيون ۽ عوام تائين پهتيون. جنهن هنڌ ڪنهن سبب ڪري ماڻهو ٽوپيون نه ٿي وٺي سگهيا اُتي سرڪاري ڪارندا ٽوپين جون گاڏيون ڀرئي اچي پهتا ٿي ۽ ماڻهن ۾ مفت ٿي ورهايائون. ائين پوپو ۽ سندس حواري ماڻهن کي هڪ ڀيرو ٻيهر ٽوپي پارائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. بادشاهه خوش ٿي پوپي کي ”غازي“ جو لقب ڏنو ۽ عام ماڻهو پڻ کيس ولي، بزرگ ۽ مُرشد ڪري مڃڻ لڳا. ان ڪري ئي اُهو پوپو تاريخ ۾ ”ولي غازي“ جي نالي سان مشهور ٿيو. ”ولي“ ته پاڻ اڳ ۾ ئي هو. ”غازي“ اِن جنگ فتح ڪرڻ بعد ٿيو. منهنجو هِڪ دوست ته غازي صاحب کي عبدالله شاهه غازي سان ڀيٽيندو آهي. پاڻ انهن ڏينهن ۾ نڳيءَ جي ڪيس ۾ جيل ياترا تي ويل هُيو. ضمانت جا پئسا نه هئس سو نڪري نه پئي سگهيو. ان ڪري ماٺ ڪري جيل ۾ ٽوپيون ٺاهي وقت گذارڻ لڳو. انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ”ٽوپي واري جنگ“ ڇڙي وئي. هِن مسڪين جي ته ڄڻ قلندر ٻُڌي. ڏينهن ۾ ٻه، ٽي ۽ چار ٽوپيون به ٺاهڻ لڳو. سوَن کان ويندي هزار رپين تائين به ٽوپيون کپائي جام ناڻوڪمايائين ۽ صرف ٻه ٽي هفتن ۾ ضمانت جا پئسا گڏ ڪري ويو. جڏهن جيل مان نڪتو ته اتان ئي سڌو مرشد ولي غازي وٽ حاضري پرڻ ويو ۽ سندس هٿ تي بيعت ڪيائين. اهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن، پاڻ غازي صاحب کي مسيحا مڃيندو آهي.

سنڌ ۾ مشڪرن جون بقايا ٻه جنسون مٿي ذڪر ڪيل ٽن جنسن جيتريون اهم ۽ پکڙيل ته نه آهن. پر تنهن هوندي به سندن پنهنجي هڪ ذاتي شناخت ضرور آهي. ائين ڪٿي سمجهو ته اگر بادشاهي،

نوڪر شاهي، ۽ عوامي مشڪرا سنڌ جي سرڪس جا مُک ڪردار آهن ته پوءِ حليمي ۽ جليلي مشڪرا ٻيو ڪجهه نه به هجن تڏهن به ان سرڪس ۾ ويٺل تماشائي ضرور آهن. ٻي ڳالهه جيڪا منجهن واقعي دلچسپ آهي اُها اِها ته جيتوڻيڪ مشڪرن جي هنن ٻه جنسن جو سَلو ادب مان ڦٽي نڪتو آهي تنهن هوندي به اڄ منجهن وڏي تعداد ۾ ”بي ادب نمونا“ موجود آهن. ”حليمي مشڪرا“ حليم بروهيءَ جو ادبي اولاد آهن ان ڪري سندن مشڪري به حليم بروهيءَ جي ادب جيان ڪنهن کي سمجهه ۾ ناهي ايندي. سندن انفرادي خاصيت اِها آهي ته پاڻ عوامي راءِ، عوامي سوچ ۽ عوامي طريقيڪار کان الرجڪ (Allergic) آهن. وٽن صحيح ۽ غلط جو پئمانو ئي اِهو آهي ته عوام ڇا ٿي سوچي ۽ ڇا ٿي ڪري (ڇوٽون نوٽ: حليمي مشڪرن وٽ عوام ”سوچيندي“ آهي، ”سوچيندو“ ناهي.) هر اُها شيءِ جيڪا عوامي آهي اُها وٽن غلط ۽ ان جو ابتڙ صحيح آهي. حليمي مشڪري ٿيڻ جو هڪ سائيڊ افيڪٽ اِهو آهي ته هن قسم جا مشڪرا نفسياتي طور تي خطرناڪ مس اينٿروپ (Misanthrope) هجن ٿا. ان ڪري ئي عام ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ تمام گهٽ اچن. اهو ئي سبب آهي جو سالن تائين ماڻهن جي دنيا ۾ رهڻ کان پوءِ به هو (عام) ماڻهو ناهن ٿي سگهندا. اڪثر ڪري سندن اوڙو پاڙو ڪين بلڪل ڪونه سڃاڻي. ايستائين جو سندن گهر ڀاتين کي به خبر ناهي هوندي ته هي به مشڪرا آهن. مرحوم حليم بروهيءَ جي وڇوڙي جي اِها خبر جڏهن اخبار ۾ لڳي ته ”سنڌ جو مشهور مزاح نگار حليم بروهي لاڏاڻو ڪري ويو.“ تڏهن منهنجو هڪ دوست سندس لاڏاڻي تي به ايترو پريشان نه ٿيو جيترو سندس لاءِ استعمال ٿيل لفظ ”مزاح نگار“ پڙهي ٿيو. خبر پڙهي حيران ٿي مونکان پڇيائين ته ”حليم بروهي به مشڪرو هُيو ڇا؟“ ۽ مون مُشڪي هائوڪار ڪئي.

جليلي مشڪرا (سنڌي مشڪرن جي پنجين ۽ آخري جنس) حليمي مشڪرن جي ڀيٽ ۾ انسانن کي وڌيڪ ويجها ٿين. مشڪرن جي هي جنس سنڌ جي سر موڙ مشڪري امر جليل مان متاثر آهي. هن قسم جا مشڪرا اوهان کي گهڻي ڀاڱي سماج ۾ سُڌار هلچل جي وڪالت ڪندا ملندا. (جيتوڻيڪ عملي طور ڪجهه به نه ڪندا هجن). محترم امر جليل جي فقيراڻي طبيعت ڪري جليلي مشڪرا پڻ تمام سادڙا ۽ سٻاجهڙا هجن ٿا. اهي مشڪرا پنهنجي ملنگ طبيعت ۽ ٻاهرين توڙي اندرين سٻاجهڙائپ ڪري هميشه ڏتڙيل ۽ مظلوم محسوس ٿيندا آهن. ڇانهه جي ڪپ ته املهه عالمگير سماجي سڌارن جا نت نوان پروگرام ڏيندڙ هي مشڪرا اوهان کي اڪثر ڪري ڪنهن هوٽل تي ئي ملندا. جيتوڻيڪ سندن سماجي سڌارن جي پروگرام جي افاديت ۾ ڪوبه گمان ناهي تنهن هوندي به اهو طئي ڪرڻ تمام مشڪل آهي سندن قومي ۽ سماجي سڌارن جي ان اعلان نامي پويان محرڪ قوت سندن اندر موجود ڪو جذبو آهي يا محظ ڇانهه جي هڪ ڪپ تي ڪلاڪ ليڪچر ڏيڻ جي عادت!.

پڇاڙي

(ياد ٿو پئيم ته ڪاليج واري زماني ۾ جرمني مان سنڌ آيل هڪ جرمن صوفي ۽ سيلاني جارج گيسلرز (George Gaisslers) سان سنڌ جي حالتن تي ڪچهري ڪندي جڏهن ڪيس سنڌ سان ٿيندڙ انهن ”مشڪرين“ ۽ انهن جي جواب ۾ عام عوامي غير سنجيدگيءَ جي باري ۾ ٻڌايو هئم ته هُن وڏو ٽهڪ ڏئي وراڻيو هو.

“It is unimaginable! You Sinhdi's are really very funny people.”

ترجمو: ”اهو منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي. توهان سنڌي سچ ۾ ڪمال

مشڪرا آهيو.“

سندس ان جواب تي آءٌ ڪن پل لاءِ ماٺ ٿي ويس ۽ پوءِ اندر ئي اندر پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيم.

Are we really that funny?

ڇا اسان سچ ۾ ايترا مشڪرا آهيون؟؟

وري مون کي هڪ مذهبي اڳواڻ جي تقرير ياد آئي ته ”بيشڪ آسمان، مشڪري پسند عوام کي، مشڪرا حڪمران ڏيندو آهي.“

اُهي سڀ ڳالهيون منهنجي اندر کي ڦوڪٽي جيان اڻ تڻ ۽ بيزاري سان ڀري رهيون هيون ته ٺيڪ ان وقت پاسي ۾ ويٺل ڪامريڊ ڪوڪي، ٺونٺ هٽي چيو ته ”ٻڌئي جانو جرمن جي ڳالهه“ ۽ هُن سميتا پاٽيل جو گانو گنگنائڻ شروع ڪيو.

پہلے تو ہوش چھین لیئے
ظلم و ستم سے
دیوانگی کاپھر ہمیں الزام
دیا ہے

مونکي چڱي ريت ياد آ، ڪامريڊ ڪوڪي جي اها ڳالهه ۽ گانو منهنجي اندر جي ڦوڪٽي تي ڪوڪي جيان لڳو هو.

پارٽي رپورٽون

پاڪستان، قومن لاءِ سوال



(رپورٽ: زاهد آگرو ليبر پارٽي سنڌ يونٽ نصير آباد) ليبر پارٽي سنڌ يونٽ نصيرآباد پاران ”پاڪستان، قومن لاءِ سوال“ جي موضوع هيٺ هڪ ليڪچر 22 جولاءِ 2011ع تي گرلس پرائمري اسڪول نصيرآباد ۾ ٿي گذريو. جنهن ۾ سياسي، سماجي، ادبي تنظيمن، شاگردن ۽ آسپاس کان کهي آيل نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ڪي ليبر پارٽي سنڌ جي اڳواڻ ۽ نوجوان دانشور، اديب ڪامريڊ شفقت قادري خطاب ڪيو.

ڪامريڊ شفقت قادري چيو ته سماج جي اڻ اسريل هجڻ جو هڪڙو اظهار مادي شڪلين/ نشانين ۾ نظر ايندو آهي. مثال طور توهان کي روڊ رستا ڀڳل ٽٽل نظر ايندا توهان کي وڏي پيماني تي بيروزگاري ملندي ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ هوندي، بدامني هوندي، صحت جون گهربل سهولتون نه هونديون انساني سماج جون بنيادي ضرورتون توهان کي ميسر نه هونديون ماڻهن جي زندگي تباهه حال ملندي. جنهن مان معلوم ٿيندو ته سماج اڃا اڻ اسريل حالت ۾ آهي پر اڻ اسريل هجڻ جو ٻيو اظهار ٻين مختلف شڪلين/ نشانين ۾ نظر ايندو آهي جيئن سماج جي سمجهه، سياست جي سمجهه، سماجي ادارن جي سمجهه يا سماجي مسئلن جي سمجهه هجي، اها ڪيتري حد تائين اسريل آهي؟ انهن سوالن جي سمجهه منجهان معلوم ٿيندو ته ڪنهن سماج فڪري طور ڪيتري اوسر ڪئي آهي/ ڪري رهيو آهي.

ڪامريڊ شفقت وڌيڪ چيو ته اها اسان سڀني ڌرين جي بدقسمتي آهي جو اسان جو سياست/ سماج ڏانهن رويو سائنسي ڪونهي. مارڪسسٽ هجن، ڊيموڪريٽس هجن يا قومپرست هجن، اها تنقيد سڀني تي

آهي. هن چيو ته ڪيترن سنڌي ڪتابن ۾ ڪا ڳالهه، ڪو مفروضو، ڏنل هوندو آهي پر ان جو حوالو ناهي هوندو. جنهن سان ان کي ثابت ڪري سگهجي. جيئن هڪ هنڌ مون پڙهيو ته "مارڪس سيني رشتن کان وڌيڪ معاشي رشتن کي اهميت ڏني." هاڻي ان جو ڪو حوالو ناهي ته مارڪس ڪهڙي ڪتاب ۾ ائين چيو آهي. دراصل مارڪسزم جي ان نقطي نظر سان جنگ آهي ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته سماج/ سياست ڏانهن اسان جو رويو غير سائنسي آهي.

ڪامريڊ چيو ته قومپرست ڌرين هڪ ڏندڪٿا (MYTH) ناهي چڙي آهي. ته "جيڪو قومپرست ناهي اهو وطن دوست به ناهي." ڇا اهو لازم آهي ته جيڪو قومپرست ناهي اهو محب وطن ناهي. ان کي ڌرتي سان محبت ڪونهي؟ ڇا وطن دوست هجڻ لاءِ قومپرست هجڻ لازمي آهي؟ يعني ڪوبه سنڌ دوست ٿي ئي نٿو سگهي جيستائين اهو قومپرست ناهي. اهڙو بيانيو گهڻو وقت نه هلي سگهندو.

ڪامريڊ شفقت وڌيڪ چيو ته قومپرستن جي هڪڙي تنقيد اها به ٿيندي آهي ته "توهان پاڪستان جي سياست پيا ڪيو، توهان وفاق کي بچائڻ جي سياست پيا ڪيو." هن چيو ته آءٌ سمجهان ٿو ته اسان جو موقف درست نموني هنن (قومپرستن) تائين نه پهچي سگهيو آهي. ڇا اسان جيڪڏهن بلوچستان يا پختونخواهه جي ترقي پسند ڌرين سان گڏجي ڪم ڪيون يا پنجاب جي روشن خيال ۽ ترقي پسند ڌرين سان گڏجي جدوجهد ڪيون ته اهو پاڪستان/ رياست کي بچائڻ جو ڪم هوندو؟ وفاق کي بچائڻ لاءِ جدوجهد هوندي؟ نه قطعي نه. اها ڳالهه ته هي رياست ٿي ڪري ته توهان سڀئي پاڪستاني آهيو توهان نه سنڌي آهيو، نه بلوچي آهيو ۽ نه وري پنجابي يا پٺاڻ آهيو پر توهان پاڪستاني قوم آهيو. هن چيو ته پاڪستان ۾ قومي سوال نه آهي پر پاڪستان، قومن لاءِ سوال آهي. هاڻي اهو هتي رهندڙ قومن کي طئي ڪرڻو آهي ته اهي پاڪستان کي ڪهڙو جواب ڏين ٿيون. جڏهن ته پاڪستان بنگالين کي جواب ڏئي چڪو آهي ۽ بلوچستان ۽ سنڌ کي ڏئي پيو.

لیبر پارٹی کے زیر انتظام سچل گوٹھ میں کامریڈ نذیر عباسی شہید کے 31 ویں یوم شہادت کی مناسبت سے یادگاری اجتماع

(رپورٹ: شیر باز خان) لیبر پارٹی سندھ (کراچی) کی جانب سے مورخہ 7 اگست بروز اتوار، سچل گوٹھ کے مقامی آڈیٹوریم میں ضیاالحق کے آمرانہ دور میں فوجی عقوبت خانے میں غیر انسانی تشدد کے نتیجے میں شہید ہونے والے کمیونسٹ رہنما نذیر عباسی کی 31 ویں برسی کے حوالے سے ایک یادگاری اجتماع کا انعقاد کیا گیا۔ اجتماع میں کامریڈ نذیر عباسی شہید کی انقلابی جدوجہد اور قربانی کو خراج تحسین پیش کرنے کے لیے مختلف سیاسی و سماجی تنظیموں کے کارکنوں نے کثیر تعداد میں شرکت کی۔

اس موقع پر، انقلابی رہنما کی جدوجہد اور زندگی پر اپنے خیالات کا اظہار کرتے ہوئے رہنماؤں نے کہا کہ "پاکستان میں سیاسی لوگوں کو مارنے کا سلسلہ ابھی تک جاری ہے اور اس ملک میں جن لوگوں نے بھی طبقاتی، اور جمہوری حقوق کے لیے جدوجہد کی ہے ریاست نے ہمیشہ انہیں اپنا دشمن سمجھا ہے اور جبر و تشدد کے ذریعے انہیں دبانے کا کوئی بھی موقع ہاتھ سے جانے نہیں دیا ہے۔ پاکستان کی ریاست میں ہمیشہ غیر جمہوری حکمران رہے ہیں، ان غیر جمہوری رویوں اور سامراج سے تعلق نے اس کا نشانہ بننے والوں کی ایک طویل فہرست ہے جن میں حسن ناصر، نذیر عباسی اور حمید بلوچ جیسے ہزاروں شہیدوں کے نام شامل ہیں یہ وہ عظیم لوگ تھے جنہوں نے جمہوری اقدار کے

فروغ کے لیے اپنی جانوں کا نذرانہ دیکر ایک نئی تاریخ رقم کی۔" آج اس ملک کے اندر مہنگائی اور دہشت گردی نے محنت کشی طبقے کی زندگی اجیرن بنادی ہے جبکہ بلوچستان کے نوجوان مجبور ہوکر مسلح مزاحمت کی طرف جارہے ہیں۔ سیاسی کارکنوں اور نوجوانوں کے ساتھ خواتین کو بھی فوجی بربریت کا نشانہ بنایا جارہا ہے اور یہ ملک مظلوم قوموں کے لیے قید خانہ بنتا جارہا ہے۔ لسانی، فرقہ وارانہ اور نسلی گروہوں کو سازش کے تحت پروان چڑھایا جارہا ہے جبکہ نظر عباسی کی جدوجہد اور ان کا پیغام رنگ و نسل سے بالاتر ہے۔

رہنماؤں نے مزید کہا کہ "ضیاالحق کے آمریت کے خلاف جدوجہد کی پاداش میں نذیر عباسی کو گرفتار کرکے بدترین تشدد کا نشانہ بنایا گیا جس سے ان کی موت واقع ہوگئی، ISI کے برگیڈیئر امتیاز عرف بلا ٹیلی ویژن پر اس قتل میں ملوث ہونے کا برملا اظہار کرچکے ہیں لہذا ملک میں جو ماورائے عدالت قتل ہورہے ہیں انہیں روکنے کے لیے نذیر عباسی کیس ری اوپن کیا جائے اور سیاسی کارکنوں کو تشدد کے ذریعی مارنے کے عمل کو روکنے کے لیے راست اقدامات کئے جائیں۔

مجرموں کا تعین کرکے انہیں قرار واقع سزا دی جائے۔ محترمہ بینظیر بھٹو شہید نے بھی وعدہ کیا تھا کہ وہ نذیر عباسی شہید کیس ری اوپن کریں گی لہذا موجودہ جمہوری حکومت کا یہ فرض بنتا ہے کہ وہ محترمہ شہید بینظیر بھٹو کے وعدے کو وفا کرتے ہوئے نہ صرف ذوالفقار علی بھٹو شہید کے قتل کی تحقیقات کرائیں بلکہ حسن ناصر شہید اور نذیر عباسی شہید کے قتل کی بھی آزادانہ تحقیق کراکر انصاف کے تقاضے پورے کریں، اور سندھ کی ایک یونیورسٹی کا نام شہید نذیر عباسی کے نام پر رکھا جائے۔

یادگاری اجتماع سے خطاب کرنے والوں میں لیبر پارٹی سندھ کے جنرل سیکریٹری کامریڈ یونس راہو، جئے سندھ محاذ کے وائس چیئرمین عبدالخالق جونیجو، ورکرز پارٹی پاکستان کے جنرل سیکریٹری اختر حسین ایڈوکیٹ، نیشنل پارٹی کے جان محمد بلیدی، سینیئر قوم پرست رہنما علی حسن چانڈیو، نیشنل ٹریڈ یونین فیڈریشن کے ڈپٹی جنرل سیکریٹری ناصر منصور، کمیونسٹ پارٹی آف پاکستان کے ڈاکٹر مظہر اور روزنامہ عوامی آواز/انجام کے چیف ایڈیٹر جبار خٹک شامل تھے۔



اس مقصد کے لیے ایسے افراد پر مشتمل ایک عوامی کمیشن تشکیل دیا جائے جسے سماج کی تمام پرتوں کا اعتماد حاصل ہو اور یہ کمیشن نذیر عباسی شہید سمیت ماورائے عدالت ہونے والی تمام شہادتوں کے بارے میں رپورٹ پیش کرے اور

اسٹیج سیکریٹری کے فرائض لیبر پارٹی کراچی کے سجاد ظہیر نے سرانجام دیئے، اس موقع پر لیبر پارٹی حیدرآباد کی کامریڈ عرفانہ عبدالجبار نے انقلابی ترانا پیش کیا جبکہ لیبر پارٹی کراچی کے نوجوان انقلابی شآعر مشتاق علی شان نے

کامریڈ نذیر عباسی شہید کو منظوم خراجِ تحسین پیش کیا۔

سندھ کی قومی وحدت کے خلاف عوام کو لڑانے کی ہر سازش کی شدید مزاحمت کی جائے گی

کراچی لیبر پارٹی کے زیر اہتمام آل پارٹیز کے اجلاس میں تبادلہ خیال

(رپورٹ: مشتاق علی شان) مورخہ 14 اگست بروز اتوار، بائیں بازو اور قوم پرست پروگرام رکھنے والی 7 اہم جماعتوں کے رہنماؤں کا ایک روزہ اجلاس بزرگ رہنما یوسف مستی خان کی زیر صدارت کراچی کے ایک مقامی ہوٹل میں منعقد ہوا، جس میں سندھ کی موجودہ بحرانی کیفیت پر تبادلہ خیال اور مشترکہ لائحہ عمل کے امکانات پر مفصل گفت و شنید کی گئی۔ اجلاس میں ورکرز پارٹی پاکستان، جئی سندھ محاذ، لیبر پارٹی سندھ، عوامی پارٹی، نیشنل پارٹی، وطن دوست انقلابی پارٹی اور کمیونسٹ پارٹی آف پاکستان کے رہنماؤں نے شرکت کی، جبکہ اس اجلاس کی میزبانی کے فرائض لیبر پارٹی سندھ نے سرانجام دیئے۔

مشترکہ اجلاس میں حکومت کے حالیہ فیصلوں کے نتیجے میں پیدا ہونے والی صورتحال پر مشترکہ اعلامیہ جاری کرتے ہوئے اسے سندھ کے عوام کو آپس میں لڑانے اور سندھ کی قومی وحدت کو پارہ پارہ کرنے کی سازش قرار دیتے ہوئے اس کی شدید مذمت کی ہے اور کہا ہے کہ سندھ تاریخی اور جغرافیائی طور پر ایک قومی وحدت ہے جس میں کئی ایک لسانی، نسلی اور ثقافتی گروہ آباد ہیں جو سندھی قوم کا حصہ ہیں لہٰذا ایسا کوئی بھی عمل جو سندھی قوم کی جڑت اور عوام کو آپس میں لڑانے کی کوشش ہوگا اسے سندھ کی وحدت پر حملہ تصور کرتے ہوئے اس کے خلاف شدید مزاحمت کی جائے گی۔

مزید براں بعض غیر ملکی سفارت کاروں خصوصاً امریکی اور برطانوی سفارت کاروں کی سندھ کے معاملات میں بڑھتی ہوئی مداخلت اور بعض مسلح گروہوں کی خفیہ اور اعلانیہ پشت پناہی پر کڑی تشویش کا اظہار کرتے ہوئے اسے عوام دشمن اور سندھ کی سالمیت پر حملے کی مترادف قرار دیا۔ اجلاس میں بعض حلقوں کی جانب سے کراچی کو ایک بار پھر مرکزی دارلحکومت بنانے کا مطالبہ کرنے کو ماضی کی طرح دوبارہ کراچی کو سندھ سے علیحدہ کرنے کی سازش قرار دیتے ہوئے ایسے منصوبے کو یکسر مسترد کردیا ہے اور گورنری آرڈیننس کے ذریعے نافذ کردہ ناظمی نظام اور کمشنر نظام دونوں کو اپنے جوہر میں عوام دشمن اور قومی خودمختیاری کے منافی قرار دیتے ہوئے ایک ایسے بلدیاتی نظام کی ضرورت پر زور دیا گیا ہے جو کہ عوام کی جمہوری امنگوں اور قومی وحدتوں کی خودمختیاری میں معاون ثابت ہو۔ اجلاس میں اس امر کا بھی اعادہ کیا گیا ہے کہ پاکستان ایک کثیر القومی ریاست ہے اور اس میں بسنے والی قومی وحدتوں کو یہ حق حاصل ہے کہ وہ اپنے وسائل کے مالک ہوں اور انہیں اپنے مستقبل کے فیصلے کرنے کا مکمل اختیار اور حقِ خود اختیاری ہونا چاہیے۔

دریں اثنا اجلاس کے شرکا نے بلوچستان میں جاری فوجی آپریشن کی کڑی مذمت کرتے ہوئے اس کے فی الفور خاتمے اور تمام گرفتار اور پراسرار طور پر غائب افراد کی بازیابی اور بلوچستان پر بلوچوں کے حقِ حاکمیت کو تسلیم کرنے اور ملک سے جبر پر مبنی عوام دشمن جاگیردارانہ نظام کے خاتمے اور انقلابی نوعیت کی زرعی اصلاحات کا مطالبہ اور انتظامی بنیادوں پر نئے صوبوں کی تشکیل کے منصوبوں کو مسترد کرتے ہوئے ٹھوس تاریخی اور قومی بنیادوں پر

وفاقی اکائیوں کی تشکیل پر زور دیا ہے۔ اجلاس میں ایک 14 رکنی کمیٹی بھی تشکیل دی گئی ہے جو آئندہ کے طعے شدہ اجلاس جو کہ کراچی میں ہوگا، میں مشترکہ نقطئہ نظر اور جدوجہد کے امکانات کا جائزہ لی گی۔

اجلاس کے شرکا میں ورکرز پارٹی کے اختر حسین ایڈوکیٹ، اے آر عارف، صلاح الدین گنڈاپور، لیبر پارٹی کے کامریڈ بخشل تھلھو، کامریڈ لطیف لغاری، ناصر منصور، جئےسندھ محاذ کے عبدالخالق جونیجو اور ایاز ہکڑو عوامی پارٹی کے محمد رمضان میمن، غلام محمد جدون، یوسف خٹک، کیمونسٹ پارٹی آف پاکستان کے کامریڈ امداد قاضی، ڈاکٹر نثار علی شاہ، نیشنل پارٹی کی جان محمد بلیدی، وطن دوست انقلابی پارٹی کے دوست محمد چنا، محمد خان احمدانی اور دستگیر عقیلی شامل تھے۔

کراچي اندر فاشي سياست ۽ جيو، جنگ گروپ خلاف ريلي

حيدرآباد (پ ر) شيم شيم "جيو" شيم، عوام دشمن فاشي سياست مرده آباد ڪراچي ۾ عام شهرين جو ڪوس بند ڪريو، سنڌ جي قومي وحدت خلاف سازشون ختم ڪريو. آزادي اظهار جي هجڻ گهرجي بڪواس جي نه. هر ظلم جو هڪ جواب سوشلسٽ انقلاب. هي هيا اُهي نعرا جيڪي ليبر پارٽي حيدرآباد ۽ سنڌ دوست ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي گڏيل ريلي ۾ هنيا ويا. سوين ماڻهن جي هي احتجاجي ريلي اولڊ ڪيمپس ڪان پريس ڪلب حيدرآباد تائين ڪڍي وئي. ريلي ۾ عورتن ۽ نوجوانن جو وڏو انگ شريڪ هو جنهن کي خطاب ڪندي، SDDP جي اڳواڻ سوجهرو سنڌي چيو ته غير جمهوري قوتون ۽ انهن جي پڇ لٽڪائو ميڊيا سنڌ جي قومي وحدت تي وار ڪري رهيون آهن پر کين خبر هجڻ گهرجي ته سنڌ جو باشعور ۽ باغيرت عوام اهڙي هر سازش کي ناڪام بڻائيندو. جيو چينل سنڌ جي ورهاست تي پروگرام ڪري پنهنجي سنڌ دشمني کي ظاهر ڪيو آهي. جنهن خلاف هر ترقي پسند ۽ وطن دوست ماڻهو کي پنهنجو مزاحمتي ڪردار نڀائڻ گهرجي. هُن وڌيڪ چيو ته جيستائين جيو ۽ جنگ گروپ، سنڌي قوم اڳيان معافي نه ٿا گهرن تيستائين احتجاج جاري رهند. احتجاجي ميڙ کي خطاب ڪندي ليبر پارٽي حيدرآباد جي سيڪريٽري ڪامريڊ محب لغاري چيو ته موجوده سامراجيت جي دور ۾، مدي خارج سرمائيداري نظام عالمي ۽ ڏيهي طور تي پنهنجو بچاءُ مذهبي انتها پسند ۽ نسل پرست سياست ۾ ڳولهيو آهي. مفاهمت جي سياست عوام ۽ پورهيت دشمن اهڙي سياست کي جاري رکڻ جو نانءُ آهي. مفاهمت جي نالي ۾ ئي ڪراچي کي نسل پرستن ۽ فاشي قوتن جي حوالي ڪيو ويو آهي، جيڪي هر روز عام شهرين جو ڪوس ڪري سنڌ ۽ ان جي قومي طبقاتي تحريڪ کي نسل پرستي جي اوڙاهه ۾ اڇلي رهيون آهن. سندن اهڙن مقصدن جي پوراءُ لاءِ جيو ۽ جنگ جي رجعتي مافيائي ميڊيا هر وقت تيار هوندي آهي. آخر ۾ ريلي کي ليبر پارٽي جي فيض ڪيريو، بخشل ٿلهو، جبار انڙ ۽ سنڌ دوست ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي علي کهاوڙ، هدايت دل، مخدوم بلاول، اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو. جن پنهنجي گڏيل اعلان نامي ۾ چيو ته (1) ڪراچي اندر دهشتگردي جو ڪاج بڻجندڙ هر عام شهري جي FIR، فاشي قوتن ۽ هِن رياست تي هڻڻ گهرجي جيڪا کين تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي آهي. (2) جيو ۽ جنگ گروپ پهرين ڏينهن کان رجعت پسندي، مذهبي انتها پسندي ۽ نسل پرستي کي هوا ڏئي رهيو آهي. کين پنهنجي لائين

تبديل ڪرڻي پوندي نه ته عوام سندن ادارن جو گهيراءُ ڪندو. (3) جڏهن ته ڪراچي اندر قتل و غارت جون اصل ذميوار قوتون هي رياست ۽ ان جون نمائنده سياسي قوتون جهڙوڪ MQM، ANP ۽ PPP آهن.

ليفٽ يونٽي حيدرآباد پاران شهيد نظير عباسي جي 31 هين ورسي جي ڏهاڙي تي ريلي ڪڍي وئي

حيدرآباد (پ ر) ليفٽ يونٽي حيدرآباد پاران شهيد نظير عباسي جي 31 هين ورسي جي ڏهاڙي تي، اولڊ ڪيمپس حيدرآباد کان، پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ وڏي انگ ۾ نوجوانن، پورهيتن ۽ عورتن شرڪت ڪئي. شريڪ ٿيندڙن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊز هيا جن تي مختلف نعرا ۽ مطالبا لکيل هئا. جهڙوڪ: 2001ع جو بلدياتي آمريتي نظام نامنظور، مذهبي انتها پسندي نامنظور، ڪراچي ۾ ٽارگٽ ڪلنگ ۽ بلوچستان ۾ سياسي ڪارڪنن جو قتل عام بند ڪريو، لبيا ۽ شام مٿان سامراجي جنگ بند ڪريو. هر ظلم جو هڪ جواب سوشلسٽ انقلاب. شهيد نظير عباسي جي قاتل امتياز بلي کي ڦاهي ڏيو. عورتن خلاف امتيازي قانونن جو خاتمو ڪيو، گرتی ہوئی دیوار کو ایک دھکا اور دو جهڙا نعرا هڻندي ريلي جڏهن پريس ڪلب پهتي ته سون جي تعداد واري جلسي ۾ تبديل ٿي وئي. جلسي کي خطاب ڪندي، ليفٽ يونٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر هريش ڪمار چيو ته نظير عباسي ڏتڙيل ۽ استحصال جي ماريل پورهيت عوام لاءِ اتساهه هيو. سندس جدوجهد جن مسئلن کي حل ڪراڻ لاءِ هئي. اُهي گنڀير صورتحال ۾ اڄ به موجود آهن. غربت، بيروزگاري، سامراجي جارحيت ۽ استحصال، سماج کي آڙاهه ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. ضرورت آهي ته نظير عباسي جي رستي جو پانديئڙو بڻجي، سماجي تبديلي لاءِ جاکوڙ کي تيز ڪجي. بعد ۾ ريلي کي خطاب ڪندي ليفٽ يونٽي ۽ ليبر پارٽي جي رهنما ڪامريڊ بخشل ٿلهو چيو ته اڄ ڪامريڊ نظير عباسي جو غير طبقاتي نظام وارو آدرش، هزارين ماڻهن جو آدرش بڻجي رهيو آهي ڇاڪاڻ ته حڪمران طبقن جي سياست ۽ مفاهمت، عوام کي مذهبي انتها پسندي ۽ نسل پرستي ڪانسواءِ ڀيو ڪجهه به ناهي ڏنو. عوام ڏنو ته ڪيئن ڪراچي ۽ حيدرآباد کي دهشتگردن حوالي ڪري، سڄي سنڌ ۾ ڪمشنري نظام جو خاتمو ڪري، آمريتي نظام بحال ڪيو ويو. اهڙي ريت قومي جمهوري حقن تي راتاهو هڻي، پورهيت عوام کي نجڪاري، مهانگائي ۽ بيروزگاري جي پاتال ۾ اڇليو ويو آهي. هُن وڌيڪ چيو ته قومپرستن جي گهٽائي ايم ڪيو ايم ۽ پ پ پ تي تنقيد ته ٺئي ٿي پر هِن رياست جي عسڪري قوتن، سامراجيت، سرمائيداري ۽ جاگيردارن خلاف ڪجهه به ڪڇڻ سندن لاءِ گناهه ڪبيره آهي. جڏهن ته نظير عباسي جي ڪميونسٽ سياست، استحصال جي ڪنهن هڪ ٻن نه پر سمورين صورتن خلاف هئي. شهيد نظير عباسي اسٽڊي سرڪل جي اڳواڻ، ڪامريڊ عرض منگي، احتجاجي ميڙ سان مخاطب ٿيندي چيو ته هي ملڪ هڪ سامراجي بيٺڪيت آهي ۽ عوام بک بدحالي ۽ بيروزگاري، مهانگائي ۽ بدامني جي ور چڙهيل آهي. اهڙين حالتن کي وڌيڪ برداشت ڪرڻ بجاءِ، سياسي جدوجهد کي تيز ڪرڻ گهرجي ۽ هارين، مزدرون، شاگردن کي مڙي مُٺ ٿيڻ گهرجي. اهو ئي طريقو ۽ واٽ، نظير عباسي جي واٽ آهي. هُن وڌيڪ چيو ته حڪمران طبقن جي ساز باز عوام جي استحصال لاءِ آهي جن خلاف پورهيت طبقي جي نمائندگي ڪندڙ قوتن ۽ پارٽين کي گڏ ٿيڻو پوندو. اڄ جي معروضي حالتن ۾ صحيح سياست صرف ليننزم جي اصولن ذريعي ئي ممڪن آهي. ريلي کي

آخر ۾ ليفٽ يونٽي جي اڳواڻ اقبال ملاح پڻ خطاب ڪيو. انهيءَ سان گڏ ريليءَ ۾ ڪامريڊ تاج مري، محمد خان احمداڻي ۽ پنهل ساريي پڻ شرڪت ڪئي.

کامریڈ نظیر عباسی کو منظوم خراج عقیدت

بونے جو کسی ریت کے ٹیلے پہ کھڑے ہیں
نادان سمجھتے ہیں کہ قامت میں بڑے ہیں

جب دھوپ نِکل جائے گی دیوار کا سایہ
جائینگے کدھر جو پسِ دیوار کھڑے ہیں

دُنیا پہ شہیدوں کے تو احسان ہیں بہت
ہر دور میں یہ جبر کی ظلمت سے لڑے ہیں

ہر عہد نے اک ظُلم کی رُوداد لکھی ہے
تاریخ کے اوراق زمینوں میں گڑے ہیں

تا حشر نہ جائینگے یہ قاتل کی قبا سے
عباسی ترے خون کے چھینٹے جو پڑے ہیں

خاطر میں نہ لائے ہیں قضا کو بھی کبھی ہم
زندان و سلاسل بھی بہت پاؤں پڑے ہیں

اب راہ طلب میں وہی چہرے ہیں فروزاں
وہ چہرے جو زنداں کی فصلوں میں جڑے ہیں

پرچم کے تلے جسکو بھی آنا ہےوہ آجائے
ہم چاک گریباں کئے مقتل میں کھڑے ہیں

شہدا کی عقیدت میں جو اشعار کہے ہیں
اوسط مِرے ہونٹوں سے بہت پھول جھڑے ہیں

اوسط جعفری کراچی

خط – رايا

محترم ايڊيٽر - جيئي سنڌ!

سنڌ جي سياسي ميدان ۾، قومپرست ۽ کاٻي ڌر جي سياست جيتري اڄ نظرياتي طور تي ڪمزور ۽ ويڳاڻي آهي، ماضيءَ ۾ ائين بلڪل نه هو. اڄوڪي نظرياتي، عملي ڪمزورين جو هڪڙو ڪارڻ (ٻيا به ڪيترائي ڪارڻ آهن) پارٽين جي ترجمانن جو نه هجڻ آهي ۽ جيڪڏهن آهن به ته ڇٽني ڇهه ماهي نڪرڻ وارا ۽ انهن ۾ به سنجيده نظرياتي فڪري بحث گهٽ، نالي ۾ نهال انقلابي قيادت (!!؟) جي تعريف ۾ مداحون، مناجاتون ۽ قصيدا گهڻا، جيستائين سنڌ جي ترقي پسند ۽ ليفٽ جي سياست کي سائنسي فڪري بنياد ميسر نه ٿا ٿين، تيستائين اُها اوندهه ۾ ٿاڦوڙا هڻندي رهندي. خاص طور تي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي رسالي جي، جيڪو ڪيڊر سازي ۾ ڪردار ادا ڪري، گهرج اڳي کان وڌيڪ آهي. ليبر پارٽيءَ پاران "سماجواد" جي اشاعت، هڪ سگهاري وک آهي. توهان پاران اهو اعلان ته "سنڌي ۽ اردو "سماجواد" جون ٻوليون هونديون" تي خوشي به آهي ته مونجهارو به. مون کي دنيا جي سيني ٻولين سان پيار آهي، پر ليبر پارٽي پاڪستان پنهنجو اڙدوءَ ۾ ترجمان ڪڍي پئي ته پوءِ "سماجواد" کي به ٻوليائي ڪرڻ جي ڪهڙي گهرج آهي؟ ٻئي پاسي وري اڙدو ڳالهائيندڙ سنڌين لاءِ اهو حق "سماجواد" ۾ تسليم ڪرڻ به جمهوريت پسندي آهي. بهرحال سنڌيءَ ۾ مواد جو تناسب وڌيڪ رکي به ٻه ٻوليائي ميگزين هلائي سگهجي ٿو. باقي رڳو اڙدو واري رسالي کي وسيع عوامي پڙهائي نصيب نه ٿي ٿئي، ان ڪري به جو اسان جي عام پڙهئي لکئي ته ڇڏيو پر رواجي سياسي ورڪر جي اڙدو به اهڙي ناهي جو اخبار (اڙدو) پڙهي سگهي. ليفٽ جي ڪجهه پارٽين (جن جو گهڻو ٽڻو (سئو ڏيڍ ئي سهي) ڪيڊر آهي ئي سنڌي) سي به اڙدوءَ ۾ ترجمان ڪڍي، عوامي ٻولين ڏانهن لاپرواهي ۽ حاڪماڻي ٻولي جي حاڪميت قبول ڪرڻ جو رجحان رکن ٿيون.

"ايم ڪيو ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ آبادي" واري مضمون کي اڳ اخبارن ۾ پڙهي چڪا هئاسين. متوازن نقطئه نظر آهي ۽ مامري کي طبقاتي سائنس جي بنيادن تي سمجهڻ جي چڱي ڪوشش آهي. توهان هڪ هنڌ لکيو آهي ته ساڳي وقت ٻي ڌر جو خيال هو ته "ايم ڪيو ايم ۽ اردو آبادي سنڌ جي سڄڻ ناهي ۽ ڪراچيءَ جي بدامني جي ذميوار آهي" منهنجا سائين! اهڙو نقطئه نظر ڪنهن جو به ناهي ته ڪا اڙدو آبادي سنڌ جي سڄڻ ناهي، سنڌي قومپرستيءَ ۾ نسل پرستاڻا جيوڙا (رڳو سنڌي، نج سنڌي، سنڌي اتحاد، سماٽ جهڙا اصطلاح ڪتب آڻيندڙ) رکندڙ سياسي ڌريون به چونديون آهن ته اسين اڙدو ڳالهائيندڙ عوام جا دشمن ناهيون ۽ نه ئي ان کي سنڌ دشمن سمجهون ٿا، پر اهي ڌريون (جنهن کي توهان ٻي ڌر چئو ٿا) پنهنجي عمل ۽ رويي ۾ ائين ئي آهن، جيئن توهان جو تجزيو آهي. وڏي گمراهي ته "اڙدو ڳالهائيندڙ" مٿئين طبقي پاران پڪڙيل اهو اصطلاح آهي جنهن کي استعمال ڪرڻ تي مان به مجبور آهيان. منهنجو اشارو "اڙدو ڳالهائيندڙ آبادي" ڏانهن آهي. هندوستان مان لڏي آيلن جو وڏو تعداد پنجابين جو هو، جيڪي اولهه پنجاب

۾ آباد ٿيا، باقي سنڌ ايندڙن ۾ اڙدو ڳالهائيندڙ (يو پي، سي پي جا)، گجراتي، مارواڙي، ڪاٺياواڙي ۽ ڪڇي هئا. اڄ قائمخاني، خانزادا، ڇيپا، رانگڙ، ناگوري، ميو، شيخ (ڇگو تعداد) مارواڙي ڳالهائيندڙ آهن ته ٻيو وڏو تعداد گجراتين ۽ ڪڇين جو آهي. تنهنڪري حاڪم طبقن جي اڙدو نوازي جي ڪري محڪوم طبقن ۽ گجراتين، ڪڇين، ڪاٺياواڙين ۽ مارواڙين جي مٿين ۽وچولي طبقي به پنهنجن مفادن خاطر اڙدو ٻولي ۽ ”اڙدو ڳالهائيندڙ“ اصطلاح کي دل سان قبول ڪري ورتو. هاڻي ڇا ڪجي؟ توهان به سوچيندا. ”گولي فاشزم جو دليل آهي“ نثار لغاري جي لکڻي ۽ ”مذهبي بنياد پرستي ۽ سماجي ارتقا“ يونس راهو جو ليک، ٺيڪ ٺيڪ آهن. خاص ڪري يونس راهو جي لکڻي وري به جَسُ لهڻي، هونءَ به يونس راهو کي مون ڦهريون ڦيرو پڙهيو آهي.

اهم مضمون ”وچ اوڀر جي انقلاب جو ردانقلاب“ جيڪو ٿيئري ميسن لکيو آهي، ان جي عنوان تي مون کي ته اعتراض آهي، جيڪڏهن توهان کي هئو ته اهڙو ايڊيٽر نوٽ هئڻ گهرجي ها. وچ اوڀر ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ڇا اهو انقلاب هو؟ ڇو ته انقلاب هڪ سماجي نظام کان ٻئي سماجي نظام ڏانهن تبديل آهي. پيداواري رشتن جي تبديلي ڪانسواءِ ڪابه تبديلي، بغاوت، جهد، کي انقلاب ڪيئن ٿي سڏي سگهجي. اهو ته ٽراٽسڪائين جو شور هو ته مصر ۾ انقلاب پيو اچي، مراڪش ۾ انقلاب پيو اچي، لبيا ۾ انقلاب پيو اچي، جيئن باراڪ اوباما جي ڪٽڻ تي سنڌ جي رهبر سنڌ جي چيف جو موقف هو ته ”اها تاريخي تبديلي آهي، اهو انقلاب به آهي.“

انهيءَ اهم مضمون ۾ سموري سياسي اُٿل پٿل جي پنيان محرڪن جي نشاندهي ۽ سامراجي مداخلت تي ڪافي ڪارائتو مواد موجود آهي، تجزئي جي هڪڙي ڪمزوري اها آهي ته اهو انهيءَ عرب دنيا جي سڄي اٿل پٿل، ڦرلٽ ۾ رجعتي سامراجي دلال طبقي جي ڪردار کي بطور طبقي جي وائکو ڪرڻ جي هڪ خاندان کي اڳيان ڪري ٿو. جيڪڏهن سوديري خاندان کي ڪڍي ڇڏجي ته ڇا سموري عرب دنيا جا رجعت پسند سامراجي دلال حڪمران طبقا، جمهوريت پسند ٿي ويندا؟ فردن ۽ خاندانن جو ڪردار اهم ٿئي ٿو ۽ خاص ڪري ٽين دنيا ۾ ته وڌيڪ، پر سڄي سماجي لقاءَ کي ان جي تابع ڪرڻ سان طبقاتي تحريڪ ۽ دشمن طبقي کي منظرنامي مان پوئتي ڏڪي ڇڏجي ٿو، جنهنجو فائدو اڳي پوءِ سامراجي دلال حڪمران طبقن کي ٿئي ٿو. ٻيو اهم مضمون توهان جو (ايڊيٽر جو) ”ڪيوبا جو انقلاب“ آهي. وڏي تفصيل سان ڪيوبا جي انقلابي سرواڻ فديل ڪاسترو جي جدوجهد کي ۽ ڪيوبائي انقلاب جي پس منظر کي پيش ڪيو ويو آهي. ڪيوبا جو انقلاب، ڪاسترو ۽ چي گويرا، سنڌ جي سياست ۾ ڪم ايندڙ سڀ کان گهڻا حوالا آهن. پر سنڌيءَ ۾ فيڊل ڪاسترو جي تاريخي تقرير ”تاريخ مون کي بيڏوهي قرار ڏيندي“، چي جي ”گوريلا جنگ“ ۽ ”چي گويرا جي ڊائري“ ڪانسواءِ ٻيو ڪو معتبر مواد موجود ناهي، اُتي هي مضمون نه رڳو انقلابي سبق جي ٻيهر پڙهڻي (Revision) آهي پر اهم پاسن جي اوک ڊوک پڻ آهي. انقلابي لٽريچر جي اٿاڻ ۾ گهرج آهي ته اهڙيون لکڻيون گهڻيون هجن ۽ گهڻ پاسائتيون هجن. مثال طور هن ئي مضمون ۾

ڪامريڊ ڪاسترو جي انقلابي گوريلا جدوجهد جي پس منظر ۾ موجود تحريڪن، مزاحمتن، جُهدن تي تفصيل سان لکڻ گهرجي. ڇو ته اهي رڳو ڪامريڊ فيڊل ۽ راول ڪاسترو نه هئا، پر انهن کان اڳ موجود طبقاتي تحريڪون، گوريلا جٿي بنديون ۽ تنظيمون به هونديون/ هيون. جن مقداري مواد کي گڏ پئي ڪيو ۽ ڪاسترو کي معياري موقعو مهيا ڪري ڏنو. ڪيوبا ۾ موجود طبقاتي تضاد، طبقاتي تحريڪن جي نااهلي، ٽريڊ يونين، شاگرد تحريڪ وارن پاسن تي وڏيڪ لکڻ جي گهرج آهي. PSP (پاپولر سوشلسٽ پارٽي)، جيڪو بوار بينز، 26 جولاءِ تحريڪ، نيشنل ڊائريڪٽوريٽ، انهن جي قيام جا سبب، انهن جي جدوجهد ۾ سياسي اهميت تي به لکڻ گهرجي. آمريڪي سامراج جي ڪک ۾ ڪيوبائي انقلاب جو برپا ٿيڻ ۽ اڄ تائين ان جو قائم رهڻ، طبقاتي جدوجهد، سامراج دشمن انقلاب جي برپا ٿيڻ ۾ ويساهه رکڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

"سماجواد" جا ڪجهه مضمون نه پڙهي سگهيو آهيان. هڪ سُٺي ميگزين ڪڍڻ تي واڌايون قبول ڪندا.

توهان جو ياءُ
ننگر چنا، نصير آباد

مان وارا ايڊيٽر

سماجواد جو پهريون پرچو پڙهڻ لاءِ مليو انهيءَ خوشيءَ سان گڏ اها دکدائڪ خبر به پهتي ته آدرش ميگزين کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. هجڻ ته ائين گهرجي ها ته 6 سالن کان هلندڙ آدرش ميگزين کي به جاري رکيو وڃي ها، جنهن سنڌ اندر سنجيده سياسي ادب پڙهندڙ شعور کي متاثر ڪيو هو. بهرحال بخاريءَ جي شعر وانگي "الوداع اي شب گزشته الوداع مرحبا اي صبح بخير مرحبا" جيان سماجواد ٿوري گهٽي فرق سان ساڳئي ايڊيٽوريل بورڊ جي ڪاوشن جي صورت ۾ اسان جي هٿن ۾ آهي. اميد ته ان نظرياتي جدوجهد کي اڳي کان اڳري انداز ۾ جاري رکندا.

فقط
حيدر بخش، نوابشاه


سنڌ جي انتظامي ورچ جو ناڪ آئوٽ